# تذکرہ

# قلندر لعل شہباز رح



مرتب

انور ساگر کانڈرو

# تذكره قلندر لعل شهباز رح

(مضمون ۽ مقالا)

Gul Hayat Institute

# تذڪره قلندر لعل شهباز رح

(مضمون ۽ مقالا)

مرتب

انور ساگر ڪانڍڙو

Gul Hayat Institute

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ڪراچي 2011ع

چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم


كتاب جو نالو: تذكره قلندر لعل شهباز رح
مرتب : انور ساگر كانڌڙو
پهريون ڇاپو: جولاءِ 2011ع
ڪمپوزنگ: سريش ديپال، رميش ديپال
ڪمپيوٽرلي آئوٽ: ظفر آفتاب ابڙو
ڇپيندڙ: پيڪاڪ پرنٽرز، ڪراچي. 0300-2152634
ڇپائيندڙ: عبدالعزيز عقيلي
سيڪريٽري، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ


حضرت لعل شهباز قلندر رح جي 759 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي چونڊ مضمونن ۽ مقالن جي مرتب ڪيل خاص اشاعت

Gul Hayat Institute


ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ
ثقافت کاتو ڪتاب گهر
سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، سرهدايت الله روڊ،
ڪراچي 74400، سنڌ
فون نمبر: 021-99206073

# فهرست


| | مقالي جو عنوان | مصنف جو نالو | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|
| .1 | ڇپائيندڙ پاران | | 7 |
| .2 | ديباچو | | 9 |
| ● | **سيوهڻ:** | | |
| .3 | سنڌ جو قديم شهر سيوهڻ | الله بخش عقيلي | 11 |
| .4 | سيوهڻ- سنڌس ماضي ۽ حال | ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ | 15 |
| .5 | ابن بطوطه جا سيوهڻ بابت تاريخي حوالا | عبدالله ورياهه | 31 |
| .6 | سيوهڻ مان لڌل سڪا | عبدالله ورياهه | 45 |
| ● | **حضرت لعل شهباز قلندر رح سوانح، فڪر ۽ تعليمات:** | | |
| .7 | حضرت مخدوم عثمان مروندي قلندر شهباز رح | حافظ محمد احسن چنا | 56 |
| .8 | قلندر لعل شهباز رح بابت ڪجهه حقيقتون | مولائي شيدائي | 60 |
| .9 | حضرت عثمان مروندي رح | پروفيسر محبوب علي چنا | 64 |
| .10 | عظيم المرتبت صوفي | راڻا يڳوانداس يڳوان | 80 |
| .11 | سخي شهباز قلندر رح | اختر رضوي | 87 |
| .12 | قلندر لعل شهباز رح | سليم هالائي | 94 |
| .13 | سنڌڙي دا شهباز قلندر رح | حبيب الله پٽو | 106 |
| .14 | حضرت شهباز قلندر رح | سيد ابن احسن مارهروي | 114 |


Gul Hayat Institute

| | | | |
|---|---|---|---|
| 15. | اٺو رندو، پيو جامِ قلندر | مسعود احمد | 118 |
| 16. | قلندر شهبازؒ هڪ روحاني معالج | تاج صحرائي | 124 |
| 17. | لعل سائين جو ميلو۽ سيوهاڻي ڪلچر | سيد شاهد حسين سبزوادي | 132 |
| 18. | قلندريات | قلندر شاهه لڪياري | 137 |
| 19. | سوانح حضرت شهباز قلندرؒ | انعام محمد | 147 |
| 20. | عظیم صوفی بزرگ، حضرت لعل شہباز قلندرؒ | ڈاکٹر وفاراشدی | 154 |


Gul Hayat Institute

# ڇپائيندڙ پاران

حڪومت سنڌ جي ثقافت کاتي پاران سنڌ جي ثقافت، ٻولي، ادب، موسيقي، مصوري، لطيفيات، سچل سرمست، شيخ اياز ۽ ٻين اهم علمي، ادبي، تاريخي ۽ ثقافتي موضوعن تي 2008ع کان وٺي ثقافتي سرگرمين/ پروگرامن ۽ اشاعتي سلسلي وسيلي سنڌ شناسيءَ جي جيڪا ڪوشش ڪئي وئي آهي، اها ڪنهن کان به لڪل نه آهي. ڪيترن ئي شاهڪار ڪتابن سان گڏ مهان شاعر شيخ اياز جي مڪمل ڪلام کي ڇهن ٻيرو ضخيم جلدن ۾ نهايت سهڻي نموني شايع ڪرايو ويو آهي. سچل سرمست ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي بهترين تحقيقي ڪتاب شايع ڪيا ويا. اهڙيءَ ريت ٻيا به ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا ويا، جيڪي موضوع ۽ معيار جي لحاظ کان گهڻي اهميت رکن ٿا. سنڌ جي شاعرن، عالمن، اديبن ۽ فنڪارن جا ڏهاڙا ملهايا ويا پر ملڪ جي ٻين شاعرن ۽ فنڪارن جا ڏهاڙا به ملهائي کين خراج عقيدت پيش ڪيو ويو. ان سلسلي جو هڪ مثال اردوءَ جي عظيم شاعر فيض احمد فيض جي سئو ساله جشنِ ولادت جي موقعي تي پيش ڪيل شاندار پروگرام آهي. هن دور کان اڳ ۾ قلندر ۽ سچل سرمست جي ميلي لاءِ ثقافت کاتو فقط گرانٽ ڏيندو هيو. هن ئي دور ۾ قلندر لعل شهباز رح ۽ سچل سرمست جي ميلي لاءِ گرانٽ سان گڏوگڏ قومي

سطح تي ادبي ڪانفرنسون ڪرائڻ شروع ڪيون ويون، نہ رڳو ايترو پر پهريون ڀيرو ميلن جي موقعي تي انهن بزرگن جي ڪلام ۽ پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ شاهڪار ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن.

حضرت لعل شهباز قلندر رح جي 759هين عرس مبارڪ جي موقعي تي محترم انور ساگر ڪانڌڙي، قلندر لعل شهباز رح جي سوانح حيات، سندن قلندرانہ پيغام ۽ سيوهڻ جي تاريخ تي "تذڪره قلندر لعل شهباز رح" جي نالي سان مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل هي ڪتاب مرتب ڪيو آهي. توڙي جو هي مقالا مشهور رسالي نئين زندگي ۽ ٻين اهم ادبي رسالن ۾ شايع ٿيل آهن، پر 1951ع کان 2010ع تائين ڇپيل ڪيترن مقالن مان هي مقالا چونڊي، سوڌي، سنواري ثقافت کاتي کي مهيا ڪيا ويا. جيڪي قلندر لعل شهباز رح جي پيغام ۽ سوانح بابت ٿيندڙ تحقيق ۾ ڪارآمد ثابت ٿيندا. قلندر لعل شهباز رح جي سوانح بابت نوان بحث سامهون اچي سگهندا.

ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو صاحبہ جي ذاتي دلچسپي وٺڻ ڪري ثقافت کاتي ٿوري عرصي ۾ هي ڪتاب قلندر شهباز جي ميلي لاءِ ڇاپرائي پڌرو ڪيو.

عبدالعزيز عقيلي
سيڪريٽري
ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

ڪراچي
14 جولاءِ 2011ع

Gul Hayat Institute

# ديباچو

مخدوم عثمان مروندي بمعروف حضرت قلندر لعل شهباز رح سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم موضوع آهي هن موضوع تي تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي، سندن ڪرامتن تي ته سنڌ ۾ چڱو خاصو ڪم ٿيو آهي، پر عملي ڪردار ۽ ڏنل قلندرانه تعليم بابت تمام گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي، مان توهان کي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته سنڌ ۾ قلندر رح عملي ۽ عقلي ادراڪ وسيلي الله تعاليٰ جو پيغام ماڻهن تائين ڪيئن پهچايو، قلندر لعل شهباز رح هڪ ڳجهو ۽ ڳوڙهو موضوع ضرور آهي؛ پر ڇاڪاڻ ته پاڻ سنڌ ۾ فقط هڪ سال رهيا، پوءِ ايترو معروف و مقبول ڪيئن ٿيا؛ جو اڄ تائين سندن عقيدتمندن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، ان جو جواب اُهو آهي، جو سندن شخصيت ۽ سندن گفتگو ايترو ته پُراثر ۽ باوقار هئي، جو سندن نالو اڄا تائين پيو ڳائجي، ان کان علاوه اُهو گمان غالب آهي ته سندن مقبوليت جا ڪيترائي سهڻا مثال تحقيق وسيلي حاصل ڪري سگهجن ٿا. تاريخدان لکن ٿا ته قلندر رح کان اڳ سيوهڻ شهر پنهنجي اهميت وڃائي چڪو هو، ۽ حڪمرانن سيوهڻ طرف توجه گهٽائي ڇڏي هئي، پر قلندر لعل شهباز رح جي اچڻ کان پوءِ سيوهڻ جي عظمت ۽ اهميت جو اوج موٽي آيو. اهو سڀ ڪجهه لعل شهباز قلندر رح جي سيوهڻ ۾ آمد سبب ٿيو. ۽ سنڌ ۾ اهو مقولو مشهور ٿيو ته ”سيوهڻ شهر ڪڏهن به سمهندو ناهي“ اهو بلڪل سورنهن آنا سچ آهي ته سيوهڻ ۾ هر وقت زندگي جاڳندي رهندي آهي، ماڻهن ۾ روحاني سڪون جو جذبو بيدار ٿيندو رهندو آهي، هر ماڻهو پنهنجي نظريي پنهنجي مسلڪ ۽ پنهنجي عقيدي موجب قلندر رح جي درگاهه تي حاضري ڀريندو آهي،

Gul Hayat Institute

مون قلندر لعل شهباز رح تي ٽن سالن کان سانده ڪم ڪيو آهي، خاص طور تي منهنجي اها ڪوشش رهي آهي ته سڄي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مواد جمع ڪجي، ان مان چونڊ چونڊ سٺا معلوماتي مقالا گڏ ڪري، سنڌ جي ماڻهن ڪي مطالعي لاءِ مهيا ڪيان. قلندر رح بابت نوان موضوع نوان عنوان ۽ نوان رخ پيدا ڪرڻ لاءِ مون اهو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو آهي. ۽ هن ڪتاب ۾ 18 مقالا ۽ مضمون شامل ڪيا اٿم. قلندر رح کي سمجهڻ لاءِ ۽ ملامتي صوفين جي مشرف ڪي سمجهڻ لاءِ، دليلن جي هڪ انبار کي هن ڪتاب جي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ڪتاب تذڪره قلندر لعل شهباز رح جي تياري جي سلسلي ۾ ڊائريڪٽر ڪلچر جناب منظور قناصري صاحب جو مسلسل رابطو رهيو ۽ پاڻ ڪتاب جي تياريءَ جي سيني مرحلن ۾ دلچسپي وٺندي، هن ڪتاب جي ترتيب ۽ تصيح بابت مشورو ڪندا رهيا. ان ڪري مان ڊائريڪٽر ڪلچر جناب منظور قناصرو، ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر جناب محمد رمضان اعواڻ صاحب ۽ سيڪريٽري ڪلچر جناب عبدالعزيز عقيلي صاحب جو پڻ شڪر گذار آهيان. جن صاحبن جي تعاون سان هي ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي، مون کي اميد آهي ته هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ سنڌ جا نوجوان قلندر لعل شهباز رح جي سوانح ۽ پيغام بابت نئي تحقيق سامهون آڻي سگهندا. منهنجي خيال ۾ ته منهنجي اُها ئي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ خدمت آهي.

انور ساگر ڪانڊڙو
گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج
قاسم آباد حيدرآباد
Cell No# 0300-3091683

Gul Hayat Institute

الله بخش عقيلي

# سنڌ جو قديم شهر ”سيوهڻ“

سيوهڻ سنڌ جي نهايت قديم بستي آهي. اڄ کان اٽڪل سوا ٻه هزار سال اڳ جڏهن يونان جو بادشاهه سڪندر اعظم هندوستان جي حملي بعد سنڌ مان لنگهيو، تڏهن سنڌ جي راجا سامبوس هن جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪيا. ان جي گادي جو هنڌ سنڌيمانا هو، جو سيوهڻ جو قديم ۽ اصلي نالو سمجهيو ويو. غالباً جڏهن ڪان هن ملڪ تي ”سنڌو “ يعني درياهه وارو هڪ نالو پيو آهي، تڏهن کان ان جي شهر ”سنڌ يمانا“ جو وجود سمجهڻ گهرجي. جو ٻنهي لفظن جو بنياد ساڳيو آهي. عرب جغرافيه نويسن پنهنجن نقشن ۾ ”سدوسان“ سڏيو اٿس، ان مان بدلبو سيوستان سيهوان ۽ سيوهڻ ٿيو آهي، سنڌ جي فتح وقت مسلمانن جي وڏن شهرن مان پهريائين ديبل پوءِ نيرن ڪوٽ ٽيون نمبر سيوهڻ فتح ڪيو. ان وقت به شهر ڪي چوڌاري قلعو ڏنل هو ۽ رعيت ٻڌ ڌرم جي هئي. ديبل ۽ نيرن ڪوٽ فقط پنهنجن پنهنجن ضلعن جا صدر مقام هو. پر سيوهڻ ان وقت سنڌ جي پنجن صوبن مان خود هڪ هو، جو صدر مقام پڻ هو. ماتحت سمورو اُلهندو ملڪ ڪوهستان بلوچستان پٻ جبل وارو ملڪ ۽ مڪران هئا. هن جو حاڪم راجا ڏاهر جو پائيٽو ڀجي راءِ هو.

عربن جي عهد حڪومت ۾ سنڌ جي شهرن نئين سر رونق ورتي، سيوهڻ به ترقي ڪرڻ لڳو. جڏهن عربن 712 هجري ڌاري منصوره جو بُنياد وڌو ۽ اُن کي سنڌ ۾ عربن جي گادي جو هنڌ قرار ڏنو ويو. تڏهن منصوره جي ويجهڙائي وارن شهرن کي وڌڻ جو وڏو موقعو مليو.

هالا ۽ سيوهڻ منصوره جي ويجهڙائي وارن شهرن تي هئا.

تفاوت فقط ايتري قدر هو، جو سنڌو درياهہ منصوره، هالا ۽ سيوهڻ جي وچ ۾ وهندو هو. منصوره جي اسلامي عربي تهذيب ۽ علم جي روشني سيوهڻ تي پڻ اثر وڌو ۽ سيوهڻ آخر اهل علم ۽ اهل الله جو گهر بڻجي پيو. ستين صدي هجري ۾ درياه جي وهڪري ڦرڻ سبب منصوره ويران ٿيو، ان جي جاءِ هالن ۽ سيوهڻ ورتي ۽ علم ۽ روحانيت جي روايتن کي انهن زنده رکيو. سنڌ ۾ روحانيت جي فيض جو چشمو منصوره جي هباري خاندن ۽ ان جي چشم و چراغ شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني جي ذات مان جاري ٿيو. جيسلمير جي پٽي راجپوت قوم جي هندو راجا جو نوجوان راجڪمار ارجن، شيخ بهاءُالدين ذڪريا جي بيعت ڪري مسلمان ٿيو تہ هن کي هالن وسائڻ جو حڪم مليو. ان جو اسلامي نالو آهي، مخدوم عبدالله پٽي جو هالن جي مخدوم پٽي بزرگن جو وڏو ڏاڏو آهي. ساڳئي وقت شيخ بهاءُالدين ذڪريا جي ساٿي ۽ صحبتي قلندر درويش سيد عثمان مروندي پاڻ لاءِ سيوهڻ منتخب ڪيو ۽ انهيءَ قلندر لعل شهباز رح جي صدقي سيوهڻ جو بخت جاڳيو. حضرت لعل شهباز قلندر يعني سيد عثمان مروندي آذر بائيجان علائقي ۾ مروند شهر جو باشندو هو ۽ حُسيني سادات امام جعفر صادق جي اولاد مان هو ۽ قلندري طريقہ ۾ بابا ابراهيم ڪربلائي جو مُريد هو. بغداد کان ٿيندو سنڌو پهتو. پهريائين ملتان ۾ ڪجهہ وقت رهي شيخ بهاءُ الدين ذڪريا، شيخ فريد الدين گنج شڪر ۽ مخدوم جلال سرخ بخاري سان روحاني صحبتون ڪيائين، اتان سيوهڻ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين، جت هڪ سال بعد 673هہ ۾ وفات ڪيائين. ساري ڄمار مجرد رهيو، شادي ڪانہ ڪيائين، ان زماني ۾ سيوهڻ ڪان اتر سنڌ دهلي جي غلام گهراڻي جي گورنرن جي هٿ ۾ هئي ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ سومرن جو راڄ هو. هڪ صدي بعد 757هہ ۾ سيوهڻ جي حاڪم ملڪ اختيار الدين سندن مقبري تي قبو اڏايو.

Gul Hayat Institute

سيوهڻ اُن وقت کان وٺي ڏکڻ سنڌ لاءِ دروازي جو ڪم ڏيندو رهيو ۽ جڏهن به ڏکڻ سنڌ جي حاڪمن تي ٻاهران حملا ٿيا آهن ته اڪثر حملي ڪندڙ سيوهڻ وٽان داخل ٿيا آهن. ۽ ٺٽي جي حاڪمن سيوهڻ تائين فوج وٺي وڃي مقابلو ڪيو آهي. تاتارين جا حملا سيوهڻ وٽان ٿيا. شاهه بيگ ارغون سمن کان سنڌ سيوهڻ جي لڙائي ۾ فتح ڪئي. همايون پاڄ وقت سيوهڻ کان ٿيندو ايران هليو ويو. اڪبر جي فوج جاني بيگ ترخان کان سنڌ سيوهڻ جي ميدان ۾ فتح ڪئي. سيوهڻ جو پراڻون قلعو ڪلهوڙن جي زماني تائين موجود هو. شاهجهان جي زماني ۾ جڏهن ٺٽي ۾ عمارتون ٺهيون، تڏهن سيوهڻ ۾ به سندس امير سيد پوره عرف ديندار خان بخاري مقبره ڪي فرش لڳارايو ۽ به سجدون ٺهرايون، پڇاڙي ۾ غلام شاه ڪلهوڙي خانقاه جو ٻاهريون وڏو دروازو ٺهرايو.

دهلي جو بادشاهه محمد شاهه تغلق جو گجرات جي باغي سردار جي پٺيان سنڌ ۾ ڪاهي آيو ۽ ٺٽي کان 41 ميلن جي مفاصلي تي درياءَ جي ڪناري ٺي منزل ڪندي فوت ٿي ويو. ان جو مقبرو پڻ سيوهڻ ۾ سمجهيو وڃي ٿو.

ٻيو مقبرو سيوهڻ ۾ نو مسلم درويش چنو آمراڻي جو آهي. سو برهمڻ آباد جي راجا دلو راءِ جو مائيٽو ڀاءُ هو ۽ مسلمان ٿي، حج ڪري، مڪي مان شادي ڪري آيو هو. دلو راءِ جي ظلمن ڪري هو برهمڻ آباد کي پاراتو ڏيئي، سيوهڻ وڃي رهيو ۽ اتي وفات ڪيائين. هن جو مقبرو پڻ شاهجهان جي زماني ۾ ديندار خان بخاري ٺهرايو.

سيوهڻ جي خاڪ مان گهڻيون برگزيده هستيون نڪتيون شاهه بيگ ارغون جي زماني جو مشهور قاضي القضا قاضي قاضن جنهنجو اوائلي سنڌي شعر "بيان العارفين" ۾ ڏنل آهي ان جو پڙاڏو قاضي ابو الخير اصل سيوهڻ جو ويٺل هو. پوءِ لڏي بکر ويو.

قاضي ڏتو سيوهاڻي بن قاضي شرف الدين مخدوم راهو هڪ

ٻي برگزيده هستي آهي جو شيخ محمود سيوهاڻي جي اولاد مان هو ۽ مخدوم بلاول وٽان حديث جي علم ۾ وڏو مرتبو حاصل ڪيو هئائين، هن جو مقبرو باغبان ڳوٺ ۾ آهي. شيخ ميان قادري فاروقي جنهنجو فيض پنجاب تائين پهتل هو ۽ مغل بادشاهه ۽ شهزادا ان جا سلامي ٿيا، سو سيوهڻ جي قاضي سائين ڏني جو فرزند هو. هن جو مقبرو لاهور ۾ آهي. قاضي ڏنو ۽ سندس استاد محدث عبدالعزيز ابهري هروي ۽ انجي فرزندن مولانا اخير الدين ابهري ۽ يار محمد ابهري جي معرفت سيوهڻ ۽ ڪاهات ۾ حديث ۽ تفسير جي تعليم جا بي شمار مرڪز قائم ٿيا. مولانا عبدالعزيز بهري "مشڪواة شريف" جي شرح لکي آهي. پوئين زماني ۾ مخدوم عبدالواحد سيوستاني انهيءَ چراغ جا روشن ترورا هئا. مخدوم عبدالواحد جو "بياضِ واحدي" هن وقت به سنڌ جي فتاويءَ جي بهترين ذخيرو آهي ۽ مخدوم محمد عابد ته سيوهڻ مان نڪري يمن مصر ۽ مدينه شريف وڃي وسايو. ۽ اتي سنڌ جي هڪ برگزيده عالم جي حيثيت ۾ نالو ڪڍيائين، مدينه شريف ۾ ئي فوت ٿيو ۽ جنت البقيع ۾ مدفون آهي.

"رحم الله تعاليٰ اجمعين"

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ

# سيوهڻ - سنڌس ماضي ۽ حال

برصغير پاڪ و هند ۾ سيوهڻ جهڙا پراڻا شهر ڪي ٿورا هوندا، جن ڪي قديم دور کان وٺي لاڳيتي تاريخ هجي. گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ ته ٻيو ڪو به اهڙو شهر نه آهي، جنهن کي قديم، وسطيٰ يا هاڻوڪي دور ۾ اهڙي اهميت حاصل هجي ۽ تباهه ٿي وڃڻ کانسواءِ لاڳيتو قائم هجي. سيوهڻ جي تاريخي حيثيت سڪندراعظم جي ڪاهه کان شروع ٿئي ٿي، جنهن واديءَ سنڌ ۾ 326 ق.م ڌاري داخل ٿي، 324 ق. م ۾ تپڙ ٻڌا ۽ واپس وطن راهي ٿيو.[1] پر سيوهڻ شهر جي موقعي ۽ ايراضي جي مد نظر ائين چئي سگهجي ٿو ته اها ايراضي تمام قديم دور کان انسان ذات جي رهڻ جو هنڌ آهي. سيوهڻ جي ايراضي لڪي جبل جي ڪناري تي آهي، جنهن جي اوڀر ۾ درياهه ۽ اولهه ۾ منڇر جي ڍنڍ آهي، جيتوڻيڪ منڇر کي هاڻي درياهه مان پاڻي ملي ٿو، پر سنڌس اونهائي انهيءَ ڳالهه جو واضح دليل آهي ته اها قدرتي هيٺائين يا کڏ آهي، جنهن کي پراڻي زماني ۾ جبل جون نيون سيراب ڪنديون هيون. اڄ به اهڙيون به نيون جبل ۾ پيل برسات جو پاڻي آڻيو منجهس ڳڏ ڪن، جنهن مان انهيءَ دليل جي تحقيق ٿي ٿئي. منڇر ۾ مڇي به جام آهي ۽ خود منڇر جو نالو به سنسڪرت لفظ "متسيا" ۽ هندي لفظ "ماڇي" يا "ماڇ" مان نڪتل آهي.[2] جنهن جي معنيٰ آهي، مڇي واري يا مڇين سان ڀريل، جيئن ته هن ايراضي ۾ مڇي ۽ ٻيو شڪار جام آهي، پاڻي به ويجهو آهي، ان ڪري انهيءَ خطي، سنڌ جي پهرين اصلوڪي رهاڪن کي هتي گهر ڪري رهڻ لاءِ ضرور لالچايو هوندو، ڇاڪاڻ ته هر ڪنهن ملڪ جا اصلوڪا رهاڪو گهڻو ڪري شڪاري هوندا هئا ۽ سندن گذر شڪار ۽ مڇيءَ تي ئي ٿيندو هو. ٻيتر

---

1. ونسنٽ سمٿ: ص ـ 118
2. ڪننگهام: جلد 1 – ص 265

Gul Hayat Institute

جو پاڻي بہ ڏبجھڙو ملي وڃي تہ پوءِ سڀ سهنج.

سيوهڻ جي پر ۾ لڪي جبل جي ڪڙ وٽ هڪ غار آهي، جنهن کي جاهل ماڻهن ڪٿي زيارت گاهہ بنايو آهي. ڪن ليکڪن جو اهو رايو آهي تہ اهو غار قديم پٿرائين دور ۾ ماڻهن جي رهائش جو هنڌ هو. ❶ انهن ليکڪن شايد اهو غار نہ ڏٺو آهي ۽ جي ڏٺو بہ هجين تہ بہ ان کي پٿرائين دور سان ڳنڍڻ سنئون سڌو ڏکو آهي. اسان جي مسلمان ليکڪن ۾ کوجنا جو مادو بلڪل گهٽ هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ محنت پڄيئي ڪانہ. شل نہ ڪو هندو يا ڪرستان ليکڪ ڪويت ❷ هٽي، پوءِ اُهي انهي ڏکي تي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهندا، ڇاڪاڻ تہ پيرو مل يا گنگا رام هڪ ڳالهہ لکي، اها ڄڻ تہ لوهہ تي ليڪو ٿي ويو. يڪتنيي جي غار يا ٻيون چرون جي لڪي جي چشمن وٽ آهن، ٻڌ مذهب جي شمنين يا هندو جوڳين جون ٺاهيل آهن، جي ماڻهن جي گوڙ کان پري، ٽڪرتاڪي غار ٺاهي وهندا هئا. اهڙا غار لس ٻيلي ۾ هنگلاج ڏانهن بہ گهٽائي ڏنا ويا آهن، جتي شو پنٿي يا ٻڌ مذهب جا جوڳي وڃي رهندا هئا. اهڙو هڪ غار، جنهن کي ”نانگي جي چر“ ڪري ڪوٺين، حيدرآباد جي ڏکڻ ۾ گوليمار وٽ، فوج گاهہ جي سامهون گنجي ٽڪر ۾ آهي، ❸ جنهن کي هڪ جوڳي پنهنجي رهڻ لاءِ ٺاهيو هو. جيئن تہ اهو جوڳي اتي صفا اگهاڙو رهندو هو، ان ڪري انهيءَ کي ”نانگي جي چر“ نالو پئجي ويو. سيوهڻ جي يڪتنيي لاءِ اهو بہ مشهور آهي تہ قلندر شهباز رح اتي وڃي چلو ڪڍيو هو ۽ جيئن تہ اها هندو جوڳين جي جاءِ هئي ان ڪري قلندر صاحب کي جوڳي سمجهي، هندو راجا ڀرتري ❹ يا انهيءَ جو اوتار ڪري سڏيندا آهن. اڄ بہ هندو قلندر کي مڃين ۽ ان کي مسلمانن وانگر پنهنجو بزرگ ڪري ليکن ٿا. اوائلي پٿرائين دور جي ماڻهن ۾ ايتري سمجهہ نہ هئي جو پنهنجي رهائش لاءِ گهر ٺاهي سگهن، ڇاڪاڻ اهو دور قبل مسيح کان پنج لک سال کان ڏهہ هزار

❶ مهراڻ — مارچ 1963

❷ يٽ معنيٰ ڪوڙ(ا ـ س)

❸ انهيءَ چر ۾ بہ هڪ ٿيپ آهي ۽ يڪتنيي وانگر هٿ جي گهڙيل آهي.

❹ ڊيوڊ راس: سنڌ ايوزٽيڊ: ص 47، سمٿ سنڌ گزيٽيئر: جلد 4 ـ ص 48، هيوز سنڌ گزيٽيئر: ص 724

Gul Hayat Institute

سالن جي عرصي، تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ماڻهو اجان ڳالهائي به نه سگهندو هو. ❶ ڳالهائڻ ۽ سمجهه ڪيس پوئين پٿرائين دور ۾ آئي، جو مسيح کان اٽڪل ويهه هزار سال ڪن اڳ شروع ٿيو. جيڪڏهن اهو فهم منجهن هجي ها ته پوءِ مٽيءَ ۽ ڪاٺين مان گهر ناهي سگهيا ٿي، جو تمام سولو آهي، بنسبت جبل ٽڪڻ جي، جنهن ۾ نه فقط محنت صرف ٿي ٿئي، پر وقت جو به زيان آهي. ماڻهو فطرتاً مختصر پسند هوندو آهي ۽ جي ٿوري ۾ سندس ڪم ٿي وڃي ته پوءِ وڌيڪ محنت ڪرڻ پسند نه ڪندو آهي. خاص ڪري سيوهڻ جهڙي گرم علائقي ۾ ويهي چرناهي، اهو ڏاڍو مشڪل آهي. ان ڪري ظاهر آهي ته قديم پٿرائين دور ۾ جيڪي ماڻهو چرن ۾ رهندا هئا، سي سندن ٺاهيل غار نه هئا، پر قدرتي چرون هيون، جي مينهن واءُ يا ٻئي ڪنهن سبب ٺهيل هونديون هيون. پيو ته هڪ يا ٻه ماڻهو ڪن نه رهيا هوندا ۽ هڪڙو ننڍو غار انهيءَ ڳالهه جو واضح دليل آهي ته يڪتنيي هترادو گهڙيل چر آهي ۽ ان جو قديم پٿرائين دور سان ڪو به تعلق نه آهي.

سڪندر اعظم جي ڪاهه وقت سيوهڻ جو شهر موجود هو. جنهن کي سڪندراعظم جي تاريخ نويسن "سندو مانه" جو نالو ڏنو آهي ۽ ان جي راجا کي "سونبوس" سڏيو آهي ❷ هي ايرين جو بيان آهي پر ڪرٽس راجا جو نالو سيبوس يا سيبس ٻڌايو آهي. ڊيوڊ ورس جيتوڻيڪ شهر جو نالو ته نه ڏنو آهي، پر راجا جو نالو سابوس لکيو آهي. ❸ انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي ته بادشاهه جو نالو سبوس- سابو- سبو يا سنموس هو. جنهن ۾ فقط آواز جي ڦير گهير ٿيل آهي. ڪرٽس جو اهو بيان به آهي ته "سندو مانه" جو قلعو سڪندر بارود وجهارائي اُڏايو هو. جنهن ڪري سابوس ويچارو ڀڄي وڃي ويجهڙائي جي جبلن ۾ پناهه ورتي ❹ انهن بيانن مان اهو به ثابت ٿو ٿئي ته درياهه جو وهڪرو سيوهڻ کان گهڻو پري هو. ۽ اهو اپرندي ناري واري ايراضي مان لنگهي وڃي

---

❶ ورلڊ سولائيزيشن: ر. الف ۽ برنس: ص_ 3

❷ ڪننگهام: جلد ا – ص _ 264

❸ وينسٽ سمٿ: ص – 101. اِٽڪن: سنڌ گزيٽر: ص. 86

❹ وينسٽ سمٿ: ص – 101.

شهدادپور جي ويجهو هاڪڙي سان ملندو هو. اهو وهڪرو عربن جي ر تائين قائم هو. جنهن تي ڪلري وغيره جا شهر هئا. ❶ "سنڌو مانہ" جي قلعي فتح ڪرڻ کان پوءِ سڪندر انهيءَ قلعي جي مرامت ڪرائي هئي يا وري نئين نهرايو هو. جو اڄ بہ شهر جي ٻاهران ڏيکاريو ويندو آهي. قلعو ڇا آهي؟ هڪ ڪچي اڏاوت آهي جو هاڻي بلڪل زبون تي پڪي آهي، پر ان جي تپاس ڪرڻ سان ماڻهو جي ڄاڻ ۾ چڱو واڌارو ٿو ٿئي ۽ جيڪڏهن قلعي واري ايراضي کي کوٽايو وڃي تہ شايد سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ نئون باب لکجي وڃي ۽ تاريخ دانن جي ڄاڻ ۾ بہ چڱو اضافو ٿئي. اهو قلعو شهر جي اتر ۾ هڪ وڏي ٿلهي تي ٺهيل آهي، جنهن جي اونچائي چوڌاري ميدان جي سنوت کان اٽڪل 80 يا 90 فٽ ٿيندي. اهو ٿلهو نقلي آهي ۽ گهر ٺاهڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي، جنهن تي ڪافي وقت ۽ خرچ لڳو هوندو. ساڳئي وقت شهر واري ايراضي تي بہ هڪ نظر ڪرڻ سان ائين معلوم ٿو ٿئي تہ اها ايراضي بہ انهيءَ ٿلهي جو هڪ حصو آهي. شهر ۾ قلعي جي وچ ۾ جيڪا ڊگهي ڪڌ آهي اها حقيقت ۾ ڪاهي هئي، جا قلعي جي بچاءِ خاطر ٺاهي وئي هئي. پاڻيجي ٿو تہ ٿلهي جو گهڻو حصو درياهہ پائي ويو آهي ۽ جي بند ٺهيل نہ هجي ها تہ شايد شهر کي بہ ٻوڙي وڃي ها. قلعي جا ڪنڊر ڏيکارين ٿا تہ اهو ٽن چئن دورن جو ٺهيل آهي، پر جي چڱي طرح جانچ پڙتال ڪبي تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ ساڳي ايراضي تي ڪي قديم بستيون بہ آباد ٿيون هونديون، جن جا اهڃاڻ، سڙيل ڪڻڪ، پراڻا سڪا، ٺڪر جي سامان ۽ ڪوئلي مان ملن ٿا. قلعو گهڻو ڪري ڊٺل آهي، جيئن تہ ورهين جي مينهن منجهس گهارا ڪري وڌا آهن ان ڪري منجهائنس پڪون ڪرنديون رهن ٿيون. قلعي جي پاڙ ۾ پيل گهارن کي ڏسڻ سان اهي پراڻيون سرون پيون پسجن جي موئن جي دڙي ۾ ڏٺيون ويون آهن.

سڪندر اعظم کان اڳ سال 515 ق. م ڏاري دارا گشتاشب سنڌ ڏانهن هڪ مهم موڪلي هئي، جنهن جي ڪمان اسڪائيليڪس نالي هڪ يوناني امير البحر جي هٿ ۾ هئي. ايراني لشڪر ٻيڙن رستي پنجاب مان

❶ اصطخري: ص 180، ابن حوقل ص: 323

ٺيندو سنڌ پهتو هو. ❶ پر جيئن تہ انهيءَ مهم جو سڄو احوال ضايع ٿي ويو آهي، ان ڪري سنڌ جي مختلف شهرن بابت ڪو بہ تحقيقي احوال نہ ٿو ملي. عربن جو سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ سيوهڻ جو شهر سيستان جي نالي سان مشهور هو ۽ اهو راجا ڏاهر جي حڪومت جي هڪ وڏي علائقي جو مرڪزي شهر هو. انهيءَ علائقي ۾ سيوستان، ٻڌيہ، جنگان، روبجهان، ڪوهہ پايہ ۽ مڪران وغيره اچي ٿي ويا. ❷ جنهن ڪي هاڻي اتر سنڌ، ٻاگناڙي، قلات، قزدار (خضدار) ۽ مڪران وغيره سان تشبيهہ ڏني وڃي ٿي. چچ نامي ۾ مذڪوره آهي تہ سيوستان سنڌ جو وڏو شهر هو. جنهن جو قلعو مضبوطي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو ۽ انهيءَ قلعي جو گورنر راجا ڏاهر پاران چندر رام هو. ❸ چچ نامي ۾ اهو بہ لکيل آهي تہ اهو شهر راءِ سهاسي ٻئي جي موت کان پوءِ راجا چچ فتح ڪير هو. ❹ راجا چچ اصل ۾ راءِ سهاسي ٻئي جو وزير هو. پر پوءِ راڻي سونهن ديوي سان تعلقات هئڻ ڪري سندس موت کان پوءِ سنڌ جو تخت ڏٺي ٿيو. چچ سان ئي هندو راج شروع ٿيو هو ڇاڪاڻ تہ ان کان اڳ واري گهراڻي (راءِ گهراڻي) جا راجا ٻڌمت جا پوئلڳ هئا ۽ سنڌ جا ماڻهہ بہ گهڻو ڪري ٻڌ مذهب جا مڃيندڙ هئا. اهوئي سبب آهي جو عربن جي ڪاهہ وقت سنڌ جو عوام عربن سان ملي ويو ۽ هندو گهراڻي جي پاڙ پٽجي ويئي.

چچ نامي ۾ ڏنل اهڃاڻن مطابق سيوستان جو شهر ساڳي سيوهڻ واري ايراضي تي اڃيو بيهي، ڇاڪاڻ تہ ڇاڻايل آهي تہ قلعي جي اترين طرف سنڌو درياهہ اڙل ۾ وهي رهيو هو ❺ اڄ بہ اڙل، جنهن مان درياهہ جو پاڻي منڇر ڍنڍ ۾ وڃي ٿو ۽ شهر جي اتر طرف کان وهي ٿو. ان ڪري عربي دور ۾ سيوستان جو سيوهڻ هجڻ جي پڪ ملي ٿي، ڇاڪاڻ تہ بلاذري بہ ان کي "سهيان" لکيو آهي، ❻ ۽ پڻ ابن اشير بہ انهيءَ شهر لاءِ ساڳيو نالو ڏنو آهي. ❼

---

❶ وينسٽ سمٿ: ص ـ 93
❷ چچ نامہ: ص ـ 15
❸ ايضاً: ص ـ 40
❹ ايضاً: ص ـ 119 ❺ ايضاً: ص ـ 119
❻ بلاذري: فتوح العبدان: ص ـ 443
❼ ابن اشير ڪامل جلد ـ 4 ص ـ 258

Gul Hayat Institute

چچ نامون مستند ڪتاب نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ منجهس گهڻو وڌاءُ آهي، ان ڪري چچ نامي مان ورتل حوالن جي پوري طور جانچ پڙتال ڪرڻ ضروري آهي.

سنڌ جو عربن هٿان فتح ٿيڻ کان پوءِ سيوهڻ واپار رستي ٻڌيہ ۽ سجستان سان ڳنڍيل هو. [1] ان وقت سنڌ تي قبضي ڪرڻ لاءِ ان کي وڏي اهميت حاصل هئي. جيڪڏهن سيوهڻ کي سنڌ جي ڪنجي چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو ۽ انهيءَ لاءِ منصور بن جمهور ڪلبي جو مثال ڏيڻ ڪافي آهي. منصور ڪلبي شام ۾ بنواميہ جي شهزادن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، وٺي سنڌ ڏانهن ڀڳو. سنڌ جي گورنر يزيد بن عرار کي منصور ڪلبي جي طبعيت جي خبر هئي ان ڪري هن کيس منصوره جي حدن اندر داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ڏني. منصور کي نيٽ ٿڪجي کان ڪم وٺڻو پيو. جنهن جي وسيلي هن سيوهڻ تي قبضو ڪري ورتو. [2] سيوهڻ تي قبضي ڪرڻ لاءِ پوءِ هن آساني سان يزيد بن عرار کي شڪست ڏيئي قيد ڪيو ۽ پوءِ پٽ سان بيهاري مٿس تير هٽائي مارائي ڇڏيو. سنڌ جي تاريخ ۾ ڏنو ويندو تہ حملا گهڻو ڪري اتر کان ٿيا آهن ۽ سيوهڻ وٺڻ کان پوءِ سنڌ کي فتح ڪرڻ آسان ٿي ويو. سڄي عربي دور ۾، جنهن جو مدو 313 سال هو. [3] سيوهڻ جو شهراڄ تي هو ۽ سندس بيهڪ درياه (مهراڻ) جي اولهندي ڪناري تي ٻڌائي ويئي آهي. [4] هينئر بہ درياهہ ان جي اوير ۾ وهي ٿو. ان وقت سنڌ جا واپاري رستا ٻہ هئا. هڪ ايراني نار جي ڪناري کان مڪران مان ٿيندو ديبل وٽان منصوره ويندو هو ۽ ٻيو وري سيتان کان، پاڳناڙي مان ٿيندو سيوستان ايندو هو. سيوهڻ عربي دور ۾ واپار جو مرڪز هو، ان ڪري هر ڪا شيءِ سستي ۽ گهڻي انداز ۾ ميسر ٿي سگهندي هئي. ماڻهو سڪيا ستابا هئا ۽ شهر پاڻيءَ جي نهرن ۽ چشمن سان ڀريل هوندو هو. [5] اهو ساڳيو احوال سيوهڻ بابت ياقوت حموي پڻ ڏنو آهي جنهن ٻارهين صدي عيسوي جي پڇاڙي ڌاري پنهنجو ڪتاب لکي پورو

Gul Hayat Institute

---

1. اصطخري: مسالڪ العمالڪ : ص – 179
2. تاريخ يعقوبي: جلد ـ 3 – ص ـ 66
3. 313 جو انگ آهي، ڇاڪاڻ تہ بدر جي جنگ ۾ حضور جن سان 313 اصحابي هئا.
4. اصطخري: ص – 175, ابن حوقل : ص – 323
5. ادريسي: نزهت الامشتاق: ص ـ 35

ڪيو هو. هن بہ سيوهڻ جي زرخيزي ۽ شاهوڪاري ڪي سارهيو آهي. [1] عربن جو سلطان محمود هٿان خاتمي ڪانپوءِ سنڌ جي گادي منصورو تباهہ ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ وچي بکرورتي، جو اتر سنڌ ۾ آهي، ان ڪري سيوهڻ جو مان بہ گهٽجي ويو. ڏکڻ سنڌ ۾ وري سومرا زور پئجي ويا، ان ڪري سيوهڻ وچي علائقي شهر رهيو. بکر، جنهن کي ڪن تاريخ نويسن غلطي ڪان منصوره لکيو آهي، سيوستان پرڳڻي جو نالي ماتر شهر ٿي ويو. [2] چون ٿا تہ خراسان جي والي محمد جلال الدين خوارزم شاهہ کي چنگيز خان جي فوج ڊوڙائيندي، سنڌ تائين آڻي ڪڍيو. تڏهن هن درياهہ جي ڪپ تي مردانگي سان مقابلو ڪيو. پر جيئن تہ چنگيز جو ستارو زور هو ان ڪري خوارزم شاهہ شڪست ڪائي سيوهڻ ڏانهن ڀڳو ۽ ان تي قبضو ڪري ويهي رهيو. [3] منگولن کي هندوستان جي گرمي نہ آئڙي ان ڪري واپس افغانستان ڏانهن رخ رکياٿون. خوارزم شاهہ بہ عراق ۾ فوجي مدد جي آسري تي لڳي اوڏانهن راهي ٿيو. پر جيئن تہ قسمت ۾ قتل هئس، ان ڪري قتل ٿي ويو. انهيءَ دور ۾ سيوهڻ ۽ بکر جا شهر ناصرالدين قباچي جي هٿ ۾ هئا، جو ملتان جو گورنر هو. ناصر الدين قباچي جي خاتمي ڪانپوءِ دهلي جي سلطان التمش اُچ ۽ ملتان ملڪ سنجر کي ڏنو ۽ سيوستان (سيوهڻ) قتلغ خان جي حوالي ڪيو هو. انهيءَ کان اڳ اتر سنڌ ۾ غزنوي ۽ غوري گهراڻي جي نالي ماتر حڪومت هئي، جنهن ۾ ڪن ڪن هنڌن تي هندو راجا بہ زور وٺي ويا هئا. انهن مان دلوراءِ الور ۽ برهمڻ آباد جي راجا جو مثال ڪافي آهي، جنهن جو بيان تحفتہ لڪرام ۾ آيل آهي. [4] سلطان قطب الدين ايبڪ جي سڄي دور ۾ التمش جي اوائلي دور ۾ ناصر الدين قباچي ملتان ۽ بکر جو گورنر هو. پر بلبن جي زماني ۾ سندس پٽ شهزادو محمد انهيءَ علائقي جو گورنر ٿيو. سندس گورنري جي دور ۾ شيخ عثمان مروندي (قلندر شهباز) ملتان ويہ هو. شهزادي محمد سوڪڙيون پاڪڙيون موڪلي قلندر شهباز رح جن کي ملتان ۾ رهڻ جو عرض

1. منهاج الدين: طبقات ناصري، ص ـ 143
2. ياقوت حموي: معجم العبلدان: جلد 9 ص ـ 252
3. جويني: جهان ڪشا: جلد 2 ص ـ 147
4. تحفتہ الڪرام: جلد 3 ص ـ 43 ـ 44

Gul Hayat Institute

ڪيو. پر پاڻ سندن ڪو به تحفو قبول نه ڪيائون ۽ سنڌ جو رخ رکيائون. ❶

سلطان جلال الدين خلجي جي زماني ۾ سيوهڻ جو شهر ملتان جي صوبي ۾ هو، جنهن تي نصرت خان کي مقرر ڪيو ويو هو. نصرت خان جي ايامڪاري ۾ صلديءَ خان نالي هڪ منگول سردار سيستان کان حملو ڪري سيوهڻ تي قبضو ڪري ويهي رهيو. نصرت خان کي جڏهن خبر پئي تڏهن ملتان مان هڪ وڏو لشڪر ۽ آتشبازي جو سامان ٻيڙين ۾ ڪٺائي سيوهڻ پهتو. منگول جنگ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيا، پر حملي جي دٻ جهلي نه سگهيا ۽ شڪست کاڌائو. اهڙي طرح سيوهڻ وري نصرت خان جي هٿ آيو. هي معرڪو سلطان علاءِ الدين حلجي جي زماني ۾ پيش آيو هو.

سمن جو راڄ سومرن جي زوال کان پوءِ شروع ٿيو ۽ پهريون سمون بادشاهه، جنهن سڄي سنڌ کي قبضي ۾ آڻڻ جو خيال ڪيو، سو هو ڄام جوڻو بن ٻانڀيڻيو هو. ڪانئس اڳ سندس پيءُ ڄام انڙ سيوهڻ تي. حملو ڪري ملڪ رتن ۽ ٻين ترڪي آفيسرن کي قتل ڪري وڌو هو. ❷ رتن اصل ۾ هڪ هندو هو، پر حساب ڪتاب ۾ ڏاڍو پڙهيل هو، ان ڪري سلطان محمد شاهه تعلق کيس سيوستان ۽ ان جي آس پاس جا پرڳڻا جاگير طور ڏيئي کيس ”سنڌ جي سردار“ جو لقب ڏنو هو. ❸ ڄام جوڻي جي حڪومت جي دور ۾ سما سڄي سنڌ تي قابض ٿي ويا هئا، ان ڪري سلطان علاء الدين خلجي پنهنجي ڀاءُ الغ خان کي ملتان جو گورنر مقرر ڪيو هو. الغ خان ملڪ تاج ڪافوري ۽ تاتار خان کي جي خونريزي ۾ ماهر هئا، سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو هو ❹ انهن جنگين جو ڪجهه احوال ۽ سنڌ جي سورمن جي بهادري بابت، سنڌ جي صوفي شاعر شاهه عبداللطيف به ڳايو آهي. ❺ پر علاء الدين پاڻ سنڌ ۾ ڪڏهن ڪونه آيو. وري ڄام خيرالدين بن ڄام تماچي جي حڪومت جي دور ۾ سلطان محمد شاهه تغلق، طغي غلام جي پويان پوندي، ٺٽي تائين اچي پهتو هو ۽ اتي

❶ تاريخ معصومي: ص ـ 38
❷ تحفته الڪرام: جلد 3، ص 49.
❸ ابن بطوط: عجائب الاسفار: جلد 2، ص 68.
❹ تحفته الڪرام: جلد 3، ص.
❺ سر بلاول ۾ انهيءَ جو بيان آيل آهي

Gul Hayat Institute

گذاري ويو. جون تا تہ فيروز شاهہ سندس لاش ڪٽائي بکر ڏانهن وڏيو هو ۽ سيوهڻ ۾ ڪيس امانت طور دفن ڪرايو هو. ❶ محمد شاهہ تغلق جي قبر ، اڄ بہ يڪتنيي جي پر ۾ هڪ جابلو دڙي ڏيکاري ويندي آهي، پر ان جو ڪوبہ ذڪر تاريخ فيروز شاهي ۾ ڏنل نہ آهي. سمن جي دور ۾ جيئن تہ سيوهڻ جو شهر اتر ۾ هو ۽ ٺٽي کان گهڻو پري هو. ان ڪري ڏسڻ ۾ ايندو تہ اهو گهڻو ڪري ملتان جي گورنرن جي هٿ ۾ رهندو آيو. سمن کان پوءِ ارغون آيا جي اصل ۾ منگول هئا. هن گهراڻي جا فقط ٻہ بادشاهہ ٿيا. هڪ شاهہ بيگ ارغون ٻيو سندس پٽ مرزا شاهہ حسن. شاهہ بيگ اباقہ جي اولاد مان هو. جو هلاڪو بن تولي خان (بن چنگيز خان) جو پٽ هو. جڏهن بابر بادشاهہ افغانستان تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو تڏهن شاهہ بيگ مقابلي جي طاقت نہ ساري بلوچستان ۽ سنڌ تي حملا شروع ڪري ڏنا. ❷ سمن جي پوئين حاڪم چام فيروز مقابلو ڪيو. پر شڪست کاڌائين. نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جا ٻہ حصا ٿي ويا ۽ فيروز کي فقط سيوستان تائين ملڪ مليو. جنهن جون حدون لڪي جبلن تائين هيون. ❸ سيوستان جو شهري ورې بہ ارغونن جي هٿ ۾ رهيو. ورهاڱو ٿوري وقت لاءِ هو. چاڪاڻ تہ ٿوري عرصي شاهہ بيگ سڄي سنڌ تي قابض ٿي ويو. مرزا شاهہ حسن جي حڪومت جي دور ۾ همايون بادشاهہ. شير شاهہ کان شڪست کائي سنڌ ڏانهن ڀڳو هو. تڏهن سيوهڻ تي حملا ڪيا هئائين. چاڪاڻ تہ لاڙ ۾ ڪيس پنهنجي ڪاميابي جي ڪابہ اميد نظر نہ ٿي آئي. سيوهڻ جو گهيرو ست مهينا هليو. جنهن ۾ همايون جي فوج سرنگهون هٽي قلعي جي ديوار بہ ڪيرائي وڌي هئي. سيوهڻ جي ماڻهن نهايت بهادري سان مقابلو ڪيو ۽ ڪريل ديوار جي جاءِ تي ٻي پٽ کڙي ڪري، وڌي. همايون نيٺ لاچار ٿي واپس بکر هليو ويو ۽ قلعو شاهہ حسن جي قبضي ۾ رهيو. مرزا شاهہ حسن جي موت کان پوءِ جڏهن مرزا عيسيٰ ترخان ٺٽي جو بادشاهہ ٿيو. تڏهن سيوسستان بکر سان ڳنڍيل هو. جنهنجو حاڪم مرزا محمود خان هو. مرزا عيسيٰ ترخان جي زماني ۾ پورچيگيز. جن کي تواريخ نويسن فرنگي

❶ تاريخ مبارڪ شاهي: ص 118.
❷ تاريخ معصومي ص 173 ۽ 174
❸ شاهہ بيگ ان وقت سيستان جو حاڪم هو جنهن جو مرڪزي شهر قنڌا آهي

Gul Hayat Institute

لکيو آهي. ٺٽي تي حملو ڪري ڦرلٽ ڪئي هئي، مرزا عيسيٰ ترخان ان وقت سيوهڻ ۾ بکرجي مهم ۾ اتر طرف ويل هو. پورچو گيزن کي حقيقت ۾ مرزا عيسيٰ ترخان گوا مان دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرايو هو. [1] ترخان دور ۾ سيوهڻ پنهنجي اوج تي ٿو ۽ واپار جو وڏو مرڪز هو. انهيءَ جو پتو خلاصته التواريخ مان ملي ٿو، جنهنجو راورٽي حوالي ڏيندي ٻڌائي ٿو ته سيوهڻ جي بندر تي چاليهه هزار ننڍيون ۽ وڏيون ٻيڙيون بيٺل هونديون هيون [2] تي سگهي ٿو ته انهيءَ ۾ وڌاءُ هجي، پر انهي احوال مان سيوهڻ جي شاهو ڪاري ۽ اتي جي ماڻهن جي فارغ البالي جو پتو پوي ٿو.

اڪبرجي دور ۾ مرزا عبدالرحيم خان خانان جاني بيگ جي خلاف سنڌ تي حملو ڪيو هو تڏهن هن به پهرين سيوهڻ کي فتح ڪيو هو [3] ۽ ان بعد هن لاڙ جو رخ رکيو انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي ته سيوهڻ مغلن جي آخري دور تائين به سنڌ جي ڪنجي سمجهي ويندي هئي. سيوهڻ جو زوال مرزا جاني بيگ آندو، جنهن مغلن جي حملي جي خوف کان قلعي جي ٻاهران سڀ گهر ڊهرائي پٽ ڪري ڇڏيا هئا. [4]

ترخان دور جي خاتمي کان پوءِ سنڌ، قنڌار جي حاڪمن جي زير اثر رهي. اتر سنڌ ۾ ڪلهوڙا ۽ دائود پوٽا زور پئجي ويا، جن مان دائود پوٽن شڪارپور جو شهر ٻڌو ۽ ڪلهوڙن وري خدا آباد وجهي وسايو، ان ڪري سيوهڻ پوئتي پوندو ويو. ٽالپرن، حيدرآباد، ميرپور ۽ خيرپور وغيره کي ترجيح ڏني، ان ڪري سيوهڻ جي رهي کهي اهميت به ختم ٿي ويئي ۽ هاڻي هڪ ننڍو شهر وڃي رهيو آهي.

سيوهڻ سليس سنڌي ۾ ٻن لفظن، شو واهڻ مان ٺهيل آهي جنهنجي، معنيٰ آهي شوجو ڳوٺ يا شهر. سنڌ گزيٽيئر ۾ مذڪور آهي ته جنهن جاءِ تي هاڻي شهباز جو مقبرو آهي انهيءَ هنڌ تي شو جو مندر هو جنهنجي پوڄا لاءِ سڄي سنڌ مان ماڻهو ايندا هئا. اهوئي سبب آهي جو قلندر

1. تحفتہ الڪرام، جلد 3، ص 02.
2. راورٽي: مهراڻ ص_319
3. تاريخ معصومي ص _ 252
4. تحفتہ الڪرام ص _ 74

Gul Hayat Institute

پور سڏيو ويندو هو. جو آهستي آهستي شو ڪوٽ ۽ پوءِ شور ڪوٽ ٿي ويو. پروفيسر ووگيل شور ڪوٽ جي ڪنڊرن مان هڪ ٽامي جي پليٽ لڌي آهي، جنهن ۾ انهيءَ شهر جو نالو سبي پور ڏنل آهي. انهيءَ پليٽ تي سنسڪرت ۾ هي اکر لکيل آهن:

”سام 80_3 ماگها سڪلادي روا) ديا _ برتيا ڪارا ٻڌا داس_ اوٽئا پتا_ سبي پور او پاونا_ راڌيڪا _ وهارا_ چتر ديسا سرواسني وادي پيڪشو سمگهاسيا.“

معنيٰ ”83 سال جي ماگھا (مهني) جي (پهرين) اڌ جي پنجي ڏينهن، ٻڌاداس ڳائٽي، هي (پليٽ) سرواستي وادي پوڄارين جي بين الاقوامي ميڙ ڪي، راڌيڪا جي مندر جو سبي پورا جي پارڪ ۾ آهي، نذر ڪئي.“

ٻڌ مذهب جو ”سرواستي وادي“ طريقو ان وقت سڄي واديءَ سنڌ ۾ رائج هو. پليٽ ۾ جيڪو سال ڏنل آهي. گپتا خاندان جي اوائلي دور جو آهي جو 20_319 عيسوي ڌاري شروع ٿيو. انهيءَ حساب موجب هي سال وڃي 403 عيسوي بيهي. سبي قوم جو نالو مهاڀارت ۽ ٻڌ سن جي چتاڪا ۾ بہ ڏنل آهي [1] جنهن مان ثابت ٿو ٿئي تہ هي قوم يا تہ آرين جي هم قوم هئي يا سنڌن اچڻ کان اڳ اتر سنڌ ۽ پنجاب تي قابض هئي برٽش ميوزيم ۾ جيڪي هندوستان جا سڪا پيل آهن انهن مان سڪن تي هي لکيل آهي : ”ماجهيمڪايا سبي _ جنا پدا يعني هي (سڪو) سبي ماڻهن جو آهي جي مڌيا ميڪا ملڪ ۾ رهن ٿا [2] مڌيا ميڪا ناگري ڪي سڏيو ويو آهي جو راجپوتانا ۾ چتور ڳڙهہ جي پاسي ۾ آهي. سبي ڪي رگويد ۾ ڏنل شوي قوم سان بہ مشابهت ڏيئي سگهي ٿي، جن پاروشيني ندي جي ڪناري تي جنگ ڪئي هئي، سيوهڻ ڪي سڪندر جي تاريخ نويسن سندوس لکيو آهي جو عربن بہ پنهنجي ڪتابن ۾ قلمبند آهي جهڙوڪ: سندوستان، سادوسان، شاروسان، سبي (سبي هان) وغيره وغيره سندو مانہ جي معنيءَ آهي. وارو

Gul Hayat Institute

[1] جي. آلن ڪٽالاگ آف ڪوائنس اينسنٽ

[2] اصطخري. سدوسان (ص_175)، ابن حوقل سدوستان (ص _ 323) شادي مقدسي سدوسان (ص _ 477) ادريسي . شروسان (ص_27) ۽ مسعودي: بدوسات (ص_142) لکيو آهي.

(شهر ۽ ساڳي معني اهي مٿيان عربي لفظ رکن. ان ڪري ظاهر آهي تہ هي سنڌ جو مشهور هو. قوم جي پنيان مشهور ٿيو. تاريخي حقيقت مان ظاهر ٿئي ٿو تہ شوجي پوچا وادي سنڌ ۾ واسديو رائج ڪئي هئي جو 140 عيسوي ۾ تخت تي ويٺو [1] چاڪاڻ تہ ڪائونس اڳ انهيءَ خطي ۾ ٻڌ ڌرم جو زور هو ۽ هندو انٽي ۾ لوڻ مثل هئا. ازانسواءِ سيوهڻ جو شهر واسديو کان گهٽو اڳ وجود ۾ اچي چڪو هو ۽ سندس اصلي نالو سبي آستان يا سوي آستان هو. جو آهستي آهستي سيوستان ٿي ويو. سبي يا سوي ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي چاڪاڻ تہ اهو محاوري ۾ بدلجو ويني. سبي يا سوي قوم جو ذڪر چچ نامي ۾ بہ لکيل آهي [2] جنهنجو چچ جي حڪومت جي دور ۾ اتر سنڌ، ياڳناڙي ۽ قلات جي علائقي ۾ زور هو.

سيوسڻ جي آثار قديمہ ۾ هاڻي فقط وڃي قلعو رهيو آهي جتان چيو وڃي ٿو تہ سڪندر اعظم ۽ باختر جي يوناني بادشاهن جا سڪا لڌا ويا آهن[3] اهي يوناني بادشاهہ هي هئا دميتر، بوٿيديس، بوڪريٽائيڊس ۽ مناندر جن جو وادي سنڌ تي اثر هو، پي مشهور جاءِ آهي قلندر شهباز جي درگاهہ ۽ مقبرو جتي هر سال شعبان جي مهيني ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو زيارت لاءِ اچن ٿا.

لب تاريخ سنڌ ۾ ڏنل آهي تہ قلندر مرو کان آيو هو، جيڪو خراسان جو هڪ مشهور شهر هو ۽ هاڻي افغانستان ۾ آهي، انهيءَ کي ميمند بہ ڪري سڏين ٿا [4] پر ڪيترن لي.ڪن جو هو رايو آهي تہ قلندر مرند کان آيو هو. جو آزربائيجان ۾ آهي. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ پوءِ ماڻهو ڪيس ضرور مرندي سڏين ها ۽ نہ مروندي، جنهن نالي سان صدين کان وٺي مشهور آهن. ماڻهو هميشہ محاوري ۾ اڪر ننڍو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ نہ وڌائڻ جي جهڙو ڪ حيدرآباد کي حيدرآد ۽ استيشن کي تيشن وغيره ڪري چئبو آهي. مرند کي مروند چوڻ ذرا غير موزون ٿو لڳي، ازانسواءِ قلندر تيرهين صدي جي

---

1. اي ڪي، هاويل: هسٽري آف آرين رول ان انڊيا: ص 144
2. چچ نامہ: ص 39
3. رچرڊ برٽن: سنڌ ريوزٽيڊ: جلد 2، ص 190
4. لبِ تاريخ سنڌ: ص 6، 7، 8، 9

سندس فيض عام هر هڪنهن لاءِ هو جنهن مان ڪسترن ئي لاڀ پرايو. سندس وفات تحفتہ الڪرام موجب 673هہ (مطابق 1275 عيسوي) سيوهڻ ۾ ٿي [1]. پر ڪتبي ۾ شهباز جي وفات جي تاريخ 21 شعبان 650 ڏنل آهي، جنهنجي تصديق لب تاريخ سنڌ جي مصنف پڻ ڪئي آهي (2) سندن پهريون قبو سلطان فيروز شاهہ تغلق ٺهرايو هو. جنهنجو سال لب تاريخ ۾ 752 ۽ گزيٽيئر ۾ جو ڪتبي تان ترجمو ڪيل آهي 757 هجري آهي. ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ کان اڳي بہ قبو هجي، جنهنجي ٺهرائڻ وغيره جو ڪوبہ ذڪر ڪونہ ٿو ملي. انهيءَ کان پوءِ مرزا شاهہ حسن ارغون جامع مسجد ٺهرائي ۽ ڪائونس پوءِ مرزا جاني بيگ ۽ پٽس درگاهہ ۽ مقبري جي مرمت ڪرائي هئي شاهہ جهان جي درر ۾ سڄي عمارت، خاص ڪري ڇتين ۾ صحن ۾ ڪاشيءَ جو ڪم ڪرايو ويو هو. غلام شاهہ ڪلهوڙي پنهنجي دور ۾ ڪجهہ گنبذ ڏوپ ڪرائي ۽ داخل ٿيڻ واري دروازي ۽ عمارت ڪي ٺهرايو. آخر ۾ مير ڪرم علي خان ٽالپر دروازن تي چانديءَ جو ڪم ڪرايو ۽ پڻ قبي جي ڪنگي چانديءَ جي ٺهرائي هئي.

قلندر شهباز سنڌ جو وڏي ۾ وڏو بزرگ آهي، جنهنجون ڪئين ڪرامتون مشهور آهن. سندس روحاني قوت ۽ بزرگي هيٺين شعر مان ظاهر آهي جو پاڻ چيو اٿس:

من آن درمر کہ در بحر جلال اللّٰه بوده ام
بکوهہ طور با موسيٰ ڪليم اللّٰه بوده ام
ايا ملا! مگن ظاهر سر اسرار مردان را
ندانستي ندانستي کہ سر اللّٰه بوده ام

هن مقالي ۾ هيٺين ڪتابن جي مدد ورتي ويئي:

(1) علي بن قانع ٺٽوي: تحفتہ الڪرام، فارسي (2) مير معصوم بکري: تاريخ معصومي، فارسي (3) محما قاسم بيڪلار: بيڪلار نامہ، فارسي (4) علي بن حامد ڪوفي: چچ نامہ، فارسي (5) منهاج الدين سراج: طبقات

[1] سمٿ: سنڌ گزيٽيئر: ص 49

ناصري، فارسي (6) خداداد خان : لب تاريخ سنڌ، فارسي (7) بلاذري: فتوح البلدان، عربي (8) ابن اثير: ڪامل في التاريخ، عربي (9) اصطخري: المسالڪ والممالڪ، عربي (10) ابن حوقل: صورة الارض، عربي (11) ابن واضح يعقوبي _ تاريخ يعقوبي، عربي (12) شريف ادريسي نزهته المشتاق، عربي (13) ياقوت حموي: معجم البلدان، عربي (14) جويني: تاريخ جهان ڪشا: فارسي (15) ابن بطوطہ: رحلہ يا عجائبب الاسفار : عربي (16)تاريخ مبارڪ شاهي: فارسي (17) قزويني: آثارالبلاد، عربي (18) بشاري مقدسي: احسن التقاسيم، عربي (19) مسعودي: مروج الذهب: عربي (20) گزيٽيئر: ائٽڪن: انگريزي (21) گزيٽيئر: سمٿ: انگريزي (22) رچرڊ برٽن سنڌ (ريوزيٽيڊ) : انگريزي (23) وينسٽ سمٿ انگريزي (24) ڪننگهام : اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا: انگريزي (25) جان الن: ڪئٽلا لاگ آف ڪوائنس آف انيشنٽ انڊيا: انگريزي (26) ويل: هسٽري آف آرين رول ان انڊيا: انگريزي (27) جرنل آف پنجاب هسٽاريڪل

Gul Hayat Institute

عبدالله ورياهه

# ابن بطوطه جا سيوهڻ بابت تاريخي حوالا

سنڌ جي سر زمين تي صدين کان وٺي سياح، مورخ، جاگرافيدان، واپاري ۽ مختلف نمونن سان قسمت آزمائي ڪندڙ ماڻهن ايندا رهيا آهن. انهن مان ڪيترن پنهنجن سفرنامن ۾ مختلف تجربن کي لکيت ۾ پڻ آندو آهي. جنهن ۾ هنن پنهنجي پنهنجي دور ۾ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي شهرن ۽ ماڻهن بابت انتهائي اهم معلومات ڏني آهي. اهڙا واقعا اسان کي سنڌ جي تاريخ متعلق جيڪا معلومات ڏني آهي. اهڙا واقعا اسان کي سنڌ جي تاريخ متعلق جيڪا معلومات مهيا ڪن ٿا. اها ڪنهن ٻئي ذريعي سان ملڻ محال آهي. سنڌ جي تاريخ بابت اهڙيون ئي ڪجهه شاهديون اسان کي اٺين صدي هجري جي شروعات ۾ سنڌ ۾ ايندڙ هڪ عرب سياح ابن بطوطه جي لکيل سفرنامي مان ملن ٿيون:

ابن بطوطه جو پورو نالو محمد بن عبدالله هو. پاڻ 24 فيبروري 1304ع 17 رجب 703هه سومر جي ڏينهن، مراڪش جي شهر طنجه ۾ ڄائو هو. ابن بطوطه سندس خانداني لقب هو. اهو خاندان مراڪش ۾ اڃا به موجود آهي. ابن بطوطه جڏهن پنهنجي سفر جي پڄاڻي ڪري 700هه ۾ وطن واپس وريو ته ڪيس اتي هڪ شهر ۾ قاضيءَ جو عهدو ڏنو ويو. جيڪا سندس خانداني ڪرت هئي، جتي هن سنه 68-1369ع / 771-70هه ۾ وفات ڪئي. هن پنهنجو سفر ٻاويهن سالن جي عمر يعني سنه 1326ع / 726هه ۾ شروع ڪيو. اٺن سالن جي سير ۽ سفر کان پوءِ ابن بطوطه ٽيهن سالن جي عمر ۾ ڪابل کان هلي اچي پهرين محرم 734هه ٻارهين سيپٽمبر 1333ع آچر جي ڏينهن سنڌو درياهه تي پهتو. ابن

Gul Hayat Institute

بطوطه جي سفرنامي مان معلوم ٿئي ٿو ته هو بولان لڪ بلوچستان مان لنگهي ڪاهان کان ٿيندو، جيڪب آباد ضلعي مان، ڪشان اچي؛ سنڌ ۾ داخل ٿيو هوندو.

سندس سنڌو درياهه ٽپڻ وارو معاملو به ڪجهه غور طلب آهي. سندس چوڻ موجب، هو درياهه ٽپي ۽ ڏينهن سفر ڪري جناني شهر مان ٿيندو سيوهڻ پهتو. "جڏهن ته سيوهڻ قديم زماني کان وٺي سنڌو درياهه جي ڪاهي ڪناري تي آباد آهي. ابن بطوطه سيوهڻ پهچڻ کان اڳ پيهر درياهه ٽپڻ جو ذڪر به نه ڪيو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو درياهه جي اصل ۾ وڏي وهڪري بدران سنڌو جي الهندي وهڪري تان ٽپي سنڌوءَ جي ڪاهي پاسي، ان الهندي وهڪري جو ساڄو ڪپ وٺي، لاڙڪاڻي جي هاٽوڪي شهرواري ايراضيءَ جو الهندو پاسو وٺندو، ان وقت قائم شهر "جناني" مان ٿيندو، دادوءَ جي الهندي پاسي کان لنگهي اچي سيوهڻ پهتو. جيڪڏهن ڪي صحيح سمجهجي ته پوءِ "جناني" جو قديم شهر به لاڙڪاڻي ۽ دادوءَ جي وچ واري ايراضيءَ ۾ ڪٿي هجڻ گهرجي. اڃا به ائين چئجي ته اهو قديم شهر جنهن جو نالو به اسان ڪي ڪنهن به تاريخ جي ڪتاب مان نٿو ملي، "موهين جي دڙي" جي ڏکڻ اولهه ۾ ڪٿي موجود هو. جيڪو سنڌو درياهه جي رخ مٽائڻ يا ڪنهن بي آفت سبب بلڪل تباهه ۽ برباد ٿي ويو. جنهن جي قديم آثارن جو به ڪو پتو ڪونه ٿو پوي. سفر جي اڳئين مرحلي ۾ ابن بطوطه سيوهڻ پهتو، جتي ان وقت هندوستان جي بادشاهه محمد بن تغلق. شاهه جي پاران سنڌ تي مقرر ڪيل امير عمادالملڪ سرتيز موجود هو. هن دور ۾ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ملتان هو، جتي امير رهندو هو. ان کان سواءِ اچ، بکر ۽ سيوستان ۾ پڻ سرڪاري ڪارندا رهندا هئا. جيڪي ملڪي حالتن ۽ ٻاهران ايندڙ ماڻهن بابت مڪمل معلومات پنهنجن اميرن معرفت بادشاهه کي دهلي پهچائيندا رهندا هئا.

Gul Hayat Institute

سنڌ جو امير الامراءَ عمادالملڪ سرتيز سلطاني بادشاهه محمد بن تغلق جو نائي ۽ فوج جو سپہ سالار هو. جنهن کي بادشاهه بغاوتن کي منهن ڏيڻ ۽ ڏکين پرڳڻن جي انتظام لاءِ مقرر ڪندو هو. ڪيس ڪجهه عرصو ديوگير جي باغين کي منهن ڏيڻ لاءِ پڻ موڪليو ويو هو. اتان دکن جي بغاوت کي ختم ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو. جتي دولت آباد جي لشڪر جي اڳواڻ سردار حسن گنگو سان مقابلو ڪندي. سنہ 748ھ ۾ مارجي ويو. سردار حسن پوءِ ابوالمظفر علاوالدين حسن گنگو جي نالي سان دکن جي بهمني سلطنت جو باني ٿيو.

سنڌ ان وقت ۾ هندستان جي تغلق حاڪمن جي هٿ هيٺ هئي ۽ سيوهڻ واري علائقي ۾ مقامي سمن ۽ سومرن جو سردار امير نار (چام انڙ) ۽ قيصر رومي حاڪم هئا ۽ سيوهڻ ۾ رهندا هئا. هنن جي فوج ۾ ارڙهين سو سوار هئا. هن شهر ۾ "رتن" نالي هڪ هندو بہ رهندو هو، جيڪو ڪن اميرن سان گڏجي هندستان جي بادشاهه محمد بن تغلق جي درٻار ۾ پهتو. بادشاهه هن کان متاثر ٿي ڪيس "سنڌ سردار" جو لقب ڏيئي ڪيس انهيءَ ملڪ جو حاڪم ڪري سيوهڻ ۽ ان جا پرڳڻا جا گير طور ڏيئي، ڪيس وڏن اميرن واريون نشانيون، نغارا ۽ جهنڊو عطا ڪري روانو ڪيو. سيوهڻ پهچڻ تي (چام انڙ) قيصر لاءِ هن جي اطاعت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو. ٻنهي پاڻ ۾ صلاح ڪري ملڪ رتن کي ماري وڌو ۽ سندس گڏ ڪيل مال ٻارهن هزار دينارن تي قبضو ڪيو. "امير و نار" (چام انڙ) کي سيني پنهنجو سردار مچي ڪيس "ملڪ فيروز" جو لقب ڏنو هن سمورو مال لشڪر کي ورهائي ڏنو. پر لشڪر جي گهٽتائي سبب پنهنجي قبيلي جي ماڻهن ڏانهن هليو ويو. سيوهڻ ۾ باقي بچيل لشڪر قيصر رومي کي پنهنجي سردار بنايو. هن واقعي جي خبر جڏهن سلطان محمد بن تغلق جي مقرر ڪيل سنڌ جي امير الامراءَ عماد الملڪ سرتيز کي پهتي، جيڪو ملتان ۾ رهندو هو ۽ ملتان سيوهڻ ڪان ڏهن

Gul Hayat Institute

ڏينهن جي پنڌ تي هو ته سر تيز لشڪر وٺي سيوهڻ پهتو. قيصر رومي هن جو مقابلو ڪيو ۽ قلعي ۾ قابو ٿي وينو پر آخر جنگ هارائي قيد ٿي قتل ڪيو ويو. عماد الملڪ سر تيز انهن جو مال ضبط ڪيو ۽ روزانو انهن قيدين مان ڪن کي قتل ڪرائي. انهن جو کلون لهرائي. ٻهه سان ڀرائي سيوهڻ قلعي جي پٽ تي ٽنگائي ڇڏيندو هو ۽ ايترا ماڻهو مئا، جو انهن جون سسيون وچ شهر ۾ هڪ ڍڳ جيتريون گڏ ٿي ويون. ابن بطوطه هن واقعي کان پوءِ سيوهڻ پهتو هو ۽ اتي جي هڪ وڏي مدرسي ۾ وڃي رهيو هو. جيڪو قلعي جي سامهون هو. ابن بطوطه مدرسي جي ڇت تي سمهندو هو ۽ جڏهن رات جو سجاڳي ٿيندي هيس ته انهن ٽنگيل، کلن تي اک پوندي هيس ۽ ان وحشت ۾ اچي دل پريشان ٿي ويندي هُيس. نيٺ ان مدرسي کي ڇڏي ساڳئي شهر ۾ وڃي ڪنهن ٻئي هنڌ رهيو.

مٿئين واقعي مان تاريخي معلومات ۽ خاص طرح سمن جي طاقت ۾ اچڻ ۽ هندستان جي بادشاهه محمد بن تغلق جي ڪارندن خلاف بغاوت جرن شاهديون ملن ٿيون. جيڪا سنه 733هه جي ذوالحج مهيني مطابق 1333ع جي آگسٽ مهيني ۾ ٿي گذري هئي.

مٿئين واقعي مان هن ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي ته سنڌ جا حڪمران ”سومرا“ توڙي ”سمه“ جيڪي سنڌ جي لاڙ وارن علائقن تي حڪومت ڪندا هئا. دهليءَ جي سلطانن جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي اچ ۽ ملتان تائين ملڪ قبضي ڪري ويندا هئا، ۽ ڪڏهن دهليءَ مان لشڪر ڪاهي اچي سندن طاقت کي تباهه ڪري، ڪين سنڌ جي لاڙ واري پاسي ڏي ڌڪي ڇڏيندو هو. جڏهن وري سلطاني طاقت ڪجهه ڪمزرو ٿيندي هئي، يا انهن جا گهرو جهيڙا سندن طاقت کي ختم ڪري ڇڏيندا هئا ته سنڌي جوڌا پنهنجي آزاديءَ کي قائم رکندي غلاميءَ جو ڳٽ ڳچيءَ مان ڪڍي آزاديءَ جو اعلان ڪندا هئا.

ابن بطوطه ٻڌائي ٿو ته سنڌ جي امير الامراءِ عمادالملڪ سرتيز

سان گڏ ملتان مان قاضي علاءالملڪ فصيح الدين خراساني بہ مددگار تي پنهنجي لشڪر سان سيوهڻ آيو هو. هن کي اڳتي لاهري بندر وڃڻو هو، جيڪو ان جي علائقي سميت هن کي سلطان محمد بن تغلق جاگير ڪري ڏنو هو. ان وقت لاهري بندر جو ساليانو محصول سٺ لک دينارهوندو هو، جنهن مان ويهين پتي يعني ٽي لک دينار جاگيردار کي ملندا هئا ۽ باقي بادشاهہ محمد بن تغلق جي خزاني ۾ ستونجاهہ لک دينار جمع ٿيندا هئا. لاهري بندر هڪ وڏو شهر ۽ بندرگاهہ هو، جتي يمن ۽ فارس جا تمام گهڻا جهاز ۽ واپاري ايندا هئا.

ابن بطوطہ جي بيان ۾ سنڌ جي لاهري بندر جي ساليانى اپت ۽ سنڌ جي بندرن تي ٿيندڙ واپار ۽ جهاز راني جي خبر پوي ٿي. جيڪو ان دور جي وڻج واپار جي ترقيءَ جو هڪ اهم ثبوت آهي. معلوم ٿيو تہ ان دور ۾ لاهري بندر ئي سنڌ جو اهم ساموندي بندر هو، جتي پرڏيهہ کان جهازن وسيلي مال اچي لهندو هو. جتان درياهہ ۽ خشڪيءَ وسيلي اهو مال سنڌ، هندستان ۽ افغانستان جي مختلف علائقن ڏانهن موڪليو ويندو هو.

هن بيان مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ محمد بن تغلق جي دور ۾ لاهري بندربہ سندس هٿ هيٺ هو، جنهن جي جاگير هڪ خراساني امير جي حوالي ڪئي ويئي هئي، جيڪو آمدني جي ويهن پتي پاڻ ڪڻندو هو، جيڪي ٽي لک دينار ٿيندا هئا.

ابن بطوطہ سويهڻ مان ان خراساني جاگيردار سان سنہ 734هہ/ 1333ع ۾ پنج ڏينهن سنڌو درياهہ ۾ سفر ڪري لاهري بندر ويو ۽ اتي پنج ڏينهن رهي بکر ۽ اچ کان ٿيندو ملتان هليو ويو. جتان مختلف شهرن کان ٿيندو وڃي دهليءَ ۾ سلطان محمد بن تغلق جي دربار ۾ پهتو، جيڪو غير ملڪين کي وڏا انعام اڪرام ۽ عهدا ڏيندو هو. اهي سڀ ابن بطوطہ بہ حاصل ڪيا.

ابن بطوطه هندستان ۾ تمام وڏو عرصو رهيو ۽ مختلف علائقا گهميو، ان دوران هن کي ڪيترا چڱا ۽ خراب واقعا پيش آيا، پر هن مضمون ۾ صرف سنڌ متعلق بلڪ خاص طرح سيوهڻ سان لاڳاپيل واقعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي تاريخي اهميت جون حقيقتون آهن.

مٿي ذڪر ڪيل حقيقتن کان سواءِ ابن بطوطه جي سفر نامي مان نه صرف سندس ٻيو دفعو سيوهڻ ۾ اچڻ ثابت ٿئي ٿو، پر سلطان محمد بن تغلق جو سنه 742هه/ 41-1342ع ۾ ٻيهريون دفعو بادشاهه جي حيثيت ۾ سيوهڻ ۾ اچي ڪافي عرصو رهڻ جي پڻ خبر پوي ٿي. جنهن کي عام طرح ليکڪن ۽ تاريخدانن بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن اهم واقعي جو ڪٿي به ذڪر نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي ان جا نتيجا ڪڍيا ويا آهن ته اهي ڪهڙا سبب هئا جن جي ڪري هندستان جو بادشاهه وڏو سفر ڪري سنڌ آيو ۽ ڪيترا مهينا سيوهڻ ۾ اچي رهيو، سي ڪان ٻيهريائين ابن بطوطه جي ان بيان کي هوبهو ڏسڻ گهرجي ته جيئن سمجهڻ ۾ آ.اني ٿئي.

ابن بطوطه لکي ٿو ته ”جڏهن شيخ شهاب الدين سان ملڻ جي ڏوهه ۾ بادشاهه محمد شاهه تغلق ناراض ٿي پيو ته مون کي اچي ڊپ ورايو، سو پنهنجو سڀ ڪجهه مال دولت ۽ ڪپڙا ورهائي هڪ گداگر جا ڪپڙا پائي تارڪ الدنيا ٿي ويس، انهن ڏينهن ۾ بادشاهه سنڌ جي ملڪ ۾ ويل هو.

جڏهن بادشاهه کي خبر پئي ته آئون تارڪ الدنيا ٿي ويو آهيان. تڏهن مون کي پاڻ وٽ گهرائي ورتائين. ان وقت بادشاهه سيوستان (سيوهڻ) ۾ هو. مان فقيرن جي ڪپڙن ۾ بادشاهه جي سامهون حاضر ٿيس. مون سان بادشاهه تمام نرميءَ سان ٿي ڳالهايو، ۽ وري سندس نوڪري ڪرڻ لاءِ مون کي زور ڪرڻ لڳو پر مون صاف انڪار ڪيو ۽ ڪانئس حجاز جي سفر جي اجازت گهريم، جيڪا هن منظور ڪئي. پوءِ

مان بادشاهہ وٽان هليو آيس ۽ هڪ خانقاهہ ۾ جيڪا ملڪ شير جي نالي سان منسوب هئي، ترسي پيس. هي جمادالثاني جون آخري تاريخون ۽ سنہ 746ھ/1341ع هو. آئون رجب وارو سڄو مهينو ۽ شعبان جي ڏهين تاريخ تائين اتي عبادت ڪندو رهيس. هتي مون پنجن ڏينهن جو روزو رکڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح سان چاليهہ ڏينهن پورا ڪيم. جڏهن چاليهہ ڏينهن پورا ٿيا، تڏهن بادشاهہ مون ڏانهن هڪ زين سميت گهوڙو، ٻانهيون، غلام، خرچ ۽ ڪپڙا موڪلي ڏنا. پوءِ مون اهي ڪپڙا پهريا.

جڏهن آئون بادشاهہ وٽ پهتس، تہ هن منهنجي اڳي ڪان بہ وڌيڪ عزت ڪئي ۽ چيو تہ توکي چين جي بادشاهہ وٽ پنهنجو سفير ڪري ٿو موڪليان. ڇو تہ توکي سير سفر جو شوق آهي.

هن بيان مان خبر پوي ٿي تہ محمد بن تغلق شاهہ هندستان جو بادشاهہ ٿيڻ کان پوءِ پهريون دفعو سنڌ ۾ سنہ 742ھ/ 1341ع ۾ اچي گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا سيوهڻ ۾ رهيو هو. بادشاهہ جي سنڌ ۾ اچي هڪ وڏو عرصو سيوهڻ ۾ رهڻ جي هن واقعي جي ابن بطوطہ جي سفر نامي کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ حوالي مان خبر ڪانہ ٿي پوي ۽ نہ ئي اهو معلوم ٿي سگهي ٿو تہ سلطان جي اچڻ جو سبب ڪهڙو هو.

جڏهن ابن بطوطہ اچي بادشاهہ سان مليو تڏهن جمادالثاني جون آخري تاريخون هيون. جيڪر هن ڪي ويهين تاريخ سمجهجي تہ پوءِ جماد الثاني جا ڏهہ ڏينهن رجب جو سڄو مهينو ۽ شعبان جا ڏهہ ڏينهن، يعني پوڻا پنج مهينا عبادت ۾ گذاريا، جنهن ڪان پوءِ بادشاهہ سلامت هن ڪي انعام اڪرام ۽ اعزاز ڏيئي نوڪريءَ ۾ ٻيهر رکيو ۽ چين ۾ سفير ٿي وڃڻ لاءِ چيائينس.

ابن بطوطہ پنهنجي سفر نامي ۾ ٻڌائي ٿو تہ سيوستان کان ملتان تائين جيڪو سنڌ پرڳڻي جي گاديءَ جو هنڌ آهي، ڏهن ڏينهن جو رستو آهي ۽ ملتان ڪان دارالخلافت دهليءَ تائين پنجاهہ ڏينهن جو رستو

آهي، سندس ان بيان کي سامهون رکي جيڪر غور ڪجي ته ائين سمجهه ۾ ايندو ته بادشاهه محمد بن تغلق سيوهڻ پهچڻ کان پوءِ ابن بطوطه جو حال احوال معلوم ڪري، هن کي سيوهڻ گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليو هوندو ته ان جي دهلي پهچي ابن بطوطه کي سيوهڻ اَچڻ ۾ پڪ سان چار مهينا لڳي ويا هوندا. چار مهينا سفر وارا ۽ ٻه مهينا سيوهڻ ۾ رهڻ وارا ڇهه ئي مهينا بادشاهه محمد بن تغلق جو پڻ سيوهڻ ۾ هجڻ سمجهڻ گهرجي. جيڪو هڪ بادشاهه لاءِ گاديءَ جي هنڌ کان ٻاهر ٻنا ڪنهن سبب جي سيوهڻ ۾ رهڻ ممڪن نٿو نظر اچي.

پر اهو مسئلو ابن بطوطه جي سفر نامي مان ئي حل ٿي وڃي ٿو. هو لکي ٿو ته "سنڌ ۾ ٽپال ٻن قسمن جي ٿيندي آهي. هڪڙي گهوڙي واري ۽ ٻي پيادي. گهوڙي واري ٽپال "اولاق" لاءِ هرچئن ڪوهن يعني ٻن ميلن تي هڪ چونڪي يا "ڊاٻو" هوندو آهي. انهيءَ وچ ۾ ٻه ڳوٺ ٻڌل هوندا آهن. هر هڪ ڳوٺ وٽ پيادو تيار ٿيو بيٺو هوندو آهي. جنهن جي مٿي تي ٽامي جا گهنڊ گهرو ٻڌل هوندا آهن. اهو همراهه ٽپال جو لفافو هٿ ۾ جهلي، گنگهرن واري لٺ هٿ ۾ ڪٽي وٺي ڊوڙندو آهي. هيءَ ٽپال گهوڙن کان ٻه جلد پهچندي آهي. هن طريقي سان ماڻهو، تازا ميوه يا ڪابه گهربل شيءِ پنجن ڏينهن ۾ پهچي ويندي آهي.

مٿئين بيان مان اهو سمجهڻ آسان ٿي پيو ته ابن بطوطه کي هندستان جي بادشاهه محمد بن تغلق کي سيوهڻ ۾ ڇهه مهينا نه پر وڌ ۾ وڌ هڪ مهينو لڳو هوندو؛ پر هن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته بادشاهه ٽن مهينن کان وڌيڪ سنڌ جي سرزمين سيوهڻ تي ترسيل هو. پر اهڙو احوال سواءِ هن سفر نامي جي ٻيو ڪتان ٻه ملي نه سگهيو آهي. جنهن جي آذار تي سندس سيوهڻ ۾ اچڻ جو ڪو واضع سبب بيان ڪري سگهجي.

جڏهن ته بادشاهه جي ٻن سالن کان وڌيڪ عرصو ڏڪار ۽ وبا سبب دارالحڪومت کان ٻاهر رهڻ جي شاهدي ملي ٿي. ابن بطوطه ۽

ٻين تاريخدانن جي لکتين جو جائزو وٺڻ سان ڪجهه حقيقتون هن طرح واضح ٿين ٿيون.

ابن بطوطه موجب جمادي الاول جي نائين تاريخ بادشاهه معبر جي بغاوت کي منهن ڏيڻ لاءِ لشڪر سان روانو ٿيو. ابن بطوطه سال سنه 743هه ڏنو آهي. ٻنهي حوالن کي گڏي اها تاريخ 9 جمادي الاول 742هه مطابق 21 آڪٽوبر 1341ع آچر جو ڏينهن سمجهيو ويندو.

ابن بطوطه کي بادشاهه ويندي مهل قطب الدين مبارڪ شاهه خلجي (716هه/ 730هه) جي مقبري تهرائڻ ان جي سنڀال ۽ غريبن جي کاڌي کارائڻ تي مقرر ڪري ويو. سندس وڃڻ کان پوءِ هندستان ۾ سخت ڏڪار پيو. ايتري قدر جو ماڻهو مئل گهوڙا ۽ ماڻهن جو ماس کائڻ لڳا ۽ اناج جي قيمت ڇهه درهم في مڻ تي وئي.

سلطان جي لشڪر ۾ به اچي وبا پکڙي ۽ پاڻ به بيمار ٿي پيو ۽ ان مهم کي اڌ ۾ ڇڏي موٽي آيو.

ضياءِ الدين برني تاريخ فيروز شاهي ۾ لکي ٿو ته هن دور ۾ ڪيترائي علائقه بادشاهه جي هٿ مان نڪري ويا. ظلمن ۽ ماڻهن کي قتل ڪرائڻ سان به امن امان قائم نه ٿيو. گجرات ۽ ديو گير کان سواءِ ڪوبه علائقو سندس هٿ هيٺ نه رهيو. ڪوبه علائقو حڪومت جي هٿ هيٺ نه رهيو، هر طرف بغاوت پکڙي وئي. بادشاهه محمد بن تغلق ڪاوڙ ۾ جيئن جيئن ماڻهو مارايا تيئن سندس خلاف نفرت وڌندي ويئي. ماڻهن ڏڪار ۽ وبا سبب محصول ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا. بادشاهه ڪجهه ڏينهن دهليءَ ۾ رهي حالتن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي پر حالتون سڌري نه سگهيون. بادشاهه ڪيترا دفعا گهوڙن ۽ مال جي چاري لاءِ لشڪر سميت دهلي کان نڪري گجرات ۽ سنڌ جي علائقن ڏانهن هليو ويندو ۽ وري موٽي ايندو هو. پر تڏهن به مال ۽ ماڻهو مرندا رهيا. ابن بطوطه جي بيان موجب "ڪيس ان دوران شيخ شهاب الدين سان ملڻ جي

ڏوهہ ۾ ڦهري هيٺ رکيو ويو هو. شيخ شهاب الدين جي قتل کان پوءِ هن کي آزادي ملي پر بادشاهہ جي خوف کان وڃي شيخ ڪمال الدين عبدالله غازي جي خدمت ۾ رهيو، جيڪو وڏو عابد زاهد ۽ الله وارو هو. هن ڪيترا مهينا اتي عبادت ۾ گذريا انهن ڏينهن ۾ بادشاهہ سنڌ ملڪ ۾ ويل هو."

شيخ شهاب الدين جو ڏوهہ اهو هو تہ هن بادشاهہ محمد بن تغلق کي عادل چوڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ ڪيس ظالم چيو هئائين، انهيءَ حقيقت تان بادشاهہ جو ڏمر ڏسڻو پيس، ۽ نيٺ شهادت حاصل ڪيائين ابن بطوطہ ان سان هڪ دفعو ملڻ جي ڏوهہ ۾ قابو ٿيو؛ پر ياڳ پلا هئس جو نئين حياتي مليس ۽ جيئن چين روانو ٿيو تہ وري هندستان ڏي منهن نہ ڪيائين.

سنڌ جي آبادي، سرسبزي خوشحالي ۽ مٿين واقعن کي سامهون رکندي اهو چئي سگهجي ٿو تہ بادشاهہ محمد بن تغلق هندستان جي ڏڪار، وبا ۽ بغاوتن کان بيزار ٿي، پنهنجي لشڪر ۽ مال سميت سنڌ جو رخ رکيو ۽ سيوستان يعني سيوهڻ ۾ اچي ديرو ڄمايائين. سنڌو درياهہ جي ڪپ تي ان جا انبار ۽ منڇر جي علائقي ۾ مشهور چراگاهون موجود هيون. جتي ماڻهو ۽ مال کائي پي سگهيا سستا ٿيا. هن علائقي جو حاڪم بہ بادشاهہ جو نائب "عماد الملڪ سر تيز سلطاني" هو، جنهن بادشاهہ ۽ سندس لشڪر جي بي انتها خدمت ڪئي. بادشاهہ هتي پنهنجي پياري ۽ اڪيلي ڌيءَ سان پڻ ملاقات ڪئي هوندي ۽ ڪيترا مهينا آرام، عافيت ۽ سڪون سان گذاريا.

ابن بطوطہ جي ڏنل تاريخ جماد الثاني جي آخر کي جيڪر 20 جمادي الثاني 742هہ / ڇهرين ڊسمبر 1341ع ڇنڇر ڏينهن سمجهجي تہ ڏهين شعبان 712هہ 19 جنوري 1342ع ڇنڇر جي ڏينهن تائين صرف اهي پوڻا ٻہ مهينا ٿي ٿا وڃن ۽ پڪ سان ان کان وڌيڪ ڪجهہ وقت بادشاهہ محمد

بن تغلق سيوهڻ ۾ گذاريا ۽ پوءِ ملتان ڪان ٿيندو وڃي دهليءَ پهتو.

هي سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم واقعو آهي، جنهن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. مان نه صرف هندستان جي تغلق حاڪم محمد شاهه جي سنڌ ۾ اچي ڪافي وقت سيوهڻ ۾ رهڻ جو ثبوت ملي ٿو، پر ابن بطوطه جي بيهر سيوهڻ اچڻ جي پڻ خبر پوي ٿي. جنهن ۾ هو بادشاهه سان ملاقات ڪرڻ کان پوءِ ملڪ شير جي خانقاهه ۾ رهڻ جو ذڪر تو ڪري، جيڪا اصل ۾ سيوهڻ جي اڳوڻي حاڪم "ملڪ علي شير" جي جوڙايل خانقاهه هئي. ابن بطوطه سنڌ مان دهلي ويو ۽ اتان چين جو سفر شروع ڪيائين: جتان موٽي هو پنهنجي ملڪ مراڪش هليو ويو.

سيوهڻ بابت هن تاريخي اهميت جي حوالي جو سواءِ ابن بطوطه جي ٻئي ڪنهن به ذڪر نه ڪيو آهي، جيڪر ابن بطوطه هن کي پنهنجي سفرنامي ۾ شامل نه ڪري ها ته اسانکي ان هاڪاري ۽ ظالم حڪمران جنهن بي پناهه لشڪر سان ٺٽي تي 752هه/1351ع ۾ ڪاهه ڪئي ۽ سنڌو جي ڪپ تي پلو کائي بيمار ٿي مري ويو. جي سنڌس حياتيءَ ۾ سيوهڻ ۾ اچي ڪيترا مهينا رهڻ جي ڪابه سُڌ نه پئجي سگهي ها.

**نتيجا:**

ابن بطوطه جي سفرنامي ۾ سنڌ متعلق ۽ خاص طرح سيوهڻ بابت ڪيترا تاريخي حوالا ملن ٿا، جن کي اسان جي تاريخدانن بلڪل وساري ڇڏيو آهي. جن تي غور ڪرڻ سان اهڙي تاريخي معلومات ملي ٿي، جيڪا ڪنهن به تاريخي ڪتاب مان ملڻ ممڪن ڪونهي.

- ابن بطوطه سنڌ ۾ بلوچستان ڪان ٿيندو، جيڪب آباد ضلعي مان داخل ٿيو هو ۽ سنڌو درياهه جو مکيه وهڪرو نه پر ان جي الهندي وهڪري کي پار ڪري لاڙڪاڻي ۽ دادو وارين ايراضين مان ٿيندو سنه 734هه/1333ع ۾ سيوهڻ پهتو.
- سنڌ تي ان وقت هندستان جي تغلق حڪمران محمد بن تغلق

جو راڄ هو ۽ سندس پاران امير عمادالملڪ سرتيز مقرر ٿيل هو. جنهن جو مرڪز ملتان ۾ هو؛ جيڪو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ سيوهڻ کان ڏهن ڏينهن جي پنڌ تي هو. سنڌ جو امير عمادالمالڪ سرتيزان وقت سيوهڻ جو انتظام درست ڪرڻ لاءِ سيوهڻ ۾ ترسيل هو.

- سنہ 733ھ/1333ع ۾ سيوهڻ جي انتظامہ لاءِ چام انڙ قيصر رومي مقرر ڪيل هئا، پر پوءِ انهن جي مٿان ملڪ رتن کي مقرر ڪيو ويو. جنهن کي هنن پنهي برداشت نہ ڪيو ۽ گڏجي ڪيس قتل ڪري خزاني تي قبضو ڪيائون. چام انڙ لشڪر گڏ ڪرڻ لاءِ سنڌ جي لاڙ واريءَ ايراضيءَ ڏي هليو ويو. قيصر روميءَ کي عمادالملڪ سرتيز ملتان مان لشڪر چاڙهي اچي قيد ڪيو ۽ پوءِ ٻين باغين سميت مارائي ڇڏيو.
- ابن بطوطہ محرم 734ھ/ آگسٽ 1333ع ۾ انهن باغين جون ٻهہ پريل کلون سيوهڻ جي قلعي جي پٽ تي ٽنگيل ۽ انهن جي سسين جو وڏو ڍڳ وچ شهر ۾ گڏ ٿيل ڏٺو هو. جنهن مان بغاوت کي سختيءَ سان ختم ڪرڻ جي شاهدي ملي ٿي.
- سنہ 734ھ/1333ع ۾ سنڌ جي سري وارن علائقن ملتان، اچ، بکر ۽ سيوهڻ کان سواءِ لاءِ جا ڪجهہ علائقا ۽ خاص طرح لاهري بندر تغلق حڪمرانن جي حڪم هيٺ هئا. لاهري بندر ۽ سان لاڳاپيل علائقن بادشاهہ محمد بن تغلق پاران قاضي علاءِالملڪ فصيح الدين خراسان کي جاگير طور مليل هئا. لاهري بندر جو ساليانو محصول سٺ لک دينار (سونا سڪا) هو. ويهين پتي يعني ٽي لک دينار جاگيردارءِ باقي ستونجاهہ لک دينار سلطاني خزاني ۾ جمع ٿيندا هئا. لاهري بندر وڏو بندرگاهہ ۽ سهڻو شهر هو، جتي سڄي دنيا جا جهاز ۽ ماڻهو ايندا هئا.

- سنڌ جا اهم ۽ وڏا شهر پيادن ۽ گهوڙن جي ٽپال وسيلي هندستان جي تختگاهه دهليءَ سان ڳنڍيل هئا ۽ سلطاني فرمان سوڪڙيون ۽ ٻيو ڪابه گهربل شيءِ پنجن ڏينهن ۾ سيوهڻ ڪان دهلي پهچندي هئي.
- هندستان جو سلطان، محمد بن تغلق جيڪو ٺٽي تي ٻي پناهه لشڪر سان ڪاهه ڪري آيو هو ۽ پلو ڪائي سنڌوءَ جي ڪناري 752هه / 1351ع ۾ گذاري ويو. اهو پنهنجي حياتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا جمادي الثاني، رجب ۽ شعبان 742هه مطابق نومبر، ڊسمبر ۽ جنوري 1341ع سيوهڻ ۾ اچي رهيو هو ۽ ابن بطوطه کي دهليءَ مان سيوهڻ گهرائي، اڳيان ڏوهه معاف ڪري چين جو سفير ٿي وڃڻ جو حڪم ڏنائين.
- محمد بن تغلق جو سنڌ ۾ اچي سيوهڻ ۾ ايتري وقت لاءِ رهڻ جو سبب دهليءَ ۾ ڏڪار، بيماري ۽ ملڪ ۾ بغاوتون سمجهڻ ۾ اچن ٿيون. جن کان بچڻ لاءِ سنڌ جهڙي سڪائي ستابي ۽ خوشحال ملڪ ۾ آيا. سندس نالي عمادالملڪ سرتيز سنڌ جو حاڪم هو، جنهن وٽ سڪون سان ڪجھ مهينا رهي پاڻ سيوهڻ ۾ ساهه پٽيائين ۽ سندن گهوڙا ۽ ٻيا جانور منڇر جي علائقي وارن سرسبز ميدانن ۾ گاهه ۽ داڻو چرندا رهيا. خاص طرح سان سيوهڻ بابت متين تاريخي حوالن بابت سواءِ ابن بطوطه جي ڪنهن به ٻئي سياح يا تاريخدان ذڪر نه ڪيو آهي. ۽ نه ئي ڪنهن محقق ان تي روشني وڌي آهي.

Gul Hayat Institute

**مددي وسيلا:**

1. محمد ابراهيم عباسي، (مترجم سنڌي) ابن بطوطه جو سفر سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1976

2. محمد حسين (مترجم اردو) سفرنامہ ابن بطوطہ يعني عجائب الاسفارم بڪ لينڊ ڪراچي. 1961

3. يحيٰ بن احمد عبدالله السيهرندي تاريخ مبارڪ شاهي (فارسي) ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال، بيٽسٽ مشن پريس ڪلڪتو 1931

4. ضياءُ الدين برني، ڊاڪٽر سيد معين الحق (مترجم اردو) تاريخ فيروز شاهي، مرڪزي اردو بورڊ لاهور. 1969

5. محمد قاسم فرشتہ، عبدالحئي خواجہ (مترجم اردو) تاريخ فرشتہ، شيخ غلام علي اينڊ سنز لاهور 1969

6. ابو النصر محمد خالدي، تقويم هجري و عيسوي، انجمن ترقي اردو، ڪراچي. 1952

7. M. Husain Panwahar, Chronological Dictionary of sindh, Institute of Sindhology, Sindh University, Jamshoro 1983.
8. Jamini Manen Banarjee, History of Feroz Shah Tughtuq Progressive Books Lahore, 1976.
9. G.S.P. Freeman Grenville, Then Muslim and Christian Calendars, Oxford University Press, London, 1963.

Gul Hayat Institute

عبداللهورياھ

# سيوهڻ مان لڌل سڪا

قلندر شهباز جي نگري سيوهڻ صدين کان تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهي آهي. هميشہ کان هن سرزمين مان سچ، صداقت ۽ حق جا هوڪرا بلند ٿيندا رهيا آهن. هن علائقي ۾ پٿر واري زماني کان وٺي آبادي جا اهڃاڻ ملن ٿا. سيوهڻ جي آسپاس وارن جبلن جي غارن مان ان دور جي ماڻهن جي استعمال ۾ آيل پٿر جي ٽڪيل اوزارن جو ملڻ ان جي ثابتي ڏئي ٿو. سڪندر اعظم جي حملي وقت سيوهڻ جو راجا سامبس هو. سيوهڻ کي سنديمانا ۽ سيوستان جي نالن سان پڻ سڏيو ويندو هو.

سيوهڻ جي قدامت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ 19 صدي جي شروعات ۾ ڪرنل جيمس ٽاڊ سنڌ جي عالمن جي تحقيق ڪرڻ لاءِ هڪ وفد شيخ ابوالبرڪات جي نگراني ۾ موڪليو هو. جنهن کي سيوهڻ جي قلعي مان هڪ ڪتبو هٿ آيو هو جنهن تي راجا پرتري جو نالو لکيل هو.

اهو ڪتبو هن وقت ڪٿي آهي، ان جي پوري لکيت ڇا هئي ۽ ڪهڙي ٻولي ۾ هئي، ان بابت وڌيڪ ڪا بہ ڄاڻ نہ ملي سگهي آهي.

مٿين سيني ڳالهين کي نظر ۾ رکندي جيڪر سنڌ جي مختلف تاريخي دورن تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ سيوهڻ قديم زماني کان سنڌ جو اهم مرڪزي شهر رهيو آهي. جيڪو قديم آثارن جو ڪاتو سيوهڻ جي قلعي طرف ڌيان ڏئي تہ پڪ سان هتان انتهائي اهم تاريخي معلومات ملي سگهي ٿي.

هن مضمون ۾ سيوهڻ جي قلعي مان هٿ آيل ڪجھہ سڪن

Gul Hayat Institute

جو ذڪر ڪيو ويندو. جيڪي سنڌ جي تاريخ بابت انتهائي اهم دستاويز آهن. جن وسيلي پڪي شاهدي ملي ٿي ته سيوهڻ جي سر زمين تي ڪهڙي دور ۾ ڪهڙي بادشاهه جي حڪمراني هئي ۽ ڪهڙن ملڪن جو هتي وٽج واپار هلندو هو.

جيتوڻيڪ سڪندر اعظم جي سنڌ تي حملي کان وٺي سيوهڻ بابت تاريخي حوالا ملن ٿا. پر اجا تائين اسلام کان اڳ واري دور جو ڪو به اهڙو سڪو نه لڌو آهي جنهن جي آڌار تي ان دور بابت پڪ سان ڳالهه ڇئي سگهجي. ممڪن آهي ته اڳتي هلي، اهڙيون ڪي شاهديون ملن جن جي آڌار تي صحيح تاريخي حقيقتن جو اندازو لڳائي سگهيو.

سيوهڻ مان اوائلي اسلامي دور جو ڪو به سڪو اڃا نه مليو آهي البته سنڌ جي هباري حڪومت جي ٻن حاڪمن عبدالله بن عمر (255 _ 271 هه) ۽ عمر بن عبدالله (300 هه _ 330 هه) جا ٽامي جا سڪا مليا آهن.

عبدالله بن عمر جي سڪي تي هڪ طرف ٻڙين واري گول دائري ۾ لکيل آهي:

"باالله بنو، عبدالله والنصر"

جنهن جي معنيٰ ٿيندي "هي (سڪو) الله لاءِ ۽ عبدالله جي اولاد لاءِ فتح" هن سڪي جي ٻئي طرف ٻڙين واري گول دائري ۾ لکيل آهي:

"لله ، محمد، رسول، الله، عبدالله"

جنهن جي معنيٰ ٿيندي "محمد الله جو رسول آهي ۽ عبدالله واسطي الله جي "هن سڪن تي لکيت ڪوفي رسم الخط ۾ آهي. (1)

عمر بن عبدالله جا ٽامي جا سڪا اڳين سڪن کان ڪجهه ننڍا آهن هنن سڪن جي هڪ طرف:

"با الله بنو، عمروله، النصر"

Gul Hayat Institute

جنهن جي معنيٰ ٿيندي "واسطي الله جي". عمر ۽ ان جي اولاد لاءِ فتح" جڏهن ته ٻئي طرف:

"لله، محمد رسول الله عمر"

جنهن جي معنيٰ ٿيندي "محمد الله جو رسول" عمر هنن سڪن جي لکيت پڻ عربي ڪوفي رسم الخط ۾ آهي. (2)

هبارين جي حڪومت کي محمد غزنوي حملو ڪري ختم ڪيو سندس اقتدار سنڌ جي ڪيترن حصن ۽ سيوستان تي رهيو آهي، پر سندس نالي جو ڪو به سڪو اجا نظر نه آيو آهي. البته راورٽي، ناصري جي صفحي نمبر 88 تي ڄاڻائي ٿو ته محمود غزنوي جا سڪا سنڌ جي ٻين ڪيترن علائقن کان سواءِ سيوستان مان پڻ مليا آهن. جن مان هتي سندس حڪومت جي خبر پئي ٿي.

جڏهن ته 421ھ ۾ سندس گذارڻ بعد ٻئي ڪنهن غزنوي حاڪم جا سڪا هتان نه مليا آهن. جنهن مان ظاهر آهي ته سومرن جو اقتدار جيڪو اڳ صرف سنڌ جي لاڙ واري علائقي ۾ هو. سموري سنڌ ۾ سيوهڻ تائين پهچي ويو. پر اجا تائين سومرن جا جاري ڪيل سڪا به هتان نه مليا آهن.

سن 571ھ ۾ سلطان شهاب الدين محمد بن سام غوري اچ ۽ سنڌ جي ڪن علائقن کي فتح ڪري علي ڪرماخ کي گورنر مقرر ڪيو. اڳتي هلي (589ھ_1193ھ) سندس اقتدار سموري هندوستان ۽ سنڌ تي قائم ٿيو ۽ سمنڊ تائين ملڪ سندس حڪومت ۾ شامل ٿيو.

سلطان شهاب الدين محمد بن سام غوري جا ٽامي جا سڪا سيوهڻ جي قلعي مان مليا آهن جن جي لکيت عربي رسم الخط ۾ آهي. هنن سڪن جي هڪ طرف لکيل آهي:

"ابوالمظفر محمد بن سام"

جڏهن ته ٻئي طرف ٻڙين جي گول دائري ۾ لکيل آهي:

"السطان العظم عزالدنيا والدين" (3) سلطان محمد غوري جي قتل ٿيڻ بعد (602 هه) سندس غلام قطب الدين ايبڪ کي دهلي جي حڪومت ملي ۽ سندس هڪ ٻئي غلام ناصرالدين قباچہ کي اچ، ملتان ۽ سنڌ جي حڪومت حاصل ٿي ۽ سن 625هه تائين سندس حڪومت قائم رهي.

ناصرالدين قباچہ جي نالي جو هڪ ننڍڙو سڪو ٽامي جو سيوهڻ مان مليو آهي. جنهن جي هڪ طرف لکيل آهي:

"جه (قباجه)"

هن سڪي جي ٻئي طرف گول دائري ۾ لکيل آهي:

"صر (ناصرالدين)"

سڪي جي ٺپي وڏي هجڻ ۽ سڪي جي سائيز ننڍي هجڻ سبب سڪي جي لکيت پوري نظر نٿي اچي. (4) ناصرالدين قباچہ کان پوءِ سنڌ تي دهلي جي غلام گهراڻي جي حاڪمن پاران بکر ۽ سيوهڻ تي حاڪم ايندا رهيا ۽ سندن نالي جو سڪو پڻ هتي جاري رهيو پر سيوهڻ مان قطب الدين ايبڪ (602هه _ 607هه) شمس الدين التمش (607 _ 633هه) رڪن الدين فيروز شاهہ (34_633هه) رضيہ سلطانہ (634 هه_607هه) ۽ عزالدين بهرام شاهہ (637هه _ 639هه) جو ڪو بہ سڪو اجا تائين نہ مليو آهي.

سيوهڻ مان علاوالدين مسعود شاهہ (639 هه_ 644هه) جو جاري ڪيل ٽامي جو هڪ سڪو لڌو آهي، جنهن جي هڪ طرف لکيل آهي:

ڏڳي جي تصوير جي مٿان هندي ۾ "علاوالدين"

هن سڪي جي ٻئي طرف تي پڻ هندي ۾ لکيل آهي:

گهوڙي سوار جي سامهون "شري هميره" (5)

هن کان پوءِ دهلي جي حڪمران ناصرالدين محمود (644هه_

Gul Hayat Institute

664ھ) ٿيو ۽ هن جي ٽامي جا سڪا پڻ هٿ ملن ٿا. جن تي هڪ طرف:
چوڪنڊي ۾ "السلطان الاعظم ناصرالدنيا و الدين" لکيل آهي ۽ سڪي جي ٻئي طرف لکيل آهي:
گهوڙي سوار جي مٿان عربي ۾ "محمود" ۽ سامهون هندي ۾ "شري هميره" (6) ناصرالدين محمود کان پوءِ صرف بکر ۾ حاڪم رهندو هو پر پاڻ مغلن جو ملتان کان پيڇو ڪندو سيوهڻ تائين آيو هو. هن حڪم ڏنو ته سيوهڻ ۾ ڌار حاڪم مقرر ڪجي. هن کان پوءِ غياث الدين بلبن (664ھ_ 686ھ) هندوستان جو تخت ڏٺي ٿيو هند سنڌ ۾ سندس سڪو رائج ٿيو. سيوهڻ مان سندس دهلي جا جاري ڪيل ٽامي جي سڪا مليا آهن جيڪي ٻن مختلف قسمن ۽ ڌار ڌار وزن جا آهن. سندس سڪي جي هڪ طرف لکيل آهي:
"السلطان الاعظم غياث الدنيا والدين"
۽ ٻئي پاسي گول دائري ۾ "بلبن" ۽ ان جي چوڌاري هندي ۾ "شري سلطان غياث الدين" لکيل آهي. (7) جڏهن ته ٻيو به ٽامي جو آهي، پر هن سڪي کان وزن "غياث الدنيا والدين" لکيل آهي (8) غياث الدين بلبن جي دور ۾ هيٺين علائقن ۾ سندس پٽ سلطان مقرر ٿيل هو. سندس لاڙو خدا وارن ڏانهن وڌيڪ هو. شيخ بهاوالدين ذڪريا رحمت الله عليه ملتان وارو ۽ شيخ فريدالدين شڪر گنج رحه اجودن وارو ان وقت جا مشهور بزرگ هئا. سلطان محمد انهن جي صحبت ۾ گهڻو گذاريندو هو، پاڻ علم جو قدردان دلي چاهه رکندڙ هو. قلندر شهباز عليه الرحمته جنهن جي نالي سان هن وقت سيوهڻ کي سڃاتو وڃي ٿو سو به ملتان ۾ ساڻس ملاقاتي ٿيو. سلطان محمد هن الله واري کان انتهائي متاثر ٿيو ۽ ڪوشش ڪيائين ته پاڻ ملتان ۾ رهي پون، پر پاڻ سنڌ جي هن باوقار شهر سيوهڻ ۾ رهڻ پسند ڪيائون. سن 662ھ ۾ هتي اچڻ بعد مستقل رهائش اختيار ڪيائون ۽ هتي جي ماڻهن کي پنهنجي فيض ۽ برڪت

سان نوازيندا رهيا ۽ سيوهڻ الله وارن جو مرڪز بنجي ويو. پاڻ 673 هه ۾ وفات ڪيائون ۽ هتي ئي دفن ٿيا. جتي اڄ به ڪروڙين ماڻهو ڪهي اچي سندن مزار مقدس جي زيارت ڪن ٿا. سلطان محمد 682هه ۾ چنگيز خان مغل جي لشڪر کي ملتان ڏانهن اچڻ کان روڪيندي لڙائي ۾ شهيد ٿيو ۽ تاريخ ۾ "خان شهيد" جي نالي سان مشهور ٿيو. غياث الدين بلبن کان پوءِ عزالدين ڪيقباد (689 هه) دهلي جو تخت ڏٺي ٿيو هن جا جاري ڪيل سڪا به سيوهڻ ۾ لين ٿا. سندس ٽامي جي سڪي تي گول دائري ۾ هڪ طرف:

"السلطان الاعظم"

۽ ٻئي پاسي گول دائري ۾ لکيل آهي:

"عزالدنيا والدين" (9)

عزالدين ڪيقباد جي گذارڻ بعد سندس پوين مان ڪنهن به ٻوٽو نه ٻاريو ۽ هندوستان جي حڪمراني جلال الدين فيروز شاهه خلجي (689هه _ 695هه) هٿ ڪئي. اهڙي طرح خلجي دور حڪومت شروع ٿيو.

جلال الدين خلجي جا جاري ڪيل ٽامي جا سڪا پڻ سيوهڻ مان مليا آهن جن جي هڪ طرف:

"السلطان الاعظم جلال الدنيا والدين"

۽ ٻئي طرف چوڪنڊي ۾ "فيروز شاهه" ۽ ان جي پاسن کان هندي ۾ "شري سلطان جلال الدين". (10)

جيتوڻيڪ جلال الدين خلجي کان پوءِ سندس پٽ رڪن الدين ابراهيم شاهه (695هه) چند مهينن لاءِ دهلي جو حڪمران ٿيو. سندس نالي جو ڪو به سڪو هتان نه ملي سگهيو آهي. جلد ئي علاوالدين محمد شاهه خلجي (695هه _715هه) حڪومت پنهنجي هٿ ڪئي. هن جي نالي جا ٻن قسمن جا ٽامي جا سڪا سيوهڻ مان لين ٿا. هڪ قسم جي سڪن جي عبارت هڪ طرف آهي:

Gul Hayat Institute

”السلطان الاعظم علاوالدنيا والدين“

ٻئي طرف گول دائري ۾ ”محمد شاه“ ۽ ان جي چوڌاري هندي ۾ ”شري سلطان علاؤالدين“ ۾ ان سان گڏ هندي ۾ تاريخ لکيل آهي جيڪا ڪتجي وڃڻ سبب صحيح طرح پڙهڻ ۾ نٿي اچي. (11)

سندس ٻئي قسم جي سڪن تي ٻن گول دائرن جنهن جي وچ ۾ هڪ ٻڙين جو دائرو پڻ آهي لکيل آهي:

”السلطان الاعظم“

هن سڪي جي ٻئي پاسي هڪ گول دائري ۾ لکيل آهي:

”علاؤالدنيا والدين“ (12)

سندس حڪومت دوران مغلن سيوهڻ جي قلعي تي حملو ڪيو هو، پر سندس سنڌ تي مقرر ڪيل گورنر نصرت خان انهن ڪي پڇائي ڪڍيو.

ان سموري عرصي دوران سنڌ جي هيٺين لاڙ واري علائقي ۾ سومرن جو زور وڌندو رهيو. هن کان پوءِ سيوهڻ ۾ قطب الدين مبارڪ شاهه خلجي (716هه_ 720هه) جا سڪا ملن ٿا. هي سڪا گول ۽ چوڪنڊا ضرب ڪيا ويندا هئا. جن جي هن طرف لکيل آهي:

”الامام الاعظم قطب الدنيا والدين ابوالمظفر 720“

جڏهن ته ٻئي طرف گول دائري ۾:

Gul Hayat Institute

”مبارڪ شاهه خليفه الله“

۽ ان ۾ جي پاسن کان لکيل آهي:

”السلطان الواثقه بالله امير المومنين“ (13)

قطب الدين مبارڪ شاهه کان پوءِ خلجين جي حڪومت پوري ٿي ۽ غياث الدين تغلق (720هه_ 725هه) تغلقن جي حڪومت جو بنياد وڌو. هن وقت تائين سندس سڪو سيوهڻ مان نه لڌو آهي، پر سندس پٽ محمد بن تغلق (725هه_ 752هه) جا ٽامي ۽ پتل جا سڪا لڀن ٿا.

سندس جاري ڪيل پتل جا سڪا سون ۽ چاندي جي بجاءِ هلندا هئا. تنڪو سندس چاندي جو سڪو هوندو هو، پر هن 730هه ۾ پتل جي سڪن کي تنڪو ڪري هلايو هو. سندس اهڙي ئي هڪ سڪي تي هڪ طرف لکيل آهي:

گول دائري ۾ "من اطلاع السلطان فقد اطلاعِ الرحمٰن" ۽ ان جي چوڌاري "درتخت گاهه دولت آباد سال برهفتصدسي" معنيٰ تيندي، تخت گاهه دولت آبا مان سن 730هه ۾ سڪو جاري ٿيو. سڪي جي ٻئي پاسي لکيل آهي:

"مهر شد تنڪه رائج در روزگار بنده اميدوار محمد تغلق (14)

پر جلد ئي محمد تغلق جو هي تجربو ناڪام ٿيو. گهر گهر ۾ ضربخانه کلي پيا ۽ ڪيس هي سڪا واپس وٺڻا پيا. محمد تغلق جي دور ۾ ئي 734هه ۾ جام انڙ بادشاهه حاڪم ملڪ رتن کي سيوهڻ ۾ قتل ڪري سمن جي حڪومت جو بنياد وڌو ۽ اڳتي هلي سموري سنڌ تان سومرن ۽ تغلقن جو اقتدار ختم ٿيو. نتيجي ۾ محمد تغلق سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ ٺٽي جي پرڳڻي ۾ بيماري سبب گذاري ويو. فيروز شاهه تغلقن (752هه_ 790هه) تاج ۽ تخت جو مالڪ ٿيو ۽ محمد تغلق کي عارضي طرح سيوهڻ ۾ حضرت قلندر شهباز جي درگاهه نزديڪ دفن ڪري پاڻ دهلي روانو ٿيو. ساڳئي سال سوندن ڪان سيوهڻ ايندي يا سيوهڻ جي قلعي ۾ فيروز شاهه تغلق "ساحتِ سنڌ" جي نالي سان سڪا جاري ڪيا هئا. پر اهڙو ڪو به سڪو سيوهڻ مان نه مليو آهي. هتان مليل سڪن جي هڪ طرف:

"فيروز شاه سلطاني"

۽ ٻئي طرف لکيل آهي:

"دارالملڪ دهلي" (15)

فيروز شاهه تغلق جا ٻيا سڪا به ٽامي جا آهن، پر اڳين سڪن

ڪان سائيز ۽ وزن ۾ گهٽ آهن. هنن سڪن جي هڪ طرف لکيل آهي:

"فيروز شاه"

ٻئي پاسي جي لکيت آهي:

"دهلي" (16)

فيروز شاهه تغلق جي گذاري وڃڻ (790هه) بعد تغلقن ۾ ڪو به نالي وارو حاڪم نه ٿيو. جيتوڻيڪ پوءِ به (815هه تائين) سندن اقتدار دهلي تي قائم رهيو، پر سنڌ ۾ سمن حاڪمن دهلي جي ڪمزوري سبب خودمختياري جو اعلان ڪيو. ڪڏهن خود مختياري ته ڪڏهن دهلي جي حاڪمن جي هٿ هيٺ رهيا ٿي. سندن گجرات جي حاڪمن سان تمام ويجها دوستانه ناتا هئا، جيڪي پوءِ وڏي مائٽي تائين پهتا. گجرات جي حاڪمن جا سڪا به سنڌ جي وڻج واپار ۾ رائج هوندا هئا. سيوهڻ مان گجرات جي حاڪمن جا سڪا پڻ مليا آهن ڪجهه سڪا سلطان احمد شاهه (84هه _ 846هه) جا آهن هنن سڪن جي هڪ طرف چوڪنڊي ۾ لکيل آهي:

"احمد شاهه السطان"

ٻئي پاسي تي سندس لقب هن طرح لکيل آهي:

"ناصر الدنيا والدين" (17)

گجرات جي ٻئي حاڪم محمود شاهه (863هه _ 917هه) جا سڪا پڻ ملن ٿا. جنهن کي عام طرح محمود بيگڙو ڪري سڏيو ويندو آهي. سندس سڪي جي هڪ طرف چوڪنڊي ۾:

"محمود شاهه السلطان"

۽ ٻئي طرف لکيل آهي:

"ناصر الدنيا والدين" (18)

مٿين ٻن گجراتي حاڪمن کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو سڪو هتان نه مليو آهي.

دهلي تي تغلق حڪمراني ڪان پوءِ سيدن جو نالي خاطر اقتدار رهيو (817هه- 847هه) ۾ سنڌ تي سمن حڪمرانن جام فتح خان (816 هه_ 831هه) جام تغلق جوڻي (821 هه_ 857هه) جي حڪمراني رهي، پر سندن ڪو به سڪو نه مليو آهي سيدن ڪان پوءِ (855 هه) لوڌين جي حڪومت شروع ٿي سندن پهريون حاڪم بهلول لوڌي (855 هه_894هه) هو. سندس نالي جا دهلي مان جاري ڪيل چاندي گڏيل ٽامي جا سڪا سيوهڻ مان ملن ٿا جن جي هڪ طرف:

"المتوڪل علي الرحمان بهلول شاه سلطان بحضرت دهلي"

۽ ٻئي پاسي تي لکيل آهي:

"في زمن امير المومنين خلدت خلافت 882" (19)

ڪانئس پوءِ سڪندر لوڌي (923 هه_894هه) حاڪم ٿيو هن جا سڪا به ساڳئي نموني جا آهن انهن تي لکيت هڪ طرف هن ريت آهي:

"المتوڪل علي الرحمان سڪندر شاه بهلول شاه سلطان بحضرت دهلي"

ٻئي طرف جي لکيت آهي:

"في زمين امير المومنين خلدت خلاف 902" (20)

دهلي جي سلطانن ۾ آخري سڪو هندستان جي پٺاڻ حاڪم شير شاه سوري (947هه_952هه) جو آهي. هي سڪو وزن ۾ مٿي ذڪر ڪيل سيني سڪن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي، هن جي هر طرف چوڪنڊي ۾:

"في عهد امير الحامي 950"

"السلطان العادل فريد الدنيا والدين"

۽ پاسن ڪان:

"السلطان العادل فريد الدنيا والدين"

لکيل آهي، هن سڪي جي ٻئي طرف به هڪ چوڪنڊي ۾ لکيل آهي:

Gul Hayat Institute

"شير شاهہ سلطان ضرب آگره" (21)

۽ پاسن تي

"ابو المظفر خلد الله ملکہ"

لکيل آهي.

Gul Hayat Institute

حافظ محمد احسن چنا

# حضرت مخدوم عثمان مروندي "قلندر شهباز رح"

حضرت قلندر لعل شهباز جو نالو مبارڪ عثمان هو. پاڻ حُسيني سيد هو. سندن نسب تيرهين پيڙهين سان حضرت امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه تائين رسي ٿو. سندن والد جو اسم مبارڪ سيد ڪبير الدين هو. ڪن جو چوڻ آهي ته سيد ابراهيم نالو هوس. سندن ڄمڻ ۽ وڏڻ ويجهڻ جي جاءِ مروند جو ڳوٺ هو. جو آذر بائيجان ۽ تبريز جي علائقن ۾ آهي. سندن والد جو مقبرو اتي آهي. پاڻ سن 538 هجري ۾ تولد ٿيا هئا.

پاڻ جڏهن عرصہ دنيا تي آيا، تڏهن ساري عمر شادي اصل ڪانه ڪيائون ياد الاهي ۾ اهڙو ته مزو اچي وين جو دنيا وهنوار ٿي وسري وين پڇاڙي تائين انهيءَ حالت ۾ رهيا انڪري سندن اولاد ڪونه ٿيو. حضرت قلندر لعل شهباز رح، حضرت بابا ابراهيم جا مريد. بابا ابراهيم شاه جمال مجرد جا مريد هئا. قلندر شهباز پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ رهي ڪماليت حاصل ڪئي. تنهن ڪان پوءِ ڪين مرشد هٿان خرقو خلافت جي اجازت جو ملين ۽ هڪڙو پٽڪ، جو حضرت شهباز تي مقبري جي سيراندي ڪان اڄ تائين لٽڪيل آهي. سو بابا ابراهيم ڏنو. جو هن ڪي پنهنجي مُرشد شاه جمال مجرد ڪان مليو هو ۽ اهو حضرت امام زين العابدين رضہ جي مبارڪ هٿن جو آهي. مخدوم صاحب انهيءَ پٽڪ ڪي ڳچي ۾ ٻڌي ڇاتيءَ تي لٽڪائي ڇڏيندا هئا. انهيءَ ڪري انهيءَ پٽڪ

Gul Hayat Institute

ڪي گلوبند سڏيو ويو آهي. اهڙي طرح خرقهٔ خلافت ڏيڻ وقت هڪ عصا (لٺ) به قلندر شهباز رح کي مرشد ڏني هئي. اها به اڄ تائين درگاهه ۾ رکيل آهي. جڏهن لعل شهباز خير سان سنڌ ڏي آيا ٿي تڏهن سفر جي وقت اهي شيون سيد علي بغدادي جي حوالي ۾ هيون، جنهن کي قلندر شهباز جو وزير سڏيندا آهن. اهي ٻئي شيون سيد علي سيوهڻ تائين کڻي آيو هو.

سندن مرشداڻو سلسلو حضرت امام رضا ۽ امام موسيٰ ڪاظم ۽ امام جعفر صادق، امام زين العابدين ۽ امام حُسين شهيدِ ڪربلا ۽ حضرت علي مرتضيٰ ڪرم الله وجه ۽ حضرت سيد المرسلين سرور ڪائنات سان وڃي ملي ٿو.

ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي ته قلندر رح اُن کي چوندا آهن: جو دنيا جو تارڪ هجي ۽ ياد الاهي ۾ سڄاڳ لاڳاپن ۽ نفس جي خواهش ۽ لذتن کان آزاد هجي. ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي ته قلندر رح انهيءَ کي چوندا آهن جو ٻنهي جهانن سان بي لاڳاپي هجي، جيڪڏهن ٿورڙي کڻي لاڳاپو رکيائين ته اهو قلندري طريقه کان دور چئبو. قلندرن کي خلق جي خرابي ۽ آبادي جي پروا نه هوندي آهي. هنن جي ڪوشش هوندي آهي ته نفساني عادتون ۽ رسمون گهٽائجن ۽ عملي ڪم ڪجن ۽ دنيا ئي ٻنڌڻ ۾ ماڻهن سان رکڻ ملڻ کان هو آزاد هوندا آهن ۽ هو هميشه فارغ ۾ خوشدل گذاريندا آهن. حضرت شهباز رح نه فقط اهل باطن هئا: پرهو ظاهري علوم جا به علامه هئا: هو حافظ ڪلام الله پڻ هئا: پاڻ ذهن جا اهڙا ته تکا ۽ حافظي جا اهڙا ته تيز هئا: جو ستن سالن جي ڄمار ۾ سارو قرآن شريف ياد ڪري ورتو هئائون ۽ پاڻ وڏا زبردست عالم هئا مگر ظاهري پاڻ ڪا تصنيف ڪانه ڪئي هئائون هو قلندر هئا: هنن کي تصنيفن ۽ تاليفن سان واسطو ڪونه هو. انهي وقت سيوهڻ ۾ ڏاڍيون خرابيون ۽ بيڪاريون هيون. انهي ڪري خاص مُرشد جي اشاري

Gul Hayat Institute

موجب سنڌو سنڌ ڏي رُخ رڪيائون. جو سيوهڻ ۾ اچڻو هو.

جڏهن سنڌ جي ارادي سان نڪتا، تڏهن واٽ تي بغداد مان به ٽيندا آيا. جتان سيد علي بغدادي به ساڻن همراه ٿيو: جو سندن وزير سڏبو آهي. ڪجهه وقت ملتان ۾ به ترسيا آخر سنه 649 هجري خير سان سيوهڻ ۾ آيا. ان وقت سندن عُمر 111 سال هئي جڏهن سيوهڻ ۾ آيا تڏهن انهيءَ ئي جاءِ تي اچي لٿا جتي هينئر سندن مقبرو آهي، اتي اڳي بديءَ جو اڏو هو. قلندر شهباز رح جي وارد ٿيڻ ساڻ پهرين ئي رات جيڪي بد ڪار مرد انهن فاحش عورتن وٽ بدڪاري لاءِ ويا سي سڀ نامرد ٿي پيا. جڏهن ڏينهن ٿيو. تڏهن ڪيترن هڪ ٻئي سان ڳالهه ڪئي ته سڀني پنهنجو ساڳيو حال بيان ڪيو ۽ حيران ٿيا. آخر سمجهائون ته هي ڪنهن درويش جو تصرف آهي. نيٺ معلوم ٿين هڪ نوراني شخص رات ڪان آيل آهي ۽ فلاڻي هنڌ هڪ ڪنڌي جي وڻ هيٺ ويٺو آهي. ڪيترائي مرد خواه زالون وڃي خدمت ۾ حاضر ٿيا. پاڻ جو سڀني ڏي، پنهنجي نظر فيض اثر سان نهاريائون ته هو سڀئي اهڙا ته اثروارا ٿيا. جو اتي بدڪاري ڪان توبه تائب ٿي پيا. پاڻ هڪ سال سيوهڻ ۾ گذاري 650 هجري ۽ 21 تاريخ شعبان جي وصال ڪيائون. انهي تاريخ تي هر سال وڏو ميلو لڳي ٿو: جو سنڌ ۾ مشهور آهي. وفات وقت سندن عمر 112 سال هئي، ڪين غسل ڏيئي اتي رکيائون جتي دم ڏنو هئائون. جنهن جاءِ تي غسل ڏنو ويو هو سا جاءِ موجوده گنبد جي ٻاهران اولهه پاسي ڪچهري ۾ آهي، جنهن تي نشان لاءِ هڪڙي ننڍڙي قبي ٺهيل آهي. حضرت لعل شهباز مخدوم جلال جهانيان، شيخ فريد گنج شڪر ۽ شيخ بهاء الدين ذڪريا ملتاني اهي چارئي پاڻ ۾ يار هئا جن گڏجي ڏاڍا سير ڪيا آهن ۽ سيوهڻ ۾ يڪ ٽنبي واري جاءِ ۾ چارئي رهيا آهن.

سندن نالو سيد عثمان هو. مگر سندن لقب گهڻا هئا جيئن ته لعل شهباز قلندر، سيف الانسان، شمس الدين، مهدي ۽ لعل لقب انهيءَ

Gul Hayat Institute

ڪري پين جو اڪثر ڳاڙهو لباس ڍڪيندا هئا.

شهباز جو لقب ڪين مرشد جي طرفان مليل آهي جو پاڻ پنهنجي مرشد سيني مُريدن ۾ سرفراز ۽ ممتاز هئا. قلندر جو لقب ڪين قلندري طريقہ اختيار ڪرڻ جي ڪري مليو. سيف اللسان هن ڪري سڏيو ويو ٿي، جو پاڻ جيڪي زبان مان ٻوليندا هئا سو ٿي پوندو هو.

مهدي هن سبب جو ماڻهن سندن بزرگي ۽ ڪرامتن ڪي ڏسي گمان رکيو تہ آخر زمانہ وارو مهدي شايد پاڻ آهي، شمس الدين انهي ڪري جو اگرچہ پاڻ قلندري طريقہ جا هئا تہ بہ دين جي خدمت لاءِ ائين تہ روشن هئا جئين سج ڏٺيءَ جون شال رحمتون ۽ برڪتون سندن رُوح پُرنور تي نازل ٿينديون رهن.

Gul Hayat Institute

مولائي شيدائي

# قلندر لعل شهباز رح بابت ڪجهه حقيقتون

جن مورخن هن وقت تائين حضرت قلندر شهباز رح متعلق تذڪره لکيا آهن، سي اڻپورا آهن. مثال طور: قلندر شهباز رح جي ميلي تي جيڪي عقيدتمند حاضري ڀرين ٿا، تن ۾ وڏو تعداد مڪراني بروچن جو هوندو آهي، جن جي دعويٰ آهي ته اسين قلندر شهباز رح جا مريد آهيون، اها سندن دعويٰ درست آهي، ڇاڪاڻ ته عام مورخن اهو ئي ڏيکاريو آهي ته قلندر شهباز عراق کان ايران رستي سڌو ملتان پهتو. پر اهڙو بيان بلڪل غلط آهي، درحقيقت قلندر لعل شهباز ايران کان ملتان ڏانهن ويندي، مڪران جي ماتري پنجگور جي ميدان ۾ ڪجهه وقت چلو ڪڍيو هو، انهيءَ ڪري ئي پنجگور جو ميدان هن وقت به "دشت شهباز" ڪوٺجي ٿو.

*(مڪران گزيٽيئر ص 310 بمبئي 1907ع)*

**ملتان ۾ ورود-مسعود:**

حضرت لعل شهباز قلندر رح جڏهن ملتان پهتو تڏهن سند ۽ ملتان جو حاڪم سلطان غياث الدين بلبن جو پٽ شهزادو محمد سلطان هو، جيڪو خان شهيد جي لقب سان مشهور آهي. هو علمي فضيلت، معارف نوازي ۽ فياضيءَ سبب ايران، ترڪستان ۽ عراق تائين مشهور و مقبول هو. هو پنهنجن هٿن سان عالمن ۽ فاضلن جي خدمت بجا آڻيندو هو.

شهزاده جي درويش نوازي ۽ فياضيءَ جو چرچو ٻڌي حضرت شيخ عثمان مروندي لعل شهباز رح قلندر پنهنجي مرشد جي حڪم موجب جڏهن

Gul Hayat Institute

ملتان ۾ وارد ٿيو ته شهزادي ڪمال تواضح سندن آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ اڳتي هلي سندن لاءِ هڪ خانقاه جوڙائڻ جو به ارادو ڪيو، پر قلندر شهباز رح انڪار ڪري ڇڏيو.

شهزادي جي صحبت ۾ قلندر شهباز رح ۽ شيخ صدرالدين ابن شيخ بهاءُالدينؒ ملتاني عربي اشعار پڙهي وجد ۾ اچي رقص ڪندا هئا. اهي اشعار ايترا ته رقت آميز هئا، جو شهزادو شهيد به ٻڌي روئندو هو. غرض ملتان ۾ لعل شهباز جي وجود مسعود سبب ملتان رشڪ ارم بڻجي ويو.

*(فرشته ج ا-ص 229 نولڪشور)*

## چشتيه ۽ سهرورديه خرقو حاصل ڪرڻ:

حضرت شيخ عثمان لعل شهباز قلندر رح ملتان ۾ شيخ الشيوخ بهاءُالدين ذڪريا ملتاني، شيخ فريد الدين شڪر گنج ۽ مخدوم جلال الدين سرخ بخاريءَ جي صحبتن ۾ رهڻ ڪري، چشتيه ۽ سهرورديه طريقن جا خرقو حاصل ڪيا. سندن پير مخدوم بهاوالدين ذڪريا ملتاني ڪمالات ظاهري ۽ باطني ڪري، ڪين شهباز قلندر جو لقب ڏنو هو. قلندر شهباز هميشه ڳاڙهو لباس زيب تن ڪندا هئا. جنهن ڪري ڪين لعل جي لقب سان به سڏيندا هئا ۽ انهن القاب کي ملائي ”لعل شهباز قلندر“ ڪوٺيو ويجي ٿو.

*(مولوي غلام نبي فردوسي: مرات الڪونين ص 338 نولڪشور)*

## بتڪده- سيوهڻ ۾ آمد:

سيوستان (سيوهڻ) سنڌ جي جهونن شهرن مان هڪ هو. اهو شهر ”شيوي“ آرين تعمير ڪرايو هو. شيوي آرين جو اصل وطن دو آبو سنڌ ساگر هو. جتان هن نڪري يوب ۽ لورالائي ۾ بينڪ وجهي، ”سيوي“ (Sibi) جو شهر تعمير ڪرايو هو. سندن هڪڙيءَ شاخ سيوهڻ کي به وسايو. جو سيوستان جي نالي سان سڏجڻ لڳو. هن شيوي قوم

جي ثبوت لاءِ لکيءَ جا تاڪرو چشمہ اجا تائين موجود آهن. جن تي شو جو ميلو لڳندو هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي شهرن اندر بدڪاري جا اڏا هئا. انهن اڏن جو فاحشہ عورتون چنڊال قوم جون هيون. جن جو پيشو مختلف شهرن ۾ نچڻ، ڳائڻ ۽ جسم فروشي هو. سيوهڻ جو اڏو ۽ اتان جون جسم فروش عورتون پوري پرڳڻي ۾ مشهور هيون. بهرڪيف اهڙي عياش ۽ جسم فروشي جي دور ۾ حضرت شهباز قلندر رح سيوهڻ ۾ پهتو ۽ سندن هڪ سال جي پرامن تبليغ ڪري سيوهڻ بدڪاري جي بتڪده مان ڦري دارالسلام بڻجي ويو.

## صوفياه نظام جي تبليغ:

اهڙو دور بہ هو، جڏهن هڪ طرف مسلمان بادشاهہ ۽ سندن جرنيل ۽ امير هوس ملڪ گيري ۾ رڌل هوندا هئا تہ ٻئي طرف فقراءِ ۽ صوفياءِ ڪرام ماڻهن کي روحاني رموز ۽ اسرار کان روشناس ڪندا هئا. علماءِ ڪرام قرآن، حديث، منطق، فلسفہ، شريعت ۽ فقہ جي تعليم ڏيندا هئا ۽ اهي هندن سان ڪنهن بہ قسم جو رابطو ڪونہ رکندا هئا. برعڪس ان جي صوفياءِ ڪرام سيني انسانن کي سواءِ ڪنهن قومي ۽ مذهبي امتياز جي "خدا جو ڪٽنب" ڪري ليکيندا هئا. سندن دروازا سيني لاءِ کليل هوندا هئا، اتي برهمڻ يا اڇوت لاءِ ڪا بہ روڪ ٽوڪ ڪونہ هوندي هئي، امن ۽ و آشتي سان انساني مساوات ۽ اسلام جي تبليغ ڪرڻ سندن شيوه خاص هو. اهڙن صوفين جي تبليغ جي نتيجي ۾ هندن جو فڪري جمود ٽٽي پيو، ذات پات، ڇوت ڇات ۽ شرڪ جا ڪارا ڪڪر شرف انسانيت جي آفتاب مٿائي صاف ڪري ڇڏيا.

حضرت لعل شهباز قلندر رح جيتوڻيڪ سيوهڻ ۾ هڪ سال زنده رهي 21 شعبان 250 هجري مطابق 1252ع ۾ هڪ سو ٻارنهن ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي، تاهم سندن هڪ سال جي فيض ۽ برڪت سبب سيوهڻ اسلام جو مرڪزي شهر بڻجي ويو ۽ ڪائڻ هندو بہ

ايترا متاثر ٿيا، جو هنن ڪيترن ئي صدين ڪان ورثي ۾ مليل فرسوده رسمن ڪان منهن موڙي ڇڏيو.

سندن فيض ۽ برڪت سان هندو مسلمان هم خيال بڻجي ويا ۽ هندو سندن مزار مبارڪ کي "راجا ڀرتري" جو آستان سڏڻ لڳا. قيام پاڪستان ڪان اڳ ميلي جو هڪ ڏينهن هندن لاءِ مخصوص هوندو هو ۽ هاڻي سيني لاءِ ٽي ڏينهن گڏيل طور تي ميلو ملهايو ويندو آهي. ميلي ۾ سگهڙن جي ڪچهري، ادبي ڪانفرنس، لوڪ رس ۽ ملاڪڙو وغيره هر سال منعقد ڪرايا ويندا آهن.

اهو حضرت لعل شهباز قلندر جي شخصيت جو اثر آهي، جو سيوهڻ، سيوهڻ شريف سڏجڻ لڳو. چنانچه سندن وفات ڪان هڪ صدي بعد جڏهن مشهور سياح ابن- بطوطه سيوهڻ شريف ۾ وارد ٿيو ته هو انهي مدرسه جي ڇت تي قيام پذير ٿيو. جيڪو ان وقت جي اسلامي دنيا ۾ "مدرسئہ فقه – اسلام" جي نالي سان مشهور هو.

Gul Hayat Institute

پروفيسر محبوب علي چنا ❶

# حضرت عثمان مروندي رح

حضرت قلندر لعل شهباز رح جي ذڪر کان سواءِ سيوهڻ ۽ سنڌ جي تاريخ جو ذڪر اڌورو ۽ اڻپورو آهي، دنيا جي متبرڪ شخصيتن ۾ قلندر لعل شهباز رح کي تمام وڏو رتبو حاصل ٿيو آهي. تڏهن تہ سندن مزار تي عقيدتمندن جي حاضري ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي ٿي.

حضرت لعل شهباز بلند پرواز جي ذڪر خير ڪرڻ کان اڳ هي واجب آهي تہ اسان ان ملڪوتي مقام جو احوال ڏيون، جتي سندس روح پر فتوح ظاهري طرح هن ناسوتي دنيا کي ڇڏي راهہ جاوداني اختيار ڪئي.

جيڪڏهن تاريخ جي روشنيءَ ۾ سيوهڻ جو ماضي ڏسبو تہ پڌري پٽ ظاهر ٿيندو تہ سنڌو تهذيب جي پراچين ڪندراتي طبقي بعد سيوهڻ جو درجو اچي ٿو. يعني سنڌ جي موجوده آباد شهرن ۾ سڀ کان قديم سيوهڻ آهي. هن شهر جو ذڪر فارسي قديم تاريخن خواهہ تذڪرن جي ڪتابن ۾ آيل آهي. جيئن تاريخ سنڌ جي قديم سرچشمي چچ نامي ۾ چاڙهايل آهي تہ راءِ سيهرس بن ساهي راءِ جي ”ڏينهن ۾ سنڌ ملڪ تي چار حڪمران مقرر ٿيل هئا، انهن مان هڪ سيوستان جي ”قصبہ“ تي بہ حاڪم هو جنهن جي هٿ ۾ بڌيہ، جنگان رونجهاڻ، ڪوهہ پايہ ويندي مڪران جي حد تائين ملڪ هو (ص 22). ”تاريخ معصومي“ بہ ان حقيقت کي دهرايو آهي. ”تحفتہ الڪرام“ جي صاحب سيوستان جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي. هن کي ”سيوهڻ“ ۽ سهوڻ“ بہ سڏيندا آهن.

❶ پروفيسر محبوب علي چنا قلندر لعل شهباز جي ميلي جي موقعي تي ماضي ۾ ادبي ڪانفرنس جو ڪنوينر پڻ رهي چڪو آهي.

پنجين ولايت ۾ آهي. هڪ قديم شهر سنڌ جي اولاد سهوارن جي نالي پئيان سڏجي ٿو. سندس قلعو (سنڌ جي مشهور) ڇهن قلعن مان آهي. انهيءَ کان پوءِ ڪيئي دفعا مرمت ٿيو آهي. قديم الايام کان خلاصو تخت گاهه هو. پوءِ وري اروڙ جي راجائن ۽ تنهن کان پوءِ ٺٽي جي بادشاهن جي حڪم هيٺ رهيو. شاهه بيگ اهو جام فيروز کان کسيو هو. مرزا شاهه حسن وري ٺٽي ۾ داخل ڪيو جڏهن سنڌ جلال الدين محمد اڪبر بادشاهه جي دربار جي گورنر جي حڪم هيٺ آئي، تڏهن وري نئين سر علحده تخت گاهه ٿيو. نواب خدا يار خان جي حڪومت جي ڏينهن کان وري اصلوڪي دستور موجب باقي سنڌ ۾ داخل آهي.

سندس جبل تي واهي جو چشمو عجائبات مان آهي. ڪيترائي مريض انهيءَ مان غسل ڪرڻ ڪري شفا ياب ٿيندا آهن. سدائين ساڳيءَ طرح پر بل رهي ٿو ۽ پاڻيءَ جي اچڻ جي جاءِ معلوم ڪانهي، مقرر ڏينهن تي هندو اتي پوڄا لاءِ اچي گڏ ٿيندا آهن.

ٻي يڪتنيي جاءِ آهي، جو جبل ۾ هڪ رڏو صفحو هڪ ٽنب تي بينل آهي. عام اعتقاد موجب هيءَ قدرتي ٺهيل آهي. ماڻهو سير لاءِ اتي ويندا آهن ۽ سندس ڇت تي چڙهي نظارو ڏسندا آهن. چون ٿا ته چئن يارن يعني مخدوم جلال جهانيان، شيخ عثمان مروندي، شيخ فريد ۽ شيخ بهاو الدين اتي ويهي مڪاشفا ڪيا آهن. هي هڪ ناليري جاءِ ۽ سڳورو مڪان آهي. (ص 248)

تاريخ دانن هن قديم شهر جا ڌار ڌار نالا ڏنا آهن. ڪن هن کي يوناني سڪندر جي زمانه جو "سيديما." ڪن هن کي رامائڻ جي زماني جو سيوستان، شروسان، سدوسان ۽ سدوستان يا سادوستان سڏيو آهي. "هندستان جي قديم جاگرافيءَ" جي صاحب مسٽر ڪننگهام ٻين تاريخ دانن سان متفق ٿيندي لکيو آهي ته هن "سنديمنا" شهر وٽ جابلو قومن جي بادشاهه ساميوس سڪندر جي سامهون هٿيار پيش ڪيا." (ص 47)

Gul Hayat Institute

”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ ۾ ڪاڪي ڀيرومل وري لکيو آهي ته ”هي شهر راجا اشيترجي پٽ ”شبيءَ“ وسايو. جنهن ڪري هن کي شبيستان يا شيوستان ڪري سڏيندا آهن. راجا اشيتر رامائڻ جي زماني جيترو جهونو آهي. مگر داوارڪاپرساد شرما ان خيال جي مخالفت ڪندي لکيو آهي ته راجا اشيتر جي پٽ شبيءَ هاٽوڪي سبيءَ جو شهر وسايو. وري هن شهر جي اپتار ڪندي مسٽر شرما لکي ٿو ته هن جي انومان موجب جنهن وقت سڪندر ڪانپوءِ هندوستان تي اتر اولهه کان ڪاهون ٿيڻ شروع ٿيون، تنهن وقت اتر هندستان جون، جنهن ۾ پراچين سنڌ جو اتر وارو ڀاڱو اچي ٿو وڃي، ڪيترين ڪتري جاتيون هجرت ڪري ڏکڻ هندستان ڏانهن روانيون ٿيون. مثلا ملتان جي دلير مالون مالوا شهر، قنڌا جي ياٽين جيسلمير سبيءَ جي شبي ڪيترين سيوهڻ اچي وسايو ۽ وڌيڪ ڏيکاري ٿو ته سيوهڻ جو شهر اٽڪل ٻن اڍائي هزارن سالن جو جهونو آهي. (سنڌ جو پراچين اتهاس، جلد 3 ص 161)

جيڪڏهن ڪاڪي ڀيرومل جي ياونا تمام آڳاٽي آهي ته وري مسٽر پرساد جو پوري حقيقت جي حد کان گهٽو گهٽ آهي. سڪندر (356–323 ق-م) جي ڪاهه کان اڳ سيوهڻ جو وجود هو، ان ڪري ائين چوڻ ته سڪندر کان پوءِ سيوهڻ وسيو هو؛ حقيقت کان دور آهي.

سيوهڻ آڳاٽي زماني کان وٺي سنڌ جي بچاءَ لاءِ هڪ دروازي جو ڪم ڏيندو رهيو آهي. اسلام کان اڳ به هي حال هو ته پوءِ به ساڳيو مشهور نوجوان فاتح محمد بن قاسم جڏهن ديبل بندر فتح ڪيو تهان جو توجهه يڪدم سيوهڻ ڏانهن ڇڪجي ويو. ان زماني ۾ ”بلاذري“، ”الادريسي“ ۽ ابن حوقل جي نقشي مطابق جو نالو سدوسان هو. سومرن ته لاڙ کي وسايو، مگر سمن سيوهڻ کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو. جڏهن شاهه بيگ ارغون سمن جي آخري تاجدار جام فيروز کان سنڌ جون واڳون ٿي ورتيون ته هن کي ٻي جنگ سيوهڻ جي ڪارزار تي

وڙهڻي پئي، جنهن ۾ مخدوم بلاول (رح) سمن جي پاران برک حصو ورتو. شير شاهه سوريءَ کان شڪست کائي جڏهن بادشاهه همايون سنڌ ۾ آيو، تڏهن هن سيوهڻ هٿ ڪرڻ جي، ڪوشش ڪئي، پر مرزا شاهه حسن ارغون جي امير مرزا عليڪ کان شڪست کائي ايران ڏانهن هليو ويو. ماثر الامراء ۾ لکيل آهي ته جڏهن اڪبر اعظم جي عالم ۽ فاضل جرنيل مرزا عبدالرحيم خانخانان سنڌ تي حملو ڪيو ته به ان صاحب سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ سيوهڻ جو رخ رکيو جڏهن سنڌ پنهنجي خود مختياري قربان ڪئي ته سنڌو نديءَ جي ساڄي ڪپ تي دائود پوٽن، ڪلهوڙن ۽ پنوهرن جون وچايل طاقت کي حاصل ڪرڻ لاءِ جنگيون شروع ٿيون. ان وقت فاتح يار محمد ڪلهوڙي خدا آباد (دادوءَ واري) آباد ڪئي، جنهن سيوهڻ جي شهرت کي ڌڪ هنيو. ويتر ڪلهوڙن درياءَ جي ڪپ تي محمد آباد، الله آباد ۽ خدا آباد هاڻ واري تعمير ڪيا ته ويچارو سيوهڻ سڏڪيون ڀرڻ لڳو! انگريزن جي راڄ بعد سيوهڻ مرڳو هڪ ننڍي بستيءَ جي شڪل ورتي. جئن ڊبليو هنٽر گزيٽيئر (ص 225) مطابق 1871ع ۾ سيوهڻ جي آدمشماري چار هزار ٻه سو ڇانوي ڄاڻائي آهي ۽ جي ڊبليو سمٿ جي گزيٽيئر ص 47 مطابق 1911ع ۾ سيوهڻ جي آدمشماري چار هزار ست سو اڻونجاهه آهي. هنٽر جي لکئي مطابق 1881ع ۾ سيوهڻ تعلقو سنڌ جي بهترين ڪڻڪ ۽ نير پيدا ڪندڙ تعلقن مان هڪ هو. جڏهن 28 نومبر 1635ع بعد ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سنڌ سان واپار جو سرشتو شروع ڪيو، تڏهن انهن جي لسٽن تي سيوهڻ جو نير ۽ ڪپڙو چڙهيل هئا. سيوهڻ جو نشانبر قدامت سان گڏ ان ۾ علم و فضيلت ۽ روحانيت جا ساگر سمايل هئا. هر هڪ تاريخي خواهه ادبي ڪتاب ۾ سيوهڻ جي عالمن، فاضلن ۽ مشائخن جو ذڪر آهي. ويچاري مير علي شير قانع ٺٽويءَ هن ڏس ۾ چڱي خدمت بجا آندي آهي، الله سائين شال مرهيس. مقالات الشعراءَ ۽ تحفته الڪرام ۾ سيوهاڻي بزرگن

Gul Hayat Institute

جون ٻاتيون بسيار ڪيون اٿس.

مگر واءِ قسمت! ڪمال ۽ زوال جو فلسفو سيوهڻ جي موجوده شڪسته حاليءَ مان عيان آهي. اهي جايون جتي هندن جي هندو رن جو هل هو، اتي هاڻي ڇپري جي چو ٻولي جو غل آهي ۽ اهي هنڌ، موئن جي ڏڙي، جي بي ثباتيءَ تي دلالت ڪري رهيا آهن. سبحان الله! بقول بندہ "هر ڪمال کان پوءِ آخري زوال آهي" اُن زوال جي زماني ۾ به هڪ انگريز مسٽر جي ڊبليو – سمٿ هن حقيقت جو اظهار ڪيو آهي ته جيتوڻيڪ سيوهڻ پنهنجي شهرت وڃائي چڪو، مگر 13 صديءَ جي وچ ڌاري هن مشهوريءَ جو ٻيو حق حاصل ڪيو، جو اڪابراولياءَ ڪرام مان هڪ بنام شيخ عثمان مروندي المعروف لعل شهباز جي مرقد جو مقام بنيو. هاڻي سيوهائين خواه ٻاهرين لاءِ محض ڪشش جو ثقل آهي."

اڇو ته هن سنڌ جي ولي ۽ واليءَ جي ذڪر خير مان ڪجهه پرجهون ۽ پرايون، جو ته ڪيترن بزرگن فقط هن ڏٺي ڏوئل جي ذڪر خير ڪي فضل سمجهيو آهي. جيئن مرحوم منشي خدا داد خان صاحب لکيو آهي ته "لب تاريخ سنڌ جي مولف سيوستان يا سيوان متعلق ته ام گهٽ لکيو آهي ته هن شهر ۾ "قلندر" سنڌ جو بادشاه آهي، رونق افروز آهي، ان جو ڪهڙو بيان ڪري ٿو سگهجي؟ هن موقعي تي هي ظاهر آهي ته ڪتاب جي ديباچه جي مناسبت ڪري (شهباز رح) جو احوال ڏجي. ان بعد هن صاحب قلندر سائينءَ جو احوال ڏنو آهي ٻين به ڪيترن بزرگن خواه ٻاهرين لعل شهباز رح جي باري ۾ مدح سرائي ڪئي آهي. دور دراز جا دولهه، اڙانگا ڪشالا ڪري ڏونگر ڏوري، لعل سائينءَ جي زيارت بابرڪت لاءِ ايندا هئا مقالات الشعراءَ مان ظاهر آهي ته شاهه رضائي صورت بندر تان سيڙهجي اچي سيوهڻ سهڙيو. ملا طيب سيار ته شهباز جي شان ۾ وڏو قصيدو چيو آهي، ان مان نموني طور چند سٽون پيش ڪجن ٿيون:

”صحن پاڪ مرقد آن شاه دين،
در صفا رشڪ گلستان ارم،
نا اُميد را بدر گاهش رسد،
هر زمان مزده رفع الم“.

(هن دين جي بادشاهه جي مقبرو جو اڱڻ شريف پاڪائيءَ ۾ بهشتي باغ برابر آهي، سندن درگاهه ۾ نا اميدن کي هر وقت دردن جي دور ٿيڻ جي خوشخبري پهچي ٿي.)

تاريخن مان ظاهر آهي تہ مخدوم بلاول ۽ مخدوم جعفر جهڙا بزرگ بہ روحاني ڪچهريءَ لاءِ وٽن ايندا هئا.

**نالو ۽ نسب:**

سندن نالو مبارڪ سيد عثمان هو ۽ سندن لقب شمس الدين لعل شهباز قلندر رح هو، مگر سندن شجرا ڌار ڌار تاريخن ۾ جدا جدا آهن. الوحيد ”سنڌ آزاد نمبر“ جي اداري ڪين حضرت امام جعفر صادق (رضہ) سان اٺين پيڙهي ۾ وڃي گڏيو آهي، جو بلڪل درست نہ آهي. ماثر الڪرام جي مصنف سيد مولانا مير غلام علي آزاد بلگرامي ڄاڻايو آهي تہ ”سندن نسب شريف تيرهن واسطي سان حضرت امام جعفر صادق سان وڃي ملي ٿو.“ لب تاريخ سنڌ، مطبوع سنڌي ادبي بورڊ مطابق مرحوم آزاد بلگرامي جو لکيو، صحيح نظر اچي ٿو تہ سندن واسطو تيرهين پيڙهي ۾ هيٺين طرح امام جعفر صادق رضہ سان وڃي ملي ٿو.

حضرت عثمان مروندي (سيمندي) عرف ”لعل شهباز قلندر رح“ بن (2) سيد ڪبير (3) سيد شمس الدين بن (4) سيد صلاح الدين بن (5) سيد نور شاهه بن (6) سيد محمود شاهه بن (7) سيد احمد شاهه بن (8) سيد هادي بن (9) سيد منتخب بن (10) سيد غالب بن (11) سيد منصور بن (12) سيد اسماعيل عرف اڪبر (13) امام جعفر صادق رضيءَ الله عنہ“. تذڪره صوفائي سنڌ جي مرتب مولانا اعجاز الحق

قدوسيءَ جو لعل شهباز رح جو نسب سنڌي ادبي بورڊ جي لب تاريخ سنڌ
جي قلمي نسخي تان ورتو آهي، ان ۾ هڪ ڪڙي سيد اسماعيل ۽ امام
جعفر صادق جي وچ ۾ وڌايل آهي يعني سيد اسماعيل بن امام محمد بن
امام جعفر صادق رضہ حضرت اسماعيل خواه حضرت محمد جن جا نالا
امام جعفر صادق جي اولاد ۾ ملن ٿا. تحفتہ الڪرام واري قلندر لعل
شهباز رح جي احوال جي شروعات هن طرح ڪئي آهي:

”شيخ عثمان مروندي عرف مخدوم لعل شهباز رح بن سيد
ڪبير الدين محمد بن سيد صدرالدين امام صادق عليہ السلام جي فرزند
اسماعيل جي اولاد مان آهي.“ هت وري سيد ڪبير سائين جي والد جو نالو
غلط آيو آهي. شايد ترجمان يا ڇاپي جي غلطي آهي. جو تہ تحتہ الحاشيہ
۾ جو مير علي شير قانع جو دستخطي نسخو ڏنل آهي ان ۾ سيد ڪبير
بن سيد شمس الدين ڏيکاريل آهي. اسان جي ڳوٺائي جليل سيوهاڻي لعل
شهباز رح جي شجري جي بيان ۾ شجري جو ٻہ ڪڙيون وڌايون آهن. يعني
منصور بعد ”سيد اسماعيل ثاني“ بن ”سيد محمد عريضي“ بن ”امام
جعفر صادق عليہ السلام“.

**وطن:**

سندن آباد واجداد جو وطن مالوف ”مروند“ هو. جنهن ڪي لب
تاريخ سنڌ جو ”ميمند“ افغانستان جي هرات پرڳڻي جي قريب ڄاڻايو
آهي، مگر ماثر الڪرام جو صاحب ائين لکي ٿو تہ ”مرند بفتح ميم و راءِ
مهملہ و سڪون نون و دال مهملہ قريہ است از قرائي تبريز“ يعني (مرند
لفظ جو اچارا ئين ڪبو: ”م“ مٿان زبر ۽ ”ر“ خالي ۽ نون تي جزم ۽ دال
خال. تبريز جي ڳوٺن ۾ ڳوٺ آهي). ماثر الڪرام واري ”تذڪره مشايخ-
سنڌ جي حوالي ۾ لکيو آهي تہ ”حضرت مخدوم جي ڄمڻ ۽ پرورش جو
مقام ”مروند“ آهي. شيخ محمد اڪرم آب ڪوثر مصنف وطن جي باري
۾ مواد هو بهو ماثر الڪرام تان ورتو آهي. ڏاڏو ڏڪ ٿيم جو ڏنم تہ هن

Gul Hayat Institute

برگزيده بزرگ جي سوانح حيات جي هر ڪڙيءَ ۾ ڪجهه نه ڪجهه اختلاف نظر اچي ٿو. الوحيد جي سنڌ آزاد نمبر جي اداري وري ائين لکيو ته ”حضرت لعل شهباز آذربائيجان (آرمينا) پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ مرند ۾ تولد ٿيو“ آخر بنده تحقيق شروع ڪئي ۽ ان نتيجي تي پهتو ته حضرت لعل شهباز ”مرندي“ آهي ۽ نه ”مروندي“ جيئن عام طرح مشهور آهي. انگريزي ڪتابن ”ايران- ماضي ۽ حال، از ڊونالڊ- اين وِبر“ ۽ افغانستان- از فريزر ٽئلر“ جي مطالعي مان معلوم ٿيو ته هرات کان اتر ۾ ڪشڪ نالي شهر آهي جتي روس ۽ افغانستان جون حدون اچي ملن ٿيون. ان کان به اتر ۾ 160 ميل خشڪ ۽ جابلو ملڪ ۽ بيابان جي وچ ۾ هڪ وٽندڙ خيابان نالي ”مرو (Merv) جو عربن جي ڏينهن ۾ خراسان جي اڳوڻي گاديءَ جو هنڌ هو اتي سڪندر جي وقت جا ڪندرات پسجن ٿا. هي شهر علم عرفان ۽ آسودگيءَ جو مرڪز رهيو آهي. سلجوقين ڏينهن ۾ هن ۾ يونيورسٽي هئي. ڪيترن ئي سياسي حڪمرانن جي جمع جو لقمو رهيو. هاڻي روس جي حدن جي اندر آهي. آزربائيجان گاديءَ جو هنڌ تبريز آهي. سي تهذيب، علم، عرفان، قدامت ۽ سير و تفريح جو سينٽر رهيو آهي. ان جي مضافات ۾ سياحن کي مراغه، ”مرند“ ۽ ريزايه جا شهر ملن ٿا. مرند جو شهر تبريز جي اتر اولهه ۾ چاليهه ميلن تي واقع آهي. هاڻي جيڪڏهن افغانستان جو سابق شهر ”مرو“ وٺون ته اهو ”مرو“ آهي ۽ نه ئي ”مروند“. جيئن عام طرح مشهور آهي ان ڪري آذربائيجان پرڳڻي جي شهر ”مرند“ کي لعل شهباز جو مولد سمجهبو.

## ولادت:

”حيات نامه قلندري“ جي صاحب ڪنهن شاعر جا چند هيٺيان شعر پيش ڪيا آهن جن مان لعل سائين جي عمر سن ولادت ۽ وفات نڪرن ٿا.

”بجو تاريخ شمس الدين عثمان-بدرڪن، از فلڪ ڪرامت.

538 هه

سن عرش ولي الله، وفاتش، سروش غيب جي، گويدبرحمت"

112 650 هه

ان مطابق سندس ولادت 538هه ۾ ڏيکاري ويئي آهي لب تاريخ سنڌ واري ورې 583 هه مطابق 1187ع ڏيکاري آهي. (ص.7) تذڪره صوفيائي سنڌ جي صاحب تولد جي تاريخ ته لب تاريخ سنڌ تان ورتي آهي، مگر انگ اڪر غلط ڏيکاريا اٿس؛ يعني 573 هه مطابق 1177ع (ص 199). تحفة الڪرام وارو تولد جي تاريخ ڏيڻ کان خاموش آهي.

**ننڍپڻ:**

قادر جي قدرت جو اجا هن دنيا ۾ نه آيا هئا ته والد بزرگوار کي، جو مجرد هو، خواب ۾ چيائون ته "مون کي ٻاهر آڻيو". سندن والد صاحب کين جواب ڏنو ته "بهشت مان ٻاهر اچڻ افضل آهي؟" وري پيءُ کي عرض ڪيائين ته "دنيا ۾ ظهور ٿيڻ پڻ احسن آهي". هيءَ روايت "لب تاريخ سنڌ" (ص 7) تي آيل آهي. آخر سيد ڪبيرالدين کي "سيد سلطان شاهه"، جو ان وقت مرند جو حاڪم هو. تنهن پنهنجي دختر نيڪ اختر جو سڱ ڏنو؛ جنهن مان لاهوتي لعل سيد عثمان پيدا ٿيو.

پاڻ ڄمندي چار هئا، ننڍي هوندي ئي سندن دائي ۽ والده هن ڏاتاري ذات جون گهڻيئي ڪرامتون ڏٺيون. جڏهن سندن عمر ستن ورهين تي پهتي ته کين سڄو قرآن شريف ياد هو. پوءِ ته اچي کين ويراڳ لڳو. رب سائين جي قدرت ۽ ڪرشمن ۾ محو ٿي ويا. تان جو گهر موٽڻ جي وائي نه وارايائون. هڪ روايت موجب سندن والده ماجده پنهنجي پياري جگر جي هجر جي جهورائي ۾ دنيا کان رخصت ياب ٿي. سندن والد بزرگوار به هن دولابي دنيا کان دور ٿي وڃي ڪربلا معليٰ ۾ مقيم ٿيا، اتي هن کي سندس دلبند مليو.

## جواني:

قرآني حڪم "سيروا في الارض"، (ڌرتي ۾ سير ڪريو)، تي بـا عمل رهيا ۽ ايران، عراق ۽ حجاز جا مقدس مقامات سڀ ڏٺائون.

## بيعت ۽ سياحت:

ان پيغمبري سياحت ڪيس آسمان جي اوچاين ۽ زمين جي تـهـن تائين پهچايو. "ماثرالڪرام" جي صاحب جي لکبت موجب "جڏهـن پـاڻ سن بلوغت تي پهتا ته بابا ابراهيم (١)، جو شيخ جمال مجرد جو مـريـد هـو، جي خدمت ۾ حاضر ٿي مريد ٿيو ۽ هڪ سال تائين ان جي خدمت ۾ رهيو. ان بعد خلافت جو خرقو حاصل ڪري، هندستان جو رخ رٿيائـون ۽ شيـخ فريد گنج شڪر (رحہ) ۽ شيخ بهاوالدين ذڪريا (رحہ) جي صحبت سان فيضياب ٿيا. شيخ صدرالدين عارف بن بهاؤ الدين ذڪريا (رحہ) سان بـه اڪثر صحبت رهندي هين. تاريخ فيروز شاهي جي صاحب ضيا بـرني لکيو آهي ته "جڏهن حضرت لعل شهباز رح ملتان آيو ته خان شهيد يعـني محمد قاآن بن بلبن معرفت ۽ اعتقاد جي بناءِ تي نياز ۽ عقيدت جا شرط بجا آندا. هن گهڻي ڪوشش ڪئي ته هي صاحب مـلـتـان ۾ سـڪـونـت اختيار ڪري. ان لاءِ هڪ خانقاه بہ جوڙايائين، مگر لعل سائين اتـي تـرسـڻ لاءِ رضامند نہ ٿيو. چو ته هڪ روايت آهي ته سندن مرشد جي حڪم مطابق کين سيوستان جي ظلمت ڪدي کي روشن ڪرڻو هو. هڪ دفـعـي خـان شهيد حضرت صدر الدين عارف سهروردي ۽ حضرت شيخ عثمان شهـبـاز مرونديءَ کي مجلس لاءِ گهرايو ۽ عربي. غزل ويهي الاپيائون. سيئي بزرگ ۽ جماعت سماع ۾ مصروف هئا ته خان شهـيد هٿ ٻڌي بيـٺـو ۽ زارو زار پئي رنائين. تحفتہ الڪرام موجب، پاڻ ملتان ۾ 662هه بمطابق 1264ع ۾ آيا هئا. هتي هڪ نقطو واضح ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو ته جيـڪـڏهـن لعل سائين جي وفات 650هه بمطابق 1222ع ۾ ليکجي تـہ پـوءِ سـنـدن قيام ملتان ۾ 662-1264ع ۾ ٿي نٿو سگهي. ان ڪري تحفتہ الـڪـرام

يا ٻين تاريخن ۾ سندن تاريخ وفات 662هه بعد 673هه ڄاڻائي آهي. تحفته الڪرام ۾ لب تاريخ، ڄاڻايو آهي ته پاڻ شيخ بهاءالدين ملتاني (ولادت 465هه) شيخ فريد الدين شڪر گنج پاڪپتني (ولادت 584 هه) ۽ شيخ جلال جهانيان "اچ وارو) (ولادت 707 هه) جي صحبت ۾ هندو سنڌ جا گهڻا طرف گهميا. ان ڪري هن چئن يارن جي دلڪش دوسني کي "هندوستان جا چار يار" ڪري سڏجي ٿو. هت هڪ ٻيو نقطو وضاحت طلب آهي. سڀ تاريخون ان ڳالهه تي متفق آهن ته حضرت سيد جلال الدين بخاري مخدوم جهانيان نه هو، پر سندس ڏاڏو سيد جلال الدين منير شاهه مير سرخ بخاري هو، جنهن اچ شريف، اچي 642 هه بمطابق 1044ع ۾ وسايو. (آب ڪوثر ص 309)، باقي خزينته الصفيا ص 58 ۽ بزم صوفيه ص 407 تي آيل آهي. "سلطان محمد تغلق جي عهد ۾ سيد جلال مخدوم جهانيان شيخ السلام هو ۽ سنڌ جي ملتان به هو، ان ڪري سيوستان ۽ ان جي پسگردائي ان لاءِ مخصوص هئي. ان حساب سان مخدوم جهانبان لعل شهباز رح ، ان مماتي بـ د روحاني ڪچهريون ڪيون هونديون. باقي خواجه فريد گنج شڪرجو سيوستان ۾ اچڻ خود سندس تصنيف راحت القلوب (ص 17) ۽ بزم صوفيه (ص 129) مان ظاهر آهي. جنهن مطابق ڄاڻايو ويو آهي ته جڏهن پاڻ سيوستان جي سير و سياحت ۾ مصروف هئا، تڏهن شيخ اوحد الدين ڪرمانيءَ سان سندن ملاقات ٿي. سيوستان جي ٻئي هڪ بزرگ جو ذڪر ڪندي فرمايائون ته پاڻ ان بزرگ کي ڏٺائون ته ويٺو آهي ۽ الله سائين جو ذڪر ڪري رهيو آهي، مان ان وٽ ويهي رهس. هڪ ڏينهن ان کي هوش آيو ته فرمايائين الله تعاليٰ جنهن کي سعادت ابدي عطا ڪندو آهي ته ان جي لاءِ ذڪر جو دروازو کولي ڇڏيندو آهي ۽ هو شخص سمهندي، جاڳندي اُٿندي ويهندي ذڪر ۾ رهي ٿو ۽ سواءِ قضاءِ حاجت جي تمام وقت ذڪر ڪرڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

## سيوهڻ ۾ ورود:

هندوستان اچڻ کان پوءِ سندن مرشد جو اهو حڪم هو تہ پاڻ اچي سيستان ۾ منزل انداز ٿين؛ ۽ خلق خدا جي رهبري ڪن. مگر تحفتہ الڪرام جي صاحب وري ائين بہ لکيو آهي تہ شاهہ شمس بو علي قلندر (ولادت 605هہ) وٽن آيو. ان چيس تہ هندوستان ۾ اڳ ئي ٽي سئو قلندر آهن. بهتر آهي تہ توهان وري سنڌ ڏانهن تشريف فرما ٿي وڃو. انهيءَ اشاري تي سيستان ۾ اچي رهڻ گهريائين. جيڪڏهن ٻنهي قلندرن جي ولادتن جي تاريخن کي ڏسبو تہ اها حقيقت پڌري پٽ ظاهر ٿيندي تہ حضرت بو علي قلندر پانيپتي، قلندر لعل شهباز سيوهاڻي کان گهٽ ننڍو آهي. سيوستان طرف اچڻ بابت لب تاريخ سنڌ جي صاحب ائين لکيو آهي تہ "آخرڪار گهڻي سياحت بعد سيوستان (سيوان) شهر ۾ اچي رونق بخش ٿيا." هڪ شاعر سندن ورود "نمود آفتاب دين" مان ڪڍيو آهي، جو ابجد جي حساب مطابق سال 644هہ بمطابق 1246ع ٿئي ٿو." (ص.8). مگر تاريخ جي روشنيءَ ۾ هي سال قبول ڪرڻ درست نہ آهي چو تہ بلبلن جو دور حڪومت 668 هہ-1287ع آهي. انڪري تحفتہ الڪرام، جو ملتان ۾ اچڻ جو سال 662هہ -1264ع صحيح پيو لڳي. اها حقيقت آهي تہ بلبن ناصرالدين محمود جي ڏينهن ۾ بہ ذري گهٽ بادشاهہ هو.ناصرالدين جو دور حڪومت 1246-1265ع آهي، مگر لعل شهباز جو سيوهڻ ۾ ورود ناصرالدين جي دور حڪومت جي شروعات ليکجي ۽ ملتان ۾ توقف ان کان بہ اڳ، سو ناممڪن آهي، چو تہ خان شهيد ملتان ۽ سنڌ جي گورنريءَ جون واڳون پنهنجي والد بلبن جي ڏينهن ۾ ورتيون هونديون، يا ناصرالدين جي ڏينهن ۾؛ ۽ نہ سن کان اڳ. ان حساب موجب سندن سال وفات بہ اهو ليکبو جو تحفة الڪرام ۾ ڏنو ويو آهي ۽ نہ لب تاريخ وارو.

**ڀرين برڪت:**

سيئي تاريخون ان حقيقت تي متفق آهن ته جنهن زمين تي پاڻ هاڻي آرامي آهن، انهيءَ تي فاحشه عورتون رهنديون هيون. هن الله واري جي برڪت جو، سيوستان جي سرزمين تي هي ڀريون اثر هو ته اتي فحاشي ۽ بدڪاري جي بازار سرد ٿي وئي. نيڪي ۽ پرهيزگاري طرف انهن ڪسبي عورتن جا قلوب مائل ٿيا؛ ۽ انهن بدڪار عورتن سندن دست حق پرست تي توبه ڪئي.

**رشد و هدايت:**

مخدوم لعل شهباز قلندر رح سيستان ۾ رهي؛ بگڙيل دلين کي سنواريو، انهن جو اخلاق سڌاريو. هن صاحب اٽڪل ڏهن سالن جو عرصو رهي هزارها انسانن جو رشتو الله سائين سان جوڙيو؛ جو هن جي جانشين مان ٿي ڪيترا الله وارا ٿي گذريا آهن. تحفته الڪرام انهن جو ذڪر ڪيو آهي سي هي آهن: شيخ مکڻ، مير صلاح الدين، سيد پير شاه، سيد نور شاه، سيد حيدر شاه، سيد نظر شاه، سيد اسد شاه، سيد نهال شاه نوري، مير خضر شاه، سيد موج دريا شاه ۽ سيد مير ڪلان.

**جذب ۽ سڪر:**

آخر عمر ۾ سندن مٿان جذب ۽ سڪر (الاهي مستي) جي ڪيفيت طاري هوندي هئي ۽ "قلندريه" مشرب هو. پاڻ شهبازيه فقيري جي فرقي جا باني هئا.

**علم و فضل:**

مان جيئن مٿي بيان ڪري آيو آهيان ته خان شهيد جي دربار ۾ عربي شعر پڙهندي سماع ڪيو هئائون ۽ سندن فارسي غزل به مشهور خاص و عام آهن، تيئن هي آساني سان ڪڍي سگهجي ٿو ته پاڻ ظاهري خواه باطني علم جا ڄاڻو به هئا ته پارکو به، مگر مـ متر برتن

”هسٽري آف سنڌ“ ص 211 تي لکيو آهي تہ پاڻ وڏا عالم هئا ۽ لسانيات صرف ۽ نحو ۾ ماهر هئا. مثلاً ميزان صرف يا صرف صغير قسم دوئم جا ڪتاب حضرت لعل شهباز قلندر ڏانهن منسوب ڪيا ويندا هئا. اهڙي قسم جو احوال ڪنهن بہ صوفيانہ تذڪري ۾ نہ آيو آهي. سندن هڪ غزل مقالات الشعرا (ص 435) ۾ آيل آهي سو معنيٰ سوڌو سڄڻن سامهون پيش ڪجي ٿو:

1. زعشق دوست هر ساعت درون نار مي رقصم،
گهي بر خاڪ مي غلطم گهي برخار مي رقصم.
2. بيا اي مطرب مجلس، سماع ذوق را در ده،
ڪہ از من شاديءِ وصلش، قلندر وار مي رقصم.
3. شدم بدنام در عشقش بيا اي پارسا اڪنون،
نمي ترسم ز رسوائي بهر بازار مي رقصم.
4. مرا خلقي همي گويد گدا چندين چہ مي رقصي،
بدل داريم اسراري از آن اسرار مي رقصم.
5. منم ”عثمان“ مروندي ڪہ يار خواجہ ”منصورم“
ملامت مي ڪند خلقي، و من بردار مي رقصم.

**معني:!**

1. هر ساعت دوست جي عشق جي باهہ ۾ پيو نچان،
ڪڏهن خاڪ تي پيو ٿيان ۽ ڪڏهن ڪنڊن تي پيو نچان.
2. مجلس جا الا پيندڙ ذوق جي سماع ڪي اچي سميت،
جو تہ مان هن ميلاپ جي خوشيءَ وچان قلندر وانگر پيو نچان.
3. هن جي عشق ۾ بدنام ٿيس، هاڻي اي پاڪ پرين! آءُ،
بدنامي ڪري نٿو ڊڄان، هر ڪنهن بازار ۾ پيو نچان.
4. مون کي خلق پڻ چوي ٿي تہ اي فقير ايترو ڇو ٿو نچين؟
منهنجي دل ۾ اسرار آهن، انهن ڪري پيو نچان.

Gul Hayat Institute

5. مان عثمان مروندي خواجہ منصور جو يار آهيان،
ماڻهو پيا ملامت ڪن پر مان سوريءَ تي پيو نچان.

### وفات:

لب تاريخ سنڌ، جي صاحب ”برحمت“ مان تاريخ ڪڍي وفات جو سال 650هہ بمطابق 1252ع ٺهرايو آهي. مير علي شير قانع ٺٽوي ”مقالات الشعرا“ ۽ ”تحفتہ الڪرام“ ۾ 372هہ بمطابق، 1274ع ڄاڻايو آهي. مقالات الشعرا ۾ سندن وفات جو قطعو هن طرح آيل آهي.

چون رفتہ سوي جنان آن شيخ،
ڪہ زبدهءِ آل و پاڪ نام است.
از هاتف غيب مي شنيدند،
عثمان بہ دوازده امام است.
661+12-673-(673 هہ)

حديقتہ الاوليا خواه ماثر الڪرام جي صاحبن بہ 21 شعبان 673هہ ڏيڪاريو آهي، جا تاريخ ۽ تحقيق جي روءِ سان زياده صحيح ۽ مستند آهي. چوتہ 650-1256ع اهو سن آهي. جڏهن اجان بلبن سلطانيءَ جون واڳون نہ ورتيون هيون- هو صاحب 1265-662هہ ۾ تہ مس سلطان بنيو. وڌيڪ اهو بحث بندو ”سياحت“ ۽ ”سيوهڻ ۾ ورود“ جي حصن ۾ ڪري آيو آهي.

Gul Hayat Institute

### روضو:

جيڪي بہ شاهديون اسان کي لعل شهباز رح جي مزار جي ڪتبن يا ٻين تاريخي ڪتابن مان ملن ٿيون، انهن مان ظاهر آهي تہ لعل سائين جو روضو پهريائين سلطان فيروز تغلق جي ڏينهن ۾ تيار ٿيو، ۽ ان کان پوءِ سلطان اڪبر اعظم جي زماني ۾ مرزا جاني بيگ تعمير ڪرايو. لب تاريخ ص 10 تي آيل آهي تہ مرزا جاني بيگ جي وفات کان پوءِ سندس فرزند مرزا غازي بيگ مقبري جي مرمت ڪرائي. مگر اڏوري

رهجي وئي. پوءِ شاهجهان جي زماني ۾ سيد ٻهووه (جنهن ڪي حيات نامہ قلندري واري اپوڙو لکيو آهي) عرف ديندار خان فرش هٽايو ۽ ٻہ مسجدون ٺهرايون. پوئين زماني ۾ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي سنہ 1173ھ ۾ خانقاہ لاءِ هڪ جهنڊو موڪليو. *

Gul Hayat Institute

* نوٽ: قلندرلعل شهباز رح جي درگاهہ آڏو هن وقت نئون علم پاڪ پڻ لڳايو ويو آهي جڏهن 1994ع ۾ روضومبارڪ شهيد ٿيو تہ 23 نومبر 1994ع تي ان وقت جي وزيراعظم شهيدراڻي محترمہ بينظير ڀٽو قلندر لعل شهباز دي ڊيولپمينٽ آف ورڪس آف درگاهہ حضرت لعل شهباز فيز I جي نئي سوني گنذ واري روضي مبارڪ جي منصوبي جو سنگ بنياد پنهنجن مبارڪ هٿن سان پاڻ رکيو.

(انور ساگر)

راڻا ڀڳوان داس "ڀڳوان"

# عظيم المرتبت صوفي

حضرت شهباز قلندر جو شمار دنيا جي نيڪ ۽ برگزيده انسانن، عظيم صوفين ۽ الله وارن ۾ ڪيو ويندو آهي. پاڻ الله تعاليٰ جي سچن عاشقن ۾ امتيازي درجي جا مالڪ آهن. حضرت عثمان مروندي المعروف لعل شهباز قلندر جو نسبي سلسلو ڇهين پيڙهيءَ ۾ حضرت علي ابن ابي طالب عليه جن سان وڃي ٿو. سندن والد سيد ابراهيم ڪبير الدين حضرت امام جعفر صادق عليه جي تعليم جي وڏن مبلغن ۽ مروند جي الله وارن ۾ شمار ڪيا ويندا هئا. "قلندر نامه" ۽ "مخزن راز" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته حضرت لعل شهباز قلندر مروند ۾ رجب سن 538هه ۾ پيدا ٿيا. سيرت نگارن کين مادرزاد ولي قرار ڏنو آهي. پاڻ پنهنجي بي مثال حسن ۽ جمال سبب يوسف ثاني سڏيا ويندا هئا. اڪثر ڳاڙهو لباس پائيندا هئا. 12 سالن جي عمر ۾ ئي قلندرانه عادتون ظاهر ٿيڻ لڳيون هيون. بيان ڪيو وڃي ٿو ته پاڻ شهر کان ٻاهر گهڻو پري وڃي ڪنڊن وارن ٻوٽن ۽ وڻن ۾ رقص ڪندا هئا. ايتري قدر جو سندن سارو بدن رتو ڇاڻ ٿي ويندو هو. پنهنجي هن وجداني رقص متعلق قلندر پاڻ فرمايو آهي.

ز عشقِ دوست هر ساعت درونِ نار مي رقصم
گهے در خاک مي غلطم، گهے بر خار مي رقصم.

قلندر شهباز ڏينهن رات جهنگل ۽ جبلن ۾ وڃي خداوند تعاليٰ جي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. جواني کان ئي پاڻ رند مشرب هئا.

سندن جوانيءَ جو هڪ واقعو مشهور آهي تہ پاڻ هڪ دفعي وجداني حالت ۾ نچي رهيا هئا تہ هڪ اميرزادي متن عاشق تي پئي. ڏيءُ جي هي حالت ڏسي انجي والد کين شادي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. پاڻ کيس جواب ڏنائون تہ "اسان قلندر انهن دنياوي گورک ڌنڌن کان پري رهندا آهيون. اسان تہ پنهنجي حقيقي محبوب سان وابستہ آهيون" پر جڏهن امير گهڻو ضد ڪيو تہ پاڻ چيائونس تہ "آئون هن چئن ڏينهن کان پوءِ جواب ڏيندس" پاڻ چڱي طرح ڄاڻندا هئا تہ مجازي محبت ظاهري حسن جي پرستار ٿيندي آهي، سو ڏاڙهي مڇون ۽ ڀرون ڪوڙائي سڄي بدن ۽ منهن تي خاڪ ملي ويهي رهيا. اميرزادي جڏهن ٻيهر کين هن حالت ۾ ڏٺو تہ سندس محبت جو جوش ٺڏو ٿي ويو ۽ سندس دل قلندر تان ڪڇي وئي.

حضرت قلندر شهباز کي سير ۽ سياحت جو گهڻو شوق هو.

"تذڪره شهباز" ۾ مولوي فتح محمد لکي ٿو تہ "کين امام موسيٰ رضا عليہ السلام سان بيحد عقيدت هئي ۽ پاڻ مشهد جا ڪيترائي سفر پيادل ڪيائون" سندن سيرو سياحت جي واقعن جي سلسلي ۾ "مخزن_راز" جو مصنف لکي ٿو تہ پاڻ بابا ابراهيم ڪربلائي جي صحبت مان بہ فيض پرايائون. ان کان بعد پاڻ حرمين شريفين ڏانهن ويا. حضرت محمد عربي صلي الله عليہ وسلم جو هي سچو عاشق جڏهن سندن آستانہ تي پهتو تہ متس عجيب ڪيف جو عالم طاري هو. قلندر ان مقدس روضي تي سر جهڪايو جنهن لاءِ هڪ ارادتمند سچي دل سان چيو آهي.

"سراين جا سجده اين جا زندگي اين جا مزار اين جا"

ادب جي اها بارگاهہ جيڪا عرش کان زياده نازڪ آهي ۽ جتي جنيد ۽ بايزيد جا نقش بہ گم ٿي ويا اتي پهچي قلندر شهباز جهڙو رسول

الله جو عاشق مستانه حالت ۾ نغمه سرا ٿيو.

زقيد _ دو جهان آزاد باشم
اگر تو همنشين بنده باشي

حرمين شريفين جي زيارت ڪانپوءِ پاڻ نجف _ اشرف پهچي حضرت علي عليه السلام جي دربار ۾ حاضري ڏنائون. جناب _ امير عليه السلام جي آرامگاهه کان واپس ٿي پاڻ سيد الشهداءِ حضرت امام حسين عليه السلام جي مقدس آستانه تي ارادت ۽ عقيدت جا گل پيش ڪيائون. هتي حضرت قلندر جي سندن والد سان به ملاقات ٿي. جنهن کين چيو ته "تون هندوستان وڃ ۽ اسانجي طالب شاهه جمال مجرد کان پنهنجوُن امانتون حاصل ڪر. ڪجهه ڏينهن بعد سندن والد هن دنيا مان رحلت ڪئي ڪيس ڪربلا ۾ سپرد _ خاڪ ڪرڻ کان بعد حضر قلندر پنهنجي والد جو گهر بابا ابراهيم ڪربلائي جي خاندان وارن کي ڏيئي اتان ڪوچ ڪيائون.

"اسرار _ قلندري" ۽ "جنت السند" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪربلا کان واپس ٿيڻ تي حضرت قلندر شهباز بغداد ۽ سبزوار مان ٿيندي ڪولا پور پهتا. هتي حضرت شاهه جمال سان سندن ملاقات ٿي. شاهه صاحب کين پٽر جو هڪ گلوبند عصا ۽ ٻيون فقري امانتون ڏنيون. حضرت جمال جي وصال کان بعد پاڻ مڪران جي رستي کان هندوستان آيا. فقري لباس پائڻ کان پوءِ پاڻ هندوستان جي اڪثر علائقن جو دورو ڪيائون. جون ڳڙهه، پاڻيپٽ ۽ ملتان ۾ سندن تشريف آوريءَ جا ڪيترائي واقعا ملن ٿا. ان زماني ۾ هندوستان تي شهنشاهه بلبن حڪمران هو ۽ ملتان تي سلطان جو علم دوست ۽ فقير نواز فرزند شهزاده محمد حاڪم هو. ان دور ۾ حضرت ذڪريا ملتاني، حضرت شيخ فريد گنج شڪر، حضرت شاهه بوعلي قلندر، حضرت نظام الدين اولياءَ، حضرت امير خسرو ۽ حضرت امير حسن دهلوي جهڙين مقدس هستين

جي روحاني تعليمات سبب هندوستان ۾ معرفت جو چراغ روشن هو. بعض تذڪرن ۾ حضرت لال شهبازقلندر جي حضرت شاه بو علي قلندر، حضرت بابا شيخ فريد گنج شڪر، حضرت شير شاهہ جلال ۽ حضرت ذڪريا ملتاني سان ملاقات جو حال بہ ملي ٿو. سندن ملتان ۾ قيام جي دوران هي واقعو تمام مشهور آهي تہ پاڻ هڪ عورت وٽ ڪٽڪ جو اٽو پيهائڻ ويا. سندن حسن ڏسي اها عورت مٿن موهت ٿي پئي ۽ سندن دامن پڪڙي پنهنجي هوس پوري ڪرڻ خاطر زور پرڻ لڳي. پر سندن پاءِ استقلال ۾ ڪابہ لرزش نہ آئي. جنهن تي هن عورت مٿن بدنيتي جو الزام آٽي چور چور جون دانهون وٺي ڪيون. ڪين قاضي جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو تہ قاضي ڪين شهادت پيش ڪرڻ لاءِ چيو، جنهن تي پاڻ ان ڪير پيا ڪ ٻار کي شاهد طور پيش ڪيائون، جيڪو ان عورت جو معصوم پٽ هو. قاضي ۽ شهروارن جي حيرت جي ڪا حد ئي نہ رهي. جڏهن هن ٻار چيو تہ ”بيشڪ هي شخص جيڪي چوي ٿو اهو سچ آهي. ڏوهہ سراسر منهنجي ماءُ جو آهي“.

”اخبار الاخبار“ جو مصنف لکي ٿو تہ شهزاده محمد جي گذارش تي حضرت قلندر سائين ڪجهہ ڏينهن ملتان ۾ ترسيا ۽ شهزاده کي شهادت جو مرتبو ملڻ لاءِ خدا کان دعا گهريائون. دنيا جي نظر ۾ تہ قلندر سائين سياحت ڪري رهيا هيا پر قلندر کي ڪنهن جي تلاش هئي اهو ڪين ئي بهتر معلوم هو.

من بتلاش تو روم یا بتلاش خود روم
عقل ودل و نظر ھم گم شدگان۔ کوئے تو

(اقبال)

ملتان کان پاڻ سيوهڻ آيا ۽ سپ کان پهريائين ان هنڌ تي قيام ڪيائون جيڪو اڄ ڪلهہ ”ڪچهري جي ڪافي“ جي نالي سان مشهور

Gul Hayat Institute

آهي ۽ سندن مقبري جي اولهہ پاسي آهي. چيو وڃي ٿو تہ ان هنڌ جي چوڌاري طوائفون رهنديون هيون. پر حضرت قلندر جي اچڻ شرط سندن ڪاروبار بند ٿي ويو. جڏهن انهن عورتن وٽن اچي فرياد ڪئي تہ ڪين جواب ڏنائون تہ ”اسان کي خدا پاڪ جو حڪم آهي تہ اسان جي آخري آرامگاهہ هتي آهي. انڪري توهان هتان لڏي وڃو. انهن عورتن سيوهڻ جي راجا جيسر وٽ وڃي سندن شڪايت ڪئي. راجا، لال شهباز قلندر جن متعلق پنهنجي نجومين سان صلاح ڪئي تہ انهن ڪيس ٻڌايو تہ ”هي اهو ئي فقير آهي جنهن جي هٿان تنهنجو موت ٿيندو.“

پاڻ سيوهڻ ۾ پنهنجي مخصوص قلندري طريقي جي تعليم ڏيندا رهيا، جڏهن سندن رحلت جو وقت اچي ويجهو ٿيو تہ پاڻ پنهنجي خاص مريد سيد علي سرمت کي قلندري طريقي متعلق آخري هدايتون ڏنائون ۽ پنهنجي مزار جي جڳهہ بہ مقرر ڪيائون. بيان ڪيو ويندو آهي تہ پاڻ مراقبہ جي حالت ۾ هن فاني جهان مان ڪوچ ڪري ويا.

”قلندر نامہ هندي“ ۾ لکيل آهي تہ ”حضرت قلندر سائين کان فيض پرائيندڙن ۾ سيد علي سرمت کان سواءِ سڪندر بودلي بهار، عبدالله شاهہ ابدال، پير پٺو، ساجن سوائي، تاج الدين ۽ غلام حسين جهڙا بزرگ ۽ اولياءَ بہ شامل آهن. سنڌ جي سيني صوفين حضرت لال شهباز کي پنهنجو روحاني رهبر تسليم ڪيو آهي.

سنڌ جي سدا حيات صوفي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ، قلندر شهباز جي عظيم روحاني مرتبي کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. واديءَ مهراڻ جي مشهور عارف حضرت سچل سر مست اعلان ڪيو ”سچو ميرا مرشد سخي قلندر“ هڪ ٻئي هنڌ سندن تعليم کي خراج تحسين پيش ڪندي سچل چيو آهي.

”قلندر، جو گی کیسی بین بجائی“

Gul Hayat Institute

نامور صوفي، "بيدل" چيو آهي، "مرشد ميرا مڪمل هي قلندر" _ حسيني حيدري سلطان سرور. مشهور صوفيءَ شاعر "بيڪس" قلندر شهباز کي پنهنجو هادي مڃيو آهي. هڪ هنڌ "بيڪس" چوي ٿو.

*شهنشاه قلندر تو هے هادي ميرا.*

ملڪ اختيار الدين رجب سنه 757هه ۾ حضرت قلندر جي روضي جي تعمير ڪرائي، ترخان گهراڻي جي حاڪم مرزا جاني بيگ سندن مقبري جي نئين عمارت ٺهرائي. غازي شهاب الدين جي دور ۾ 1049هه ۾ نواب سيد بهوهه سندن خانقاهه جي مرمت ڪرائي ۽ هڪ ننڍي مسجد تعمير ڪرائي. 1173هه ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي درگاهه شريف ۾ پٿر جو فرش لڳرايو ۽ وڏو دروازو به تعمير ڪرايو.

حضرت لال شهباز جن فارسي زبان جا بلند پايه شاعر هئا. ڪين حضرت علي عليه السلام سان بي پناهه عقيدت هئي. پاڻ حضرت عليه السلام متعلق هڪ ڊگهي منقبت چئي اٿن. جنهن جو هڪ بند هيٺ درج ڪجي ٿو.

وصي مصطفيٰ علي است بگو
بخدا ره نما علي است بگو
سرور _ اولياءَ علي است بگو
نور_ ايمان _ مان علي است بگو

حضرت قلندر جي شاعري جو خاص نظريو وحدت الوجود آهي، سندن چند شعر هيٺ پيش ڪجن ٿا:

دربار گاهه _ وحدت ڪثرت چه ڪار آيد
هد هزار عالم يڪسان شد است مارا
امروز شاهه _ شاهان مهمان شد است مارا
جبريل يا ملائڪ در بان شد است مارا

Gul Hayat Institute

بيا اي مطرب_ ساقي _ سماع_ شوق راد رده
ڪہ من از شاديء _ وصلش قلندر وار مي رقصم

دنيا جي بتخانہ جو سير ڪندڙ قلندر خوديءَ جي ظاهر ٿيڻ تي چوي ٿو:

بتخانہء_ جهان را بسيار سير ڪردم
آئينہ خود پرستي ايمان شد است مارا

پنهنجي هڪ غزل جي مقطع ۾ پنهنجي روحاني پرواز طرف اشارو ڪندي قلندر شهباز فرمائي ٿو:

شهباز شهسوارم پرواز_ قدس دارم
بيجان شڪار آرم مست والست هستم

Gul Hayat Institute

اختر رضوي

# سخي شهباز قلندر رح

مهراڻ جي ماٿريءَ ۾ سيوهڻ کي ٻين شهرن جي مقابلي ۾ ڪي خاص فضيلتون حاصل آهن. هي پاڪستان جو جهونو ۾ جهوني شهر آهي. هتي قديم پٿرواري دور جي زندگيءَ جا آثار لڌا ويا آهن. سڪندر اعظم جو قائم ڪيل يادگار اڄ به هن جي پرسان پير ڪوڙي بيٺو آهي. راءِ ساهسي ٻئي جي حشمت جو نشان اڄ به هن جي قلعي ۾ چٽيل ڏسجي ٿو. هن شهر جي گهٽين کي فاتح سنڌ محمد بن قاسم جي پيرن جي چمڻ جو فخر حاصل آهي. وقت جي شهنشاه هند سلطان محمد تغلق جي ميت کي ڪيئي ورهيه امانت طور پنهنجي اندر رکڻ جو شرف به انهيءَ شهر جي ڌرتي کي مليل آهي. شاهجهان ۽ دارا شڪوه جو پير، حضرت ميان مير، جنهن جي درگاه لاهور ۾ اڄ تائين خاص ۽ عام جي مراد گاه آهي، هتي ئي ڄائو ۽ وڏو ٿيو هو. سنڌ جي ارغون حاڪم مرزا شاه حسن جو مرشد قاضي ڏتو به هن ئي شهر جو رهواسي هو.

مطلب ته سنڌ جي تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ سيوهڻ گمنام نه رهيو آهي. هر زماني ۾ هتي اهڙا اهل الله بزرگ، عالم، ۽ ممتاز ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن پنهنجو ۽ هن شهر جو نالو پري پري تائين مشهور ڪيو آهي. انهن سڀني ۾ حضرت لعل شهباز قلندر رح سيوهڻ کي جا شهرت ۽ فضيلت بخشي آهي، سا هن شهر کي ٻئي ڪنهن کان نه ملي سگهي آهي.

هي انهيءَ درويش خدامست جو فيضان آهي جو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ قديم آثارن ۽ سنڌ جي تاريخ کان ناواقف، عام ماڻهو به

Gul Hayat Institute

سيوهڻ ۽ سنڌڙي لاءِ سڪ تا رکن. پاڪستان ۽ هندوستان جي گهرن ۽ گهٽين جي تہ ڳالهہ ئي ٻي آهي، پر اڄ هانگ ڪانگ، سينگاپور، لنڊن، برلن ۽ نيويارڪ جهڙن ڏورانهن شهرن ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ اوچتو ڪو ڳيرو موج ۾ اچي آلاپ ڪرڻ لڳندو آهي:

لال موري پت رکيو ڀلا،
جهولي لالڻ،
سنڌڙي دا،
سيوهڻ دا،
سخي شهباز قلندر!
دما دم مست قلندر!
علي دا پهلا نمبر!

سخي جي هي ڌمال بہ عجب تاثير رکي ٿي. ڳائڻ ۽ ٻڌڻ وارا ٻئي مست ٿيو وڃن. دلين ۾ هلچل مچيو وڃي ۽ دماغن کان ٻيا سيئي خيال وقتي طور غائب ٿيو وڃن. جيڪو هڪ دفعو ٻڌي، سو ٻئي دفعي جو شوق رکي، ۽ جيڪو بہ چار دفعا ٻڌي، سو سنڌڙي، سيوهڻ ۽ سخي جي روضي جي زيارت جو خيال دل ۾ آڻي. جي ماڻهو انهيءَ خيال کي عملي جامو پهرائي سخيءَ جي روضي تي ايندا آهن ۽ صبح جي مهل هڪ ڀيري بہ هتي هيءَ ڌمال ٻڌندا آهن. ڳائيندڙن جي جذبي جي ڪيفيت ڏسندا آهن، سي سڄي حياتي انهيءَ منظر کي نہ وساري سگهندا آهن. ڪيترائي دنيا ڇڏي صفا مست ملنگ ٿيو پون، ڪيترائي ظلم ۽ زبردستيءَ خود غرضيءَ ۽ رياڪاريءَ کان تائب ٿيو وڃن. ۽ ڪيترن ئي جي دل انسانيت ۽ خوف خدا سان معمور ٿيو پوي. ساليانی ميڙي جي موقعي تي هزارين ماڻهو هر هنڌان قلندر جي روضي تي اچي پنهنجون مرادون ماڱين ٿا. تنهن کان سواءِ بہ، ڪوڏينهن، ڪا مهل بہ سندن درگاهہ عاشقن کان خالي نٿي رهي.

Gul Hayat Institute

سخي لعل شهباز قلندر رح جو نالو شيخ عثمان مروندي هو. پاڻ فاطمي سادات جا فرد هئا. سندن سلسلهءِ نسب حضرت امام جعفر صادق عہ جي فرزند، حضرت اسماعيل سان وڃي ملي ٿو. ستين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري قلندرن جي سرتاج، حضرت بو علي شاهہ قلندر جي روحاني حڪم تي، مروند ڇڏي، هندوستان پهتا ۽ سنڌ جي ولايت حاصل ڪري، اچي سيوهڻ ۾ ديرو ڄمايائون. سندن روحاني فيض ۽ ڪمال، جمال ۽ جلال جا ڪارناما ستت ئي سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿي ويا. ۽ عام ۽ خاص سيئي سندن طالب ٿي پيا. انهن ڏينهن ۾ ٽن ٻين اوليائن جو بہ ملڪ ۾ وڏو هوڪارو هو. اُهي هئا: شيخ فريد گنج شڪر، سيد جلال سُرخ، شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتاني. ٽيئي معرفت ۽ فضيلت جي وڏي درجي تي فائز هئا. ۽ پاڻ ۾ راز و نياز رکندا هئا. قلندر شهباز رح بہ جلد ئي انهن سان شامل ٿي ويو. هڪٻئي جي مرتبي کي سڃاڻي، سيئي پاڻ ۾ اهڙا تہ ڪيرءِ ڪنڌ ٿي پيا جو خلق ۾ ”چار يار“ سڏجڻ لڳا. سيوهڻ ۽ ملتان ۾ چارئي يار اڪثر گڏ ٿي روح رهاڻيون ۽ مڪاشفا ڪندا هئا.

ملتان انهيءَ زماني ۾ سنڌ ۽ پنجاب علائقي جي لاءِ مرڪز جي حيثيت رکندو هو. ٻنهي علائقن تي ضابطو رکڻ ۽ ڌارين حملہ آورن کان ملڪ کي بچائڻ لاءِ هتي دهليءَ جي شهنشاهہ پاران وڏي ۽ طاقتور فوج رکي ويندي هئي، ۽ گهڻو ڪري ڪو معتبر شهزادو ئي هتي جو حاڪم مقرر ڪيو ويندو هو. مذڪوره چئني اوليائن جي ڏينهن ۾ ملتان جو حاڪم، شهنشاهہ هند، سلطان غياث الدين بلبن جو سڪيلڌو پٽ ۽ ولي عهد، سلطان محمد هو. هو عالمن ۽ دانشورن جو وڏو قدردان هو. امير حسن ۽ امير خسرو جهڙا بلند مرتبي وارا فنڪار ۽ شاعر سندس دربار سان وابستہ هئا، ۽ وزيرن جي فهرست ۾ پڳهار کڻندا هئا. هن بہ پيرا شيخ سعديءَ کي بہ پاڻ وٽ آڻڻ لاءِ ماڻهو موڪليا هئا. عالمن ۽ شاعرن

Gul Hayat Institute

سان گڏ هو اهل الله درويشن سان به اونهي عقيدت رکندو هو. سندس گهڻو وقت شيخ بهاوالدين ذڪريا ۽ شيخ فريدالدين گنج شڪر جي خدمت ۾ گذرندو هو.

لعل شهباز قلندر رح جڏهن پنهنجن يارن سان گڏجاڻي ڪرڻ ملتان آيو ته سلطان محمد سندن نيازمندانه آجيان ڪئي. نذرانو ۽ هديو پيش ڪيو ۽ سندن اعزاز ۾ هڪ سماع جي خاص محفل برپا ڪئي. هن موقعي تي هڪ راڳيندڙ اهڙا ڪي سنا ڪلام ڳايا جو شهباز قلندر رح وجد ۾ اچي رقص ڪرڻ لڳو. محفل ۾ موجود ٻيا به سيئي درويش انهيءَ حال ۾ پئجي ويا. اهو رنگ ڏسي، سلطان محمد به ادب وچان هٿ ڇاتي تي رکي تخت تان اُٿي بيٺو جذبي ۾ اچي زارون زار روئندو رهيو. محفل ختم ٿيڻ تي هن قلندر شهباز کي التجا ڪئي ته هو ملتان ۾ ئي رهجي وڃي. پر سخيءَ هن جي اها منٿ نه قبول ڪئي.

سخي شهباز قلندر رح جي ڪرامتن جو ڪو حد ۽ حساب ناهي. مريدن، خادمن ۽ فيض حاصل ڪرڻ وارن اڄ تائين جيڪي ڏٺو ۽ ٻڌو آهي، جيڪڏهن انهن واقعن جو ڏهون حصو به لکيو وڃي ته ڪيترائي ضخيم جلد تيار ٿي پوندا. هتي فقط مير علي شير "قانع" جي "تحفته الڪرام" ۾ لکيل ٻه روايتون ڏنيون وڃن ٿيون، جيڪي ان وقت ماڻهن ۾ مشهور هيون.

جنهن جاءِ تي هينئر سخي آرامي آهي، اتي اڳي ڪيرين جو ديرو هو. اتفاق جي ڳالهه ته جنهن ڏينهن سخي اچي سيوهڻ ۾ منزل ڪئي، تنهن رات ڪي مرد ڪيرين وٽ ويا، پر انهن تي قادر نه ٿي سگهيا. هن ڪرامت ڪيرين کي حيران ڪري وڌو. هو سوچڻ لڳيون ته اسان جي ديري جي آسپاس ضرور ڪا اهم ۽ نئين ڳالهه ٿي آهي. صبح ٿيڻ تي کين سخي شهباز قلندر رح جي خبر پئي. سيئي گڏجي خدمت ۾ آيون، ۽ بدپيشي لاءِ هميشه هميشه جي لاءِ تائب ٿي ويون.

Gul Hayat Institute

هن معامليءَ کان پوءِ سخيءَ پنهنجي آستاني لاءِ هڪ زمين جو ٽڪر چونڊيو. هڪ مزور کي هتي چوديواري ٺاهڻ جي ڪم تي لڳايائين، ۽ پاڻ ڏنڊو کڻي انهيءَ هنڌ ٻيهي رهيو. ايتري ۾ زمين جو مالڪ به اتي پهچي ويو ۽ مزور کي چوديواري ٺاهڻ کان جهلڻ لڳو. سخي جوش ۾ اچي مالڪ کي ڏنڊو هڻي ڪڍيو. هڪڙي ئي ڌڪ سان مالڪ مري ويو. سخيءَ ان کي اتي ئي پوري ڇڏيو. فوتيءَ جي وارثن اها ڳالهه ٻڌي ته دانهون ڪندا، اچي سخيءَ سان تڪرار ڪرڻ لڳا. سخيءَ چيو، مون ته ڪتو ماريو آهي، وڃي ته ڏسي وٺو، هتي پوريل آهي. فوتيءَ جي وارثن کڏ کولي ته سچ پچ ان ۾ مئل ڪتوئي پيل ڏسڻ ۾ آيو. هو سمجهي ويا ته هي درويش ڪرامت وارو آهي، سو هڪدم سيئي سخيءَ جا مريد ٿي پيا ۽ اُها زمين نذراني ۾ پيش ڪري ڇڏيائون.

673هه ۾ سخي پنهنجو برقعو مٽايو. هو سڄي حياتي مجرد رهيو ۽ هر طرح پاڪباز رهي زندگي گذاريائين. دهليءَ جا شهنشاهه ۽ ملتان جا حاڪم سندس درُناهه سان هميشه عقيدت رکندا آيا. تنهي ۾ جڏهن سلطان محمد تغلق اوچتو وفات ڪري ويو ته سندس جانشين سلطان فيروز شاهه تغلق برڪت لاءِ ڪيس سخيءَ جي درگاهه جي پرسان ئي امانت طور دفن ڪيو. هن موقعي تي سلطان فيروز شاهه تغلق، سخيءَ جي درگاهه جي متولين ۽ خادمن جو وظيفو ۽ گذران جو مستقل سلسلو مقرر ڪرڻ سان گڏ، سخيءَ ۽ سخيءَ جي خليفي سيد عليءَ جي قبرن تي قبن ٺهرائڻ جو پڻ بندوبست ڪيو. ٻئي قبا 754 هه ۾ ٺهي تيار ٿيا، ۽ اڄ تائين قائم آهن. انهن قبن ۾ جي ڪتبا لڳل آهن، انهن ۾ لکيل بيتن مان سخيءَ جي عظمت ۽ فضيلت ۽ دهليءَ جي بادشاهن جي سخيءَ سان عقيدت صاف ظاهر ٿئي ٿي. سخي شهباز قلندر رح جي قبي تي لڳل ڪتبي تي هي شعر لکيل آهن:

بعہد دولت فیروز شہ سلطان، دیں پرور،
کہ خاک در گہش سازند شاہان جہان افسر۔
از آں گاہی کہ بر تخت، شہنشاہی نشست آن شہ،
سراسر گشت گیتی از شعاع، دولتش انور۔
عمارت شد مقام شیخ عثمان پیر مروندی،
ولی اللہ کہ او باز - سفید بحر بود و بر۔
چہ زیبا بار گاہی شد بہشتی طاق بر گنبد،
کہ رنگ نہ فلک گشتہ ز رنگ بام او اخضر۔
اگرچہ اولیا اندر زمان شیخ بس بودند،
ولیکن در کرامت بود او از ہمکنان برتر۔
بروز ہفتم از ماہ رجب مبنی شد ایں روضہ،
بسال ہفصد و پنجاہ و ہفت از ہجرت مہتر۔
بنایش کرد والی اختیار الدین ملک ارشد،
امیر عادل و باذل تہمتن ثانی اسکندر۔
کہ تابودہ ست سیوستان نبودہ این چنیں والی۔
سخی و مشفق و مکرم تقی و پاک دین پرور۔
امید آنست میں یابد جزای این چنیں خیری،
ہزارا فیض در جنت ز فضل، ایزد اکبر۔

روضي جي هن عمارت کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي شيون ۽ جايون سنڌ جي مختلف علائقن ۾ لعل شهبازؒ جي نالي سان منسوب آهن، ۽ زيارتگاهه جي حيثيت رکن ٿيون. انهن ۾ ڪوهستان جي علائقي ۾ حاجي منگهي جي جبل منجهه وهنڊڙ واهه خاص طور سان مشهور آهي. هن واهه جي ٻنهي ڪپن تي وڻن ۽ ٻوٽن جي ساوڪ اکين

Gul Hayat Institute

ڪي ٺار ۽ روح کي بهار ڏيندي رهي ٿي، ۽ درويشن ۽ فقيرن جي آستانن تان سدائين عشق ۽ درد جا آلاپ بلند ٿيندا رهن ٿا. لاريب، هي شعر لعل شهباز قلندر رح جهڙن اهل الله بزرگن تي ئي پورو اچي ٿو:

هرگز نميرد آنکه دلش زنده شد بعشق،
ثبت است بر جريدهء عالم دوام ما!

Gul Hayat Institute

سليم هالائي

# قلندر لعل شهباز رح

دينِ حق جو پيغام ديس ديس جي ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ جيترو حصو اولياءِ ڪرام ۽ صوفياءِ عظام جو آهي. اوترو نہ صاحبِ سيف فاتحن جو آهي، نڪو عالمن ۽ قاضين جو آهي. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن کي خود منهنجا تہ پنهنجا، پراوا بہ تسليم ڪن ٿا. جهڙيءَ طرح انگلستان جو مشهور مستشرق عالم سرٿامس آرنولڊ بہ لکي ٿو تہ ”اسانکي اسلام جي تبليغي روح جي تلاش جنگي جوڌن مسلمانن يا محدود نظر ملائڻ جي غيظ ۽ غضب ۾ نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ انهن پر امن ۽ خاموش مبلغن جي اڻ ٿڪ ڪوشش ۾ ڪرڻ گهرجي جن پنهنجي عمده اخلاق ۽ عمل صالح سان ماڻهن جا من موهيا.

اهو اشارو آهي انهن صوفياءِ حضرات ۽ اولياءِ ڪرام ڏانهن جيڪي جتي بہ ويا اُتي امن ۽ آشتي، صلح، سڪون، محبت ۽ مساوات، خلوص ۽ رواداريءَ، انساني اخوت ۽ برادريءَ جو پيغام کڻي ويا ۽ حق جي تبليغ جي اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا، جيڪو ٻيءَ طرح حاصل ڪرڻ ممڪن نہ هو.

انهن صوفياءِ ۽ اولياءِ ڪرام، پيغمبر اسلام، رسول مقبول صلعم جن جي تبليغي طريقي تي عمل تي فرمايو. نڪي ماڻهن کي انهن جي گمراهين ۽ گندگين تي ننديو ٿي، نڪي انهن جي ارڏاين ۽ اڏنگاين تي ڀاراتا ٿي ڏنا بلڪ اياڻن ۽ ابوجهن لاءِ هر هنڌ رحمت ۽ شفقت جون بشارتون کڻي پهتا. گمراهن کي مهر ۽ مروت سان گرويده فرمايائون، ڪدورتن کي قرب سان ڪٽائون ۽ نفرتن کي نيهن سان

Gul Hayat Institute

نهوڙي نيائون جن برگزيده بزرگن حق جي تبليغ جو حق اهڙي پيغمبرانه تدبر، تحمل، خلوص ۽ محبت سان ادا ڪيو انهن مان حضرت عثمان مروندي لعل شباز رح به هڪ هو. حضرت لعل شهباز قلندر رح جن جو اسم مبارڪ عثمان هو ۽ اصل مروند جا ويٺل هئا. تنهن ڪري مروندي سڏبا هئا. سندن حياتيءَ جو احوال محدود تاريخي مواد سبب پوريءَ طرح معلوم ڪري نٿو سگهجي. پاڪ هند ۾ تشريف فرمائڻ ڪان اڳ جي سندن حياتي ۽ حالات تي مفصل روشني وجهڻ ڪان تاريخ قاصر آهي. فقط ايترو پتو پوي ٿو ته پاڻ افغانستان جي شهر مروند ۾ سنه 1177ع ۾ تولد ٿيا ۽ سندن والد ماجد جو اسم مبارڪ سيد ابراهيم ڪبيرالدين هو.

ڪن روايتن مطابق سندن وڏا اصل عراق جا رهاڪو هئا، جتان لڏي اچي ايران جي شهر مشهد ۾ مقيم ٿيا ۽ پوءِ افغانستان ۾ مروند ڪي اچي منور فرمايائون. سندن شجره نسب حضرت امام جعفر صادقه رضه سان وڃي ٿو ملي.

حضرت عثمان مروندي جن ابتدائي تعليم مروند ۾ حاصل ڪئي ۽ اتي ئي قرآن پاڪ حفظ فرمايائون. جنهن ڪان پوءِ تعليمي تڪميل جي غرض ۽ سير و سياحت جي شوق سان مروند مان نڪتا ۽ پهريائين حج ڪعبت الله شريف ۽ حرم شريف جي زيارت لاءِ روانا ٿيا.

”مخزن راز“ جو منصف لکي ٿو ته انهيءَ با برڪت سفر دوران سندن گڏجاڻي بابا ابراهيم سان هن طرح ٿي ته هڪ ڏينهن بابا ابراهيم جن پنهنجي مريدن ۽ معتقدن جي حلقي ۾ وينا هئا ته سندن نظر هڪ الله لوڪ تي پيئي جيڪو لعل لباس ۾ ملبوس هو. پڇيائون ته ڪير آهي؟ ٻڌايائونس، ”سيد عثمان مروندي“. پوءِ ”قدر جوهري راجوهري داند“ جي مصداق بابا ابراهيم جن سندن اعليٰ جوهر جو اندازو فرمائي، ڪين پنهنجي مريدن جي حلقي ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ ڪين پنهنجي روحاني مرشد شيخ جمال مجرد جن جي صوفيانه سلسلي جو خرقو عطا فرمايو.

حج بيت الله شريف کان فارغ ٿيڻ بعد، حرم شريف ۽ ٻين مقدس مقامن جي زيارت ڪري پاڪ هند ڏانهن روانا ٿيا. واضح رهي ته قرون وسطيٰ ۾ مروند، هرات، مشهد، ايران ترڪستان ۽ افغانستان جا ٻيا شهر علم ۽ تهذيب جا مرڪز هوندا هئا. اڪثر اولياءِ ۽ صوفياءِ ڪرام پاڪ هند ۾ خراسان، بلخ، بخارا، سمرقند ۽ هرات مان ئي آيا. ان تي اتفاق راءِ ناهي ته مروندي ڪهڙي رستي سان آيا. فقط قياس ڪجي ٿو ته بغداد مان مڪران پهتا ۽ لس ٻيلي وٽان ٿيندا سنڌ ۾ آيا، يا افغانستان جي رستي پاڪ هند جي حد ۾ داخل ٿيا. بهرحال حضرت عثمان مروندي جن پاڪ هند اچي پهريائين ملتان ۾ مقيم ٿيا جيڪو تنهن سمي هر لحاظ کان اوج ۽ عروج تي هو ۽ اهل الله جو آماجگاه هو.

سندن ملتان جي قيام متعلق روايت آهي ته پاڻ ملتان جي هڪڙي ڳوٺڙي ۾ مقيم هئا ته ملتان جي قاضي قطب الدين ڪاشفيءَ سندن خلاف فتويٰ ڏني، جو پاڻ قلندرانه مستيءَ ۽ محويت ۾ هوندا هئا. قاضي قطب الدين ڪاشفي سندن خلاف فتويٰ ڏني جا ٻڌي قلندر لعل شهباز جوش ۽ جلال ۾ اچي ويا ۽ هڪ لوهه جي سيخ هٿ ۾ ڪٺي اٿي کڙا ٿيا ۽ قاضي کي انهيءَ گستاخي جي سبق سيکارڻ لاءِ پنهنجن مريدن ۽ معتقدن سان گڏ ملتان ڏانهن روانا ٿيا. ملتان ۾ شيخ بهاءُالدين ذڪريا جن رشد و هدايت جي مسند تي جلوه افروز هئا ۽ وڏا وڏا علماءِ ۽ اولياءِ سندن حلقه بگوش هئا. ان وقت به پنهنجي پيار جي پانڌيئڙن جي رهنمائي ۽ رشد و هدايت ۾ مشغول هئا ته کين پتو پيو ته شيخ عثمان مروندي نالي هڪ ولي الله وڏي قلندرانه جوش ۽ جلال جي عالم ۾ سندن دربار ڏانهن اچي رهيو آهي. سندن پنيان مريدن ۽ معتقدن جو بي پناهه هجوم آهي. جيڪي مطالبو ڪري رهيا آهن ته قاضي قطب الدين سندن حوالي ڪيو وڃي نه ته ملتان جا ٿين کڙڪائي ڇڏيندا. اهو ٻڌي شيخ بهاءُالدين ذڪريا جن پنهنجي پاٽئي شيخ حسن کي فرمايو ته شيخ

عثمان جي پيشوائي لاءِ وڃن ۽ ڪنهن طرح ٿڌو ڪري ڪين وٺي اچن. شيخ حسن شيخ عثمان کي وٺي اچي شيخ بهاءُالدين ذڪريا جن جي حضور ۾ پهتا. شيخ بهاءُالدين ذڪريا جن نهايت محبت ۽ شفقت سان شيخ عثمان جن ڏانهن نهاريو ته:

دل ڏنو دل کي پرت جو پيغام
فيصلا ٿي ويا نگاهن ۾

نگاهن ملائڻ شرط شيخ عثمان مروندي رح جي قلب کي قرار اچي ويو. ڏمر ڏوراپو وسري وين. سراپا تسليم و رضا جي تصوير بڻجي ويا ۽ نهايت نماڻائي سان عرض ڪيائون ته "قبلا! معافي ملي. خطا ڪيم جو هڪ عالم دين کي ڪڙي ۾ قابو ڪرڻ جو سوچيم. هاڻ ته پاڻ حضور جو قيدي بڻجي ويو آهيان. بيعت راه ڪرم زياده دير نه ترسايو ۽ از جو شرف بخشي ممنون فرمايو."

شيخ بهاءُالدين ذڪريا جن ڪين سڌي سيني سان لڳايو ۽ پنهنجي رشد و هدايت جي حلقي ۾ شامل فرمائي ڇڏيو. چون ٿا ته پهريائين پهريائين شيخ بهاءُالدين ذڪريا جن ئي ڪين "لعل شهباز قلندر رح" جو شانائتو لقب ڏنو. جنهن کان پوءِ انهيءَ لقب سان سڏجڻ لڳا ۽ هميشه هميشه لاءِ مشهور ٿي ويا.

پاڪ هند جي صوفياءِ ڪرام بابت ڪتابن ۾ اڪثر چئن يارن جو ذڪر آيو آهي، جنهن لاءِ "تحفته الڪرام" جي منصف جو چوڻ آهي ته اهي چار يار هئا.

1. شيخ بهاءُالدين ذڪريا (رح).
2. بابا فريد گنج شڪر (رح).
3. سيد جلال الدين بخاري (رح).
4. حضرت عثمان مروندي (رح).

اڪثر ڪري انهن چئني يارن گڏجي سفر ڪيو.

Gul Hayat Institute

تنهن زماني ۾، شهزادو محمد بن غياث الدين بلبن ملتان جو حاڪم هو ۽ حضرت عثمان مروندي جن جو ڏاڍو معتقد هو. هن ڪين گذارش ڪئي ته مستقل طور ملتان ۾ سڪونت اختيار فرمائين، پر ان تي راضپي جو اظهار نه فرمايائون. شايد اندر واري اطلاع ڪري ڇڏيو هيو ته ڪين ٻيءَ سرزمين جي سرهاڻ وڻائڻي آهي. جنهن لاءِ اڳتي هلي، حضرت بو علي شاهه قلندر ڪين تلقين فرمائي:

سير و سياحت دوران حضرت عثمان مروندي جن پاڻيپت پهچي، حضرت شيخ شرف الدين بو علي شاهه قلندر (رح) جن سان ملاقاتي ٿيا ته انهن ڪين مشورو ڏنو ته سنڌ ديس ۾ وڃي دين جي تبليغ ڪرڻ فرمائين جتي اهڙي ڪم جي زياده ضرورت آهي. حضرت عثمان مروندي جن سندن حڪم مڃي سنڌ سڳوريءَ جي واٽ ورتي ۽ اچي سيوهڻ شريف ۾ شمع هدايت روشن فرمائي.

تنهن سمي سيوهڻ اخلاقي پستين جي انتها کي پهتل هو. ماڻهو شرڪ ۽ بدعت ۾ ورتل هئا. نيڪوڪاري ۽ پرهيزگاري جي پاڇي کان به پري هئا. مجال آهي جو ڪنهن جي نيڪ نصيحت ڪن ڏيئي ٻڌن. مگر "نگا مرد مومن سہ بدل جاتہ تقدر" جي مصداق حضرت عثمان مروندي جي قلندرانه ڪرم فرمائي سندن چاهتن جا چرخا بدلائي ڇڏيا. محبت، مروت، شفقت ۽ سخاوت سندن دلين مان ڏوڙ ڌوئي ڇڏي ۽ عادي گنهگار مروندي محبوب جي بارگاه ۾ توبه تائب ٿي پاڪباز ۽ نيڪوڪار بڻجي ويا، ڪفر ۽ شرڪ جي اونده مان نڪري علم ۽ ايمان جي روشني ۾ رحمان جي راضپي واري دڳ تي گامزن ٿي ويا ۽ پنهنجي روحاني رهبر يا استاد ڪامل حضرت عثمان مروندي جي پاڪيزه پيار جي شمع تي پروانه وار پچڻ لڳا. ڪيترن نفس جي پوڄارين، جن جا مفاد بداعمالين سان وابسته هئا. تن پليت نفس شريرن سندن ڏاڍي مخالفت ڪئي، مگر سخت پشيمان ۽ پامال ٿيا. سچ ته "شمع حق نور ذات ڪو بچا

سگهندو ڪون"؟

هڪ روايت مطابق حضرت عثمان مروندي (رح) جن سيوهڻ شريف ۾ ڇهه سال قيام فرمايو ۽ انهيءَ مختصر عرصي ۾ تبليغ دين جو ايترو ڪم ڪيو جيترو سو سالن ۾ به ڪنهن ٻئي نموني نه ٿي سگهي ها. مطلب ته:

اين سعادت بزورِ بازو نيست
تا نه بخشد خداي بخشنده۔

حضرت عثمان مروندي (رح) جن نه رڳو هڪ بلند پايه صوفي با صفا ۽ ڪامل ولي الله هئا، بلڪ اعليٰ پايه جا عالم با عمل، ماهر لسانيات ۽ شعله بيان شاعر به هئا. سندن لسانيات جي مهارت متعلق مشهور محقق شيخ محمد اڪرام صاحب، رچرڊ برٽن جي حوالي سان پنهنجي مشهور تصنيف "آب- ڪوثر" ۾ لکي ٿو ته جنهن وقت انگريز سنڌ تي قابض ٿيا، تنهن وقت شيخ عثمان مروندي جون به تصنيفون "ميزان الصرف" ۽ "صرف صغير" هتان جي فارسي نصاب ۾ شامل هيون.

سندن بيشتر ڪلام فارسي زبان ۾ چيل آهي ۽ عارفانه عشق ۽ مستي، جوش ۽ جذبي سان ڀريل آهي. "مقالات الشعراءِ" ۾ سندن هيٺيون غزل آيل آهي، جيڪو بلاشبه قلندرانه سوز و گداز خلوص ۽ محبت جو روشن مثال پيش ڪري ٿو:

ز عشق دوست هر ساعت، درون نار مي رقصم
گهے بر خاک مي غلطم گهے بر خار مي رقصم
بيا اے مطرب ساقي سماع شوق را درده
که من در شادي وصلش قلندر وار مي رقصم
شدم بدنام در عشقش، بيا اے پارسا هم بين

Gul Hayat Institute

نمی ترسم ز رسوائی سر بازار می رقصم
مرا مخلوق می گوید گدا، چندا چہ می رقصم
بدل داریم اسرارے، ازاں اسرار می رقصم

*

خلائق گر کند بر من ملامت زیں سبب ہردم
مگر نازم بریں ذوقے کہ پیش یار می رقصم
اگر صوفی شدم یارم، بیاتا خرقہ پوشم
اگر زنار بر بستند، دراں زناری رقصم
منم "عثمان مروندی" کہ یار خواجہ منصورم
ملامت می کند خلقے، ومن بر دار می رقصم

قلندر لعل شهباز بہ منصور حلاج خواجہ شمس تبريز ۽ ٻين برگزيده صوفياءِ ڪرامن وانگر "وحدة الوجود" جا قائل هئا. سڀ شيءِ ۾ انهيءَ سچي سائين جي سونهن تي ڏٺائون ۽ دوئي دور ڪري، عالم ۾ رب العالمين جي هيڪڙائي جو مشاهدو تي ماڻيائون جهڙيءَ طرح هڪ هنڌ فرمائين ٿا.

دوئی از سربدر کردم یکے دیدم دو عالم را
یکے بینم، یکے جویم، یکے دانم، یکے خوانم

صوفياءِ ڪرام جي پاڪيزه ڪلام جي حقيقي عظمت جي اندازي لڳائڻ ۽ ان ڪان پوريءَ طرح روحاني راحت حاصل ڪرڻ لاءِ لازمي طور تصوف جي تحقيقي تعريف مد نظر رکڻي ٿي پوي. تصوف بلا شبہ اسلام جي روحاني، مذهبي ۽ اخلاقي فڪر جو بهترين ثمر آهي. تصوف جو تعلق انساني روح جي ارتقا ۽ سفر سان آهي. هڪ اهڙو ارتقا ۽ سفر جيڪو نا مڪمل ۽ تڪليف ده زندگيءَ مان سرور طرف وٺي

Gul Hayat Institute

وڃي ٿو، جنهن جو مقصد حق جي وصال ۽ هجر جي فراق جي حالت مان وصل ۽ عرفان جي حالت ڪي پهچڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي

تصوف جي مختصر ترين تعريف اها آهي ته ”جيڪي صاف آهي سو ڪڻ“ ۽ جو ميرو آهي ڇڏي ڏي.“

همچو صوفي درلباس صوف باش
با صفت هائي خدا موصوف باش

انگريز عالم سر وليم جونز اسلامي تصوف جي تعريف جو خلاصو هنن لفظن ۾ پيش ڪري ٿو:

،تصوف جو بنياد انهيءَ عقيدي تي رکيل آهي ته صرف خدا جو وجود ئي وجود مطلق آهي. انساني روح خدا جي روح جو هڪ پرتوو يا پاڇولو آهي. توڙي جو انساني روح ڪجهه وقت لاءِ پنهنجي حقيقي خالق ڪان جدا ٿي ٿو وڃي، ليڪن آخرڪار ان جو وصال پنهنجي سر چشمه ۽ خالق سان ٿئي ٿو.“

انهيءَ وصال جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ انساني روح ڪي دنيا جي هر شيءِ ڪان لاتعلق ٿيڻو آهي. هن فاني حياتيءَ مان اهڙي طرح گذاري وڃي، جهڙي طرح هڪ تارو سمنڊ ۾ ڪپڙن لاهڻ ڪانپوءِ زياده آساني سان تري سگهي ٿو.

اهڙو روح جيڪو دنيا جي آسائش ڪان آزاد ٿيو وڃي، سو هڪ اهڙي سنئين سنواٽي وڻ مثال ٿئي ٿو جنهن جا ڦل ڏسڻ ۾ نٿا اچن. بنسبت انهن وڻن جي جيڪي پنهنجي ڦل جي بار ڪان جهڪي ٿا وڃن.

جيڪڏهن انساني روح هن دنيا جي رنگ و بو ڪان ايتري قدر متاثر ٿئي ٿو ته انهيءَ حقيقي حسن لازوال جي جوت ۽ جمال ڪان ڪيتري قدر نه متاثر ٿيندو جنهن جو اظهار استعارن ۽ تشبيهن سان به پوريءَ طرح نٿو ڪري سگهجي.

Gul Hayat Institute

دنيا ۾ انساني روح انهيءَ ہوتي مثال آهي.جنهن ڪي ان جي سرچشمي کان الڳ ڪيو ويو هجي. اهو ان موم جهڙو آهي جنهن کي لذيذ ميٺاج پريل ماکي کان جدا ڪيو ويو هجي ۽ هو پنهنجي انهيءَ فراق واري حالت جو اظهار پنهنجي گرم گرم لڙڪن لاڙن سان ڪندو رهندو هجي. اهڙي طرح جهڙيءَ طرح هڪ ٻرندڙ شمع انهيءَ انتظار ۾ لڙڪ لاڙيندي رهي ٿي تہ فنا سان هم ڪنار ٿي پنهنجي محبوب سان موٽي ملندي.

مطلب تہ صوفياءِ ڪرام جي راه سلوڪ آهي ۽ اُهي فقط واحد جي وصال لاءِ ڪوشان رهن ٿا ۽ انهيءَ لاءِ ئي ماهي بي آب مثل بي چين ۽ بيتاب رهن ٿا. جنهن جو اندازو حضرت عثمان مروندي رح جي پاڪيزه ۽ پر تاثير ڪلام مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.

صوفياءِ ڪرام جو ڪلام، ڪلام الله جوئي تفسير يا ترجماني ڪري ٿو جهڙي طرح الله پاڪ پنهنجي ڪتاب ۾ فرمائي ٿو تہ قرآن الله تعاليٰ طرفان برهان ۽ راه ڏيکاريندڙ بنجي آيو آهي ۽ خدا جي طرفان هڪ نور آهي ۽ انسان انهيءَ نور جي مدد سان پنهنجي پرودگار کي لهي سگهي ٿو تہ تهڙي طرح حضرت عثمان مروندي رح جن فرمائي ٿا:

ديدار حق تعاليٰ در مان- درد ماشد
ديده بصير بينا برها شد ست مارا

Gul Hayat Institute

سندن ڪلام زياده نہ آهي پر جيڪي بہ آهي سو عشق الاهي جي سوز ۽ گداز سان پريل آهي. سندن رحلت فرمائڻ کان ست سئو سال پوءِ پهريون پيرو هڪ شخص، فقير ظفر علي سندن نالي فارسي غزلن جو هڪ منتخب مجموعو منظر عام تي آندو. جنهن ۾ ڪافي اوڻايون آهن ۽ اهڙا ڪيترا اشعار آهن، جن تي گمان ٿئي ٿو تہ اهي سندن چيل نہ آهن. يا تہ غلطي وچان شامل ڪيل آهن، يا ازخود عقيدت جي انتها کان سندن نالي منسوب ڪيل آهن. بهرحال ان ۾ اهڙا اعليٰ احساسات سان پرپور

غزل آيل آهن، جن جي مضمون ۽ معيار جي مد نظر يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهي هڪ اهڙي دردمند دل جي دانهن آهي، جيڪا قرب الاهي جي ڪيف ۽ قرار، هجر ۽ فراق جي درد ۽ اذيت کان آشنا آهي.

سلوڪ جي راهه ۾ شريعت، حقيقت، طريقت ۽ معرفت جي مدارج متعلق ڪاميابيءَ جي ڪيفيت تائين پنهنجي مشاهدي ماڻڻ جي تاثرات کي هن طرح بيان فرمائين ٿا:

رسیدم من بدریائے کہ موجش آدمی خوار است،
نہ کشتی اندرآں دریا نہ ملاحے عجب کار است،
شریعت کشتی دارد طریقت بادبانِ او،
حقیقت لنگرے دارد کہ را عقل دشوار است،
چو آبش جلوہ خود دیدم بترسیدم از آں دریا
بدل گفتم چرا ترسی، گذر باید کہ ناچار است
ندا از حق چنیں آمد مگر از جان می ترسی؟
ہزاراں جان مشتاقاں دریں دریا نگوں سار است
کمر بر بند چوں مردان قدم بر نہ چو غواصاں
مترس از نیش زنبوراں کہ گل پوشیدہ باخار است
ایا عثمان مروندی! سخن با پردہ داراں گو
نیابی در جہاں یارے جہانے پر ز اغیار است۔

دم هڻڻ لاءِ به دل ٿي ڪپي. هر ڪنهن جو ڪم نه آهي جو دم هڻي سگهي، چو ته "جيڪو به دم هڻي ٿو، سو سر قلم ٿئي ٿو". مگر جتي حضرت عثمان مروندي رح جن جهڙي اولوالعزم هستي هجي، اتي دم هڻڻ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! فرمائين ٿا:

من آں درم کہ در بحر جلال اللہ بودستم

Gul Hayat Institute

بکوہ طور با موسیٰ کلیم اللہ بودستم
بھ آبے زندہ ہم بودم بہ خضرے زندھم بودم
بہ اسکندر درماں لشکر بہ لشکر گاہ بودستم
بہ اسماعیل پیغمبر بہ ابراہیم بن آذر،
در آں سر وقت قربانی بہ قرباں گاہ بودستم
گہے بر تخت گویانم گہے بردار خندانم
عجائب بہا کہ من دیدم نہ دید ست و ونہ دید ستم
ایا ملا! مکن ظاہر سر اسرار مرداں را
نمی دانی ندانستی کہ سر اللہ بود ستم
ایا "عثمان مروندی" چرا مستی دریں عالم
بجز مستی و مدہوشی دگر چیزے نہ دانستم

حضرت عثمان مروندي لعل شهباز قلندر جن سراپا خلوص ۽ محبت جا مظهر هئا ۽ سچي چمار انهيءَ شعرجي مصداق گذاريائون تہ:

انیس خلوت شب زندہ داراں
رفیق روز در محنت گذاراں۔

هر هڪ ڏکويل ۽ مصيبت جي ماريل جي هر ممڪن مدد ڪرڻ فرمائيندا هئا. جيڪو سندن زندگيءَ جو اولين ۽ آخرين مقصد هو. راتيون پنهنجي معبود حقيقي جي ذڪر ۽ فڪر ۾ ۽ ڏينهن صبر ۽ شڪر، خلوص ۽ محبت، رواداريءَ ۽ نيڪو ڪاريءَ، امانت ۽ سخاوت ۾ گذاريندا رهيا. تان جو سچي سائين جو سنيهڙو اچي سهڙين ۽ شعبان 673هه مطابق 1274ع هن دارالفراق مان رحلت فرمائي دارالوصال ۾ پنهنجي حقيقي معبود سان وڃي مليا ۽ سندن جسد مبارڪ سيوهڻ جي سياڳي زمين ڪي هميشہ هميشہ لاءِ سرهاڻ سان نوازي ڇڏيو.

سندن مزار مبارڪ سيوهڻ شريف (ضلع ڄامر شورو) ۾ ڪراچي ڪان اٽڪل 180 ۽ حيدرآباد ڪان اٽڪل 85 ميلن جي فاصلي تي آهي ۽ فن تعمير جو هڪ نادر نمونو آهي.

سندن مزار مبارڪ جي تعمير پهريائين فيروز شاهه تغلق جي زماني ۾ سنڌ جي حاڪم ملڪ رڪن الدين عرف اختيار الدين ڪرائي، جنهن ڪان پوءِ ترخان خاندان جي آخري تاجدار جاني بيگ ترخان ڪرائي ۽ پوءِ ان جي مرمت جاني بيگ جي فرزند مرزا غازي بيگ ترخان ڪرائي، پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو نماڻو نذرانو پيش ڪيو. [۽ 1994ع ۾ شهيد راڻي محترمر بينظير ڀٽو روضي مبارڪ شهيد تيڻ ڪان نئي روضي مبارڪ جو سنگ بنياد رکيو. (ا-س)]

سندن مزار مبارڪ اڄ به مرجع خاص و عامر آهي ۽ شب روز سوين سڪايل سندن بارگاهه ۾ سلامي ٿيندا ۽ عقيدت جون ورڪائون نذرانو ڪندا رهن ٿا. بيشڪ:

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي "عبداللطيف" چئي، مٽي لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلامر، آڳه اچيو ان جي.

Gul Hayat Institute

حبيب الله ڀٽو [1]

# سنڌڙي دا شهباز قلندر

سنڌڙي سونهاري ئي اها پاڪ ۽ عظيم سرزمين آهي. جنهن جي رستي اسلام جو پيغام پهريون دفعو ننڍي کنڊ جي انسانن تائين پهتو" ۽ هيءَ ئي اهو خطو آهي، جنهن جي ذريعي هن ملڪ جي مهذب ۽ خدا ناشناس بندن کي پنهنجي مالڪ حقيقيءَ صحيح صورت ۾ سڃاڻڻ جي ساڃهه حاصل ٿي. انهيءَ سبب، اسان جي وطن کي "باب الاسلام" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. هيءَ به ناقابل ترديد حقيقيت آهي تہ هن سعيد زمين جي رهواسين، سڀ کان اول، دين جي پروانن ۽ پرستارن جي دعوت حق تي لبيڪ ڪندي ان کي ديوانہ وار پنهنجن سينن سان لڳايو، ۽ ان کان پوءِ ان جي تبليغ ۽ تهلاءَ لاءِ پوريءَ دنيا ۾ پکڙجي ويا.

هيءَ ئي اها اولين سرزمين هئي، جنهن تي عرب جي بزرگن ۽ اسلام جي اعليٰ ۽ ارفع هستين پنهنجا قابل قدم گهمايا هئا. انهن سان گڏ، ان برڪت ڀرئي ملڪ اهڙيون ڪيتريون بيش بها شخصيتون ۽ مايہ ناز هستيون هن ملڪ ۾ آيون، جن هتي اچڻ کان پوءِ هن ملڪ کي پنهنجو ڪري ڇاتو، ۽ پنهنجي سموري زندگي هتي جي ماڻهن کي ديني ۽ مذهبي تعليم ڏيندي ۽ صراط المستقيم جي واٽ تي گذاريندي صرف ڪئي، ۽ پڇاڙيءَ جو پنهنجن منور مزارن عجيب غريب يادگارن سان هن ملڪ کي سينگاري ڇڏيائون انهيءَ ڪري اسان جي

[1] حبيب الله ڀٽو قلندر لعل شهباز رح جي سوانح تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي، سندن ڪتاب دربار قلندر بہ سندن ڪاوشن جي هڪ ڪڙي آهي، هيءُ مضمون نئي زندگيءَ ۾ نومبر 1967ع ۾ شايع ٿيو (ا_س)

ملڪ ڪي پيرن، فقيرن،درويشن ۽ الله وارن جو ملڪ پڻ سڏيو ويندو آهي.

اسان جي ديس ۾، ان قسم جي درويشن مان، حضرت لعل شهباز قلندر سيوهاڻي مکيہ آهي. هن صاحب جو اصل نام نامي ۽ اسم گرامي سيد محمد عثمان هو، پر پوءِ سندس زهد ۽ تقوا ۽ بزرگانہ بلند پروازيءَ ڪي ڏسندي، کيس "لعل"، "شهباز"، "سيف اللسان"، "قلندر"، "مهدي"، "مخدوم" وغيره جي لقبن ۽ خطابن سان سڏيو ۽ ياد ڪيو ويندو آهي. هن جي والد بزرگوار جو نالو سيد ڪبير بن سيد شمس الدين هو، جو پنهنجي وقت جو هڪ خدا رسيدو ۽ پهتل شخص هو. سندس والده ماجده، مروند جي حاڪم سلطان شاهہ جي نياڻي هئي. هن صاحب جو حسب نسب، تيرهينءَ پيڙهيءَ ۾، وڃيو امام جعفر صادق رضہ سان ملي. هن جي ولادت، سن 538 هہ ۾، "مروند" شهر ۾ ٿي هئي، جو شهر تبريز طرف هو. انهيءَ شهر جي نسبت سان کيس "مروندي" بہ ڪري سڏيو ويندو آهي. ڪي ڪتاب هن جي جاءِ پيدائش "مروند" ۽ "ميمند" وغيره بہ ڄاڻائين ٿا، ۽ ان پيدا ٿيل اختلاف جو هن وقت تائين ڪوبہ صحيح ۽ آخرين فيصلو ٿي ڪونہ سگهيو آهي. جيئن تہ حضرت لعل شهباز رح پاڻ توڙي ڪيترن ٻين شاعرن پڻ پنهنجين شعرن ۽ تصنيفن ۾ "مروندي" ڪري لکيو آهي، ان ڪري سندس جاءِ ولادت "مروند" ئي سمجهڻ گهرجي. پاڻ نهايت سهڻو، حسن ۽ جمال جو مجسمو هوندو هو. ۽ سندس پيشاني هميشہ چنڊ جيان چمڪندي ڏسڻ ۾ ايندي هئي.

پاڻ جيئن تہ وقت جي هڪ جيد ۽ برگزيدي عالم جو اولاد هو، ان ڪري کيس ڪچيءَ وهيءَ کان ئي علم حاصل ڪرڻ جو ازحد شوق هوندو هو ۽ ان جذبي ماتحت ئي ستن سالن جي ننڍڙيءَ ڄمار ۾ قرآن مجيد حفظ ڪري ورتائين. ان کان سواءِ، کيس عربي ۽ پارسي زبانن تي پڻ ڪافي عبور ۽ دسترس حاصل هوندي هئي، ۽ انهن ٻولين ۾ سندس ڪجهہ ڪتاب بہ قلمبند ٿيل آهن، جي ان وقت جي درسگاهن ۾ درسي

Gul Hayat Institute

طور تي پڙهايا ويندا هئا.

چون ٿا تہ جڏهن پاڻ هن بلوغت کي رسيو، تڏهن باطني ۽ روحاني علم حاصل ڪرڻ لاءِ، ملڪ جي مشهور قلندري طريقي جي رهنما بابا ابراهيم ولي ڪربلائيءَ جو وڃي مريد ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي ان مرشد جي منصب تي ئي پنهنجي لاءِ قلندري طريقو منتخب ڪيائين. ”تحقيقات الصوفيہ“ جو صاحب لکي ٿو تہ ”قلندر اهو آهي،جو دنيا کي ترڪ ڪري، سڄي عمر اڪيلو ٿي گذاري، ۽ دنيا جي لذتن ۽ نفساني خواهشن جي ويجهو بہ نہ وڃي.“

حضرت صاحب کي ننڍي هوندي کان گهمڻ ۽ سير سياحت ڪرڻ جو پڻ ڏاڍو چاهہ هوندو هو، ۽ ان فطري لاڙي سبب ئي پاڻ مشهد وڃي امام موسيٰ رضا رضہ جي زيارت ڪيائين، ۽ اتان وري حرمين شريفين ويو، جتان فريضہ حج ادا ڪرڻ کان پوءِ، ڪربلا معليٰ ۾ وڃي پنهنجي پير طريقت سان گڏيو، ۽ هڪ وڏي عرصي تائين ان وٽ رهي ان کان فيض حاصل ڪندو رهيو، آخران وٽان ئي تصوف ۾ خرقہ خلافت ڊڪيائين.

ان بعد، پنهنجي عامل ۽ ڪامل استاد جي ارشاد تي، هندستان ڏانهن رخ رکيائين، ۽ واٽ تي بغداد ۽ مڪران ڏٺائين بغداد ۾ سيد علي وزير ”سرمست“ سندس مريد ٿيو، ۽ اتان رواني ٿيڻ وقت اهو بہ ساڻس گڏيو آيو. آخران جي وفات پڻ سيوهڻ جي سرزمين تي ٿي. مڪران ۾ پهچڻ وقت وري ان جي ”وادي پنج ڪور نهر رخشان“ جي ڏکڻ ۾ هڪ وسيع ۽ سرسبز ميدان تي چلا ڪڍيائين، ۽ اتي ڪيترو وقت پنهنجي رب جي ياد گيريءَ ۾ مشغول رهيو. اتي جي رهائش دوران، هن بزرگ جا هزارن جي تعداد ۾ مڪراني بلوچ مريد ٿيا، ۽ اهوئي سبب آهي جو اڄ بہ اهي مڪراني بلوچ، تمام گهڻي انداز ۾، هر سال، عرس جي موقعي تي سندس مزار مبارڪ تي سلامي پريندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. مڪران ۾ جنهن جاءِ تي هن چلو ڪڍيو هو، تنهن کي اڄ بہ سندس نالي پوئتان

”دشت شهباز“ ڪري سڏيندا آهن.

مڪران ڪان پوءِ، سن 649ھ ۾، هي صاحب بلوچستان جي مشهور ساحلي شهر ”پسني“ جي رستي اچي ملتان ڪان نڪتو، جتي وقت جي مشهور درويش، شيخ الاسلام، حضرت غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ ان جي فرزند حضرت شيخ صدر الدين ملتاني سان سندس ملاقات ٿي. اتي ملتان ۾ ئي، بابا شيخ فريد گنج شڪر حضرت مخدوم جلال سرخ بخاري سندس صحبت ۾ آيا، ۽ پوءِ جلد انهن چئن درويشن حضرت قلندر شهباز رح حضرت غوث بهاوءُ الدين، حضرت شيخ فريد گنج شڪر، حضرت جلال سرخ بخاري جي چوياري مشهور ٿي، ۽ آخر تائين اهي هڪبئي سان گڏ جي روحاني رهاڻيون ڪندا رهندا هئا. ”تحفته الڪرام“ جو مصنف لکي ٿو تہ ”انهن چئن يارن، سيوهڻ واري ”يڪ تنيي“ مٿان گڏجي ويهي پڻ مجاهدا ۽ مڪاشفا ڪيا آهن“

ملتان ۾ رهڻ واري وقت ۾ هن درويش جي ملاقات شهزادي محمد شهيد ولد سلطان غياث الدين بلبن سان ٿي، جو ان وقت پيءُ جي پاران ملتان جو گورنر مقرر ٿيل هو، ۽ سنڌ بہ ان جي زير اثر هئي. هي شهزادو پنهنجي علم پروريءَ ۽ درويش نوازيءَ ڪان مشهور هوندو هو، ۽ سندس دربار ۾ ان وقت امير خسرو ۽ خواجہ مير حسن دهلوي جهڙا يڪتاي روزگار عالم ۽ شاعر موجود هئا. شهزادي، حضرت قلندر رح جي ذات گراميءَ ڪان بيحد متاثر ٿيندي، سندس تمام گهڻي خدمت ڪئي، ۽ ساڻس سدائين ڏاڍي ادب نياز منديءَ سان پيش ايندو هو.

هن صاحب ملتان ڪان پوءِ، گڏيل هندستان جي ڪيترن شهرن جو پڻ سير ڪيو، جن مان گرنار ۽ جهونا ڳڙھ خاص طور تي ذڪر جي لائق آهن. ان ڪان پوءِ پاڻ سيوهڻ ۾ آيو ۽ ان جاءِ تي مستقبل سڪونت اختيار ڪيائين، هينئر سندس مقبرو بيٺل ڏسجي ٿو. چون ٿا تہ سيوهڻ ۾ اچڻ وقت هن بزرگ جي عمر هڪ سو يارهن ورهيہ هئي. ان وقت سنڌ

Gul Hayat Institute

تي سومرن جو راج هو. سيوهڻ ۾ اچڻ کان پوءِ، جي ٻڌايل طريقي مطابق، پاڻ سنڌ جي ماڻهن کي ۽ خدا واري رستي تي هلائڻ لاءِ رشد و هدايت جي ڪم کي نڀي ويا. ۽ ان لاءِ، چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ساريءَ سنڌ جو دورو پڻ ڪيائين. ان طرح سندن جي درياءَ مان ڪيترائي اجايل انسان سيراب ٿي ويا. جن مان عبدالله شاهہ ابدال، سڪندر بودلو بهار، عبدالوهاب شاهہ، سيد مير ڪلان، شاهہ گودڙيو، لعل بکر، وغيره، مکيہ آهن. سيوهڻ ۾ صرف هڪ سال رهڻ بعد، تاريخ 21 شعبان، 650 هجري مطابق سن 1252ع تي، 112 ورهين جي ڄمار وقت جي هن عظيم درويش وفات ڪئي، جيئن تہ پاڻ زندگي مجرد رهيو، ان ڪري پوئتان ڪوبہ اولاد ڪونہ ڇڏيائين. سندس ولادت، عمر ۽ وصال جو سال، تاريخ“جي هن شعر مان ڪڍيو ويندو آهي:

”بجوتاريخ شمس الدين عثامن-بدرڪن، از فلڪ ڪرامت،

538 ھ

سن عرش ولي الله، وفاتش، سروش غيب جي گويدبرحمت“

112 650 ھ

گهڻن هنڌن تي سندس وفات جو سال 673ھ ۽ 724 ھ بہ ڇاپيو ويو آهي. وفات جي تاريخ موجب، سيوهڻ ۾ سندس درگاهہ تي ماهہ شعبان جي ارڙهين کان ويهين تاريخ تائين، تي ڏينهن، اعليٰ اهتمام ۽ وڏي ڌام ڌوم سان ميلو شريف ملهايو ويندو آهي، جنهن ۾ ملڪ جي ٻين هنڌن کان هزارين ماڻهو اچي شريڪ ٿيندا آهن ۽ مسرت حاصل ڪندا آهن. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (رحمتہ الله عليہ) هيڙن بزرگن جي بنسبت ئي فرمايو آهي:

سڄي رات سبحان، جاڳي جنين ياد ڪيو،
ان جي، عبداللطيف چي، مٽيءَ لڌو مان،

Gul Hayat Institute

## ڪوڙين ڪن سلام، آڳهه اچيوان جي

هن ڪامل ۽ اڪمل بزرگ سان سنڌي سپاجهڙن جي جيڪا دلي عقيدت ۽ والهانہ محبت آهي، تنهن جو اندازو هن ڳالهه مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو تہ هو پنهنجي وطن عزيز کي اڪثر "قلندر جي سنڌڙي" ڪري سڏيندا آهن.

اڳ هن بزرگ جي درگاهه تي، ٻارهين ٻارهين مهيني فقط عوام جو هڪ هجوم ڪنو ٿيندو هو ۽ چند دستوري ۽ قديمي رسمن ادا ڪرڻ ۽ ميلي ملاکڙي ڏسڻ ۾ مختصر خريداري ڪرڻ کان پوءِ، ماڻهو پنهنجي پنهنجي ماڳ تي موٽي ويندا هئا. پر هاڻي ان موقعي تي هڪ عدد "ادبي ڪانفرنس" پڻ منعقد ڪئي ويچي ٿي، ۽ ان جي ترتيب ڏيڻ ۽ انتظام رکڻ لاءِ سرڪاري طور تي هڪ "يادگار ڪميٽي" پڻ وجود ۾ آندل آهي، جنهن تي سنڌ جا مشهور معروف عالم ۽ علم دوست حضرات ميمبر مقرر ڪيل آهن. جن جون هن سلسلي ۾ وقت بوقت گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون آهن. اهو آهي بہ تمام ضروري تہ هيڙن بزرگان دين جي عرس جي موقعن تي عوام کي انهن جي سرانجام ڏنل ديني خدمتن کان پوريءَ طرح واقف ڪيو وڃي، ڇو تہ ماضي قريب ۾ اسان مان ئي ڪي اهڙا سائينءَ جا سنواريا پيدا ٿي چڪا آهن، جيڪي هنن اولياءَ الله کي دين کان فراريت اختيار ڪندڙ ۽ مذهب کا باغي ٿيل ٿا ڄاڻائين، ۽ انهن جي هن قسم جي غليظ ۽ ناپاڪ پروپئگنڊا کي اهڙا ادبي اجلاس ئي ٻنجو ڏيئي ۽ ان جي بيخ ڪني ڪري سگهن ٿا. عرس جي موقعي تي، ڪجهہ وقت کان، زراعتي کاتي طرفان هڪ "زرعي نمائش" پڻ لڳائي ويندي آهي، جنهن مان اسان جي ملڪ جا هاري ۽ آبادگار ڪافي ڄاڻ ۽ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

هن وقت حضرت قلندر شهباز رحہ جي جيڪا درگاهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا پهريائين هندستان جي شهنشاهه فيروز شاهه تغلق جي دور

حڪومت ۾، سندس پاران سيوستان ۾ مقرر ٿيل حاڪم، ملڪ اختيار الدين، تاريخ 2 رجب سن 757ھ ۾ جوڙائي هئي، ۽ ان ۾ ست ونگون ۽ ڇهه گنبد بيٺل هئا. اها حقيقت درگاهه جي هڪ گنبد تي لڳل ڪتبي مان ظاهر ٿئي ٿي.

ان ڪان پوءِ سنڌ ۾ ترخان گهراڻي جي پايي وجهندڙ، مرزا عيسيٰ خان ترخان، جي فرزند مرزا محمد باقيءَ جي ڏوهٽي، مرزا جاني بيگ، پنهنجي صاحبيءَ ۾ درگاهه تي هڪ وڏو گبند جوڙايو. اهو مرزا جاني بيگ، پوئين وقت ۾، مغل شهنشاهه اڪبر اعظم جي مشهور سردار عبدالرحيم خانخانان جي هٿان گرفتار ٿي، دهليءَ اماڻيو ويو هو، ۽ پورا اٺ ورهيه اتي گذارڻ ڪان پوءِ، اڪبر اعظم سان گڏ سفر ڪندي، برهانپور وٽ وفات ڪئي هئائين، جتان پوءِ سندس لاش آڻي مڪليءَ تي دفن ڪيو ويو هو.

ان ڪان پوءِ مرزا جاني بيگ جي پٽ، مرزا غازي بيگ، درگاهه جي مرمت ڪرائي هئي. مغل شهنشاهه شاهجهان جي ڏينهن ۾ وري سيد پورل شاهه عرف ديندار خان سڄيءَ درگاهه کي سفيد ڪرايو، ۽ ان جي آڏو بيٺل ميدان کي ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريائين. ان سيد صاحب ٻه مسجدون پڻ تعمير ڪرايون هيون، جن مان هڪ درگاهه جي وڏي دروازي جي اندر، ۽ ٻي ٻاهر هئي.

سنڌ جي مشهور ڪلهوڙي حاڪم ميان غلام شاهه، سن 1173 ھ ۾، درگاهه جي فرش کي پٿر وجهرائي سهڻو ڪرايو ۽ خانقاهه جي لاءِ هڪ علم پڻ موڪليائين، جيڪو ان جي پاران سيوهڻ جي ڪاردار باقر خان اچي پيش ڪيو هو. ان بعد، 1319ھ ۾، لونگ فقير جي هڪ خليفي، ميان لعل محمد، هڪ ننڍڙي مسجد شريف تعمير ڪرائي، جنهن جي ٺهڻ، جو سال "قصر الفيض بادا" مان نڪري ٿو.

حضرت صاحب جي تربت جي چوڌاري هڪ سهڻو ڪاٺ جو

ڪٽهڙو پڻ لڳل آهي، جنهن جا ٿنيا چانديءَ جي پٽن سان جڙيل آهن. اهو ڪٽهڙو لاڙڪاڻي جي زميندار، وڏيري محبوب خان وگڻ جوڙايو هو. حضرت صاحب جي دروازي تي پڻ روپهري پٽ چڙهيل آهن، جي وري سن 1312 هه ۾، سيوهڻ جي مشهوري ڪاريگر نور محمد صيقل گر چاڙهيا هئا.

ڪجهه وقت اڳ، درگاهه ڪي رات جي وقت روشن رکڻ لاءِ، شڪارپور جي شهباز ٽرانسپورٽ سروس جي مالڪ، شيخ امير بخش هڪ ننڍڙو اليڪٽرڪ جنرل نصب ڪرايو هو.

حضرت صاحب جي مقبري اندر، سندس مزار مبارڪ کان سواءِ، ٻي ڪابه تربت موجود ڪانه آهي. البت درگاهه جي ٻاهرئين دروازي جي اندران، سندس اوائلي مريد، سيد علي وزير بغدادي، سيد محب علي شاهه جون تربتون موجود آهن.

درگاهه تي روزانو ٻه وقتي _ پهرين شام کان سومهٽي تائين، ٻه ٽڪلاڪ لاڳيتو، ٻي سوا پهر رات وقت، دروازي جي بند ڪرڻ مهل، ۽ ٽين صبح جي تهجد وقت _ نوبت وڄندي آهي، جنهن کي مقامي اصطلاح ۾ "ڌمال" چوندا آهن. پوئينءَ ڌمال وقت درگاهه جا دروازا عوام لاءِ کوليا ويندا آهن.

حضرت صاحب، ديني مصلح سان گڏ، پنهنجي وقت جو هڪ مشهور معروف پارسي گو شاعر به هو، ۽ سنڌي بعض تاريخ نويس، ڪيس سنڌ جو پهريون پارسي گوشاعر سڏين ٿا. سندس شعر ۾ عجيب قسم جي رنگيني ۽ اعليٰ درجي جي رواني ڏسجي ٿي، ۽ ان جي مطالعي ڪرڻ سان اسان کي ان جي طريقي ۽ منزل جي پڻ پوري پوري ڄاڻ پوي ٿي.

Gul Hayat Institute

سعيد ابن احسن مارهروي

# حضرت شهباز قلندر رح

واديءَ مهراڻ جي اولياءَ ڪرام ۾ حضرت لعل شهباز قلندر عليہ الرحمتہ جن مشهور معروف ولي آهن. سندن اسم گرامي حضرتِ مخدوم شيخ عثمان مروندي آهي ۽ سيوهڻ ۾ سندن مقبرو عوام جي زيارت گاهہ آهي.

قلندر شهباز جو تذڪره تحفتہ الڪرام ۾ مختصر طور ڏنل آهي پر خذينتہ الاصفياءِ ۾ سندن ذڪر تفصيل سان ڪيو ويو آهي. هي مختصر مضمون خزينتہ الاصفيا جي حوالي سان پيش ڪيو ٿو وڃي.

شاهہ صاحب رحمت الله عليہ جو شجره نسب حضرت سيدنا امام جعفر صادق رضيَ الله تعاليٰ عنہ تائين هن طرح پهچي ٿو.

حضرت محمد عثمان المعروف لعل شهباز قلندر بن سيد حسن ڪبير الدين بن سيد شمس الدين بن سيد صلاح الدين بن سيد شاهہ بن سيد خالد. بن سيد محبت بن سيد مشتاق بن سيد نورالدين بن سيد اسماعيل بن سيد امام جعفر صادق بن سيد امام محمد باقر بن سيد امام زين العابدين بن امام عالي مقام سيدنا امام حسين بن سيدنا امير المومنين علي مرتضيٰ اڪرم الله وجہ ورضوان الله تعاليءَ اجمعين.

تحفتہ الڪرام ۾ سندن اسم گرامي شيخ عثمان مروندي تحرير ڪيو ويو آهي. چيو وڃي ٿو تہ ڳوٺ سيوهڻ ۾ هڪ هنڌ ”چلئہ چاريار“ جي نالي سان مشهور آهي ۽ اهي چار يار شيخ الشيوخ حضرت بابا فريد الدين گنج شڪر رحمت الله عليہ. خواجہ بهاوالدين ملتاني ذڪريا رحمت الله عليہ. سيدنا مخدوم جهانيا جهان گشت جلال بخاري رحمت الله

Gul Hayat Institute

عليہ ۽ حضرت شيخ عثمان لعل شهباز قلندري مروندي رحمت الله عليہ آهن جن انهي هنڌ تي اعتڪاف و مجاهده ۽ عبادت ۽ رياضت ڪئي آهي.

حضرت شهباز قلندر جن 663هه ۾ سير ڪندي ملتان پهتا، جتي ان وقت سلطان غياث الدين شهنشاهہ دهلي جي پٽ سلطان محمد جي حڪومت هئي. سلطان محمد پاڻ خود عالم و فاضل هيو ۽ سندس دربار ۾ عارفن عالمن ۽ بزرگان دين کي بيحد قدر جي نگاه سان ڏٺو ويندو هو. اهوئي سبب هيو جو سلطان محمد کي حضرت بابا گنج شڪر ۽ حضرت خواجہ ملتاني سان عقيدت هئي. حضرت امير خسرو رح ۽ حضرت مير حسن علا سنجري سان بہ سلطان محمد جو ڏاڍو قرب هو. حضرت لعل شهباز قلندر رح جن ملتان ۾ رهائش کي ناموزون سمجهي حضرت بو علي پاڻيپٽ واري جي خدمت اقدس ۾ حاضري ڏني ۽ پنهنجي سڪونت بابت هدايت گهريائين. حضرت بو علي، طبقہ قلندريہ جو مامور من الله سردار قلندر پاني پٽيءَ جن فرمايو تہ "بابا شهباز هن ۾ تہ ٽي سئو قلندر پنهنجي فرض ادائي ۾ مصروف آهن. سر زمين هند ۾ تہ اوهان لاءِ ڪا بہ گنجائش ڪانهي، تنهن ڪري اسين توهان کي سنڌ ۾ تا مقرر ڪيون چنانچہ حضرت لعل شهباز قلندر هند مان سنڌ واپس آيا ۽ سنڌ جي اهڙي علائقي ۾ پهتا جو طوائفن ۽ بين خرابين مان پريل هو.

جنهن رات پاڻ سيوهڻ پهتا، انهي رات سندن پاڪ نفسي جو هڪ ڪرشمو ظاهر ٿيو جنهن ڪري ويجهڙائي ۾ رهندڙ طوائفن جو ڪاروبار بند ٿي ويو آهي. اهي طوائفون پنهنجو فرياد ڪٽي حضرت فلندر شهباز جي خدمت ۾ حاضر ٿيون: پر سندن جلال ۽ فقيراڻو شان ڏسنديئي پنهنجي پيشي کان توبہ تائب ٿي ويون.

حضرت قلندر عليہ رحمتہ ارادو ڪيو تہ پوڪ لاءِ ٿوري زمين مخصوص ڪجي، جنهن مان حلال جي ڪمائي حاصل ٿئي، تنهن ڪري

ڪاسبين کي گهرائي، ڪين چوديواري ڪڙي ڪرڻ جو حڪم ڏنائون. پر واري زميندار کي جڏهن خبر پيئي ته اهو انهي زمين بابت تڪرار ڪرڻ لاءِ ڪجهه همراهه ساڻ ڪري حضرت قلندر وٽ آيو: ۽ ڪين گهڻ وڏ ڳالهائڻ لڳو. قلندر شهباز ڪين پهريائين ته سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي: پر جڏهن هو نه مڙيو ته پنهنجي لٺ زمين تي هڻي فرمايائون ته "مري پئو ته توکي هن زمين ۾ دفن ڪريون." اوڏي مهل ئي اهو زميندار اچي پٽ تي پيو ۽ مري ويو. پاڻ اتي ئي ڪيس دفن ڪيائون. جڏهن زميندار جي مرڻ جي خبر شهر ۾ پهتي ته سندس سمورا مٽ مائٽ شهباز تي چڙهائي ڪري آيا پر ڪنهن ۾ به همت ڪانه ٿي جو حملو ڪري. وٺي شور ڪرڻ لڳا ته توهان اسان جي زميندار کي ڇو ماريو آهي؟

پاڻ فرمايائون_ ڪوڙ ڇو ٿا ڪريو. مون ته فقط هڪ ڪتي کي ماري هتي دفن ڪيو آهي. ماڻهو حيران ٿيا. مگر جڏهن ساڳي ڳالهه ٻيهر دهرايائون تڏهن ماڻهن اتي زمين کوٽي ڏٺو ته سچ پچ ڪتي جو لاش نڪتو. اها ڪرامت ڏسي اتي جا سمورا رهاڪو سندن عقيدت مند ٿي پيا.

حضرت قلندر عليه رحمته، ظاهري ۽ باطني ڪمالات ۽ صوري و معنوي تصرفات جا حامل هئا. هميشه سندن ڪرامتون بي اختيار ظاهر ٿينديون هيون. بيشمار مخلوق سندن معتقد هئي. هزارين غير مسلمانن سندن ڪرامتون ڏسي اسلام تي ايمان آندو. مسلمان ٿيا ۽ اڄ تائين ڪيترائي غير مسلم عقيدتمند آهن.

ڪين بيعت ۽ خلافت حضرت قطب رباني خواجه بهاءالدين ذڪريا ملتاني کان حاصل ٿي. هر وقت مٿن جذب ۽ مستي، جو غلبو طاري رهندو هو ۽ ماڻهن سان ميلاپ کان پرهيز طور ملامتي طريقو اختيار ڪيو هئائون . انهي قلندرانه وضع سبب ڪين لعل شهباز قلندر سڏيو ٿو وڃي.

حضرت لعل شهباز جي تاريخ وصال تحفتہ الڪرام مطابق سنہ 673 ۽ خزينتہ الاصفيا مطابق سنہ 724ھ آهي. سندن قطع وفات هيٺ ڏجي ٿي.

چون عثمان ولي از دار دنيا
بر وقت و باب جنت شدبراو باز
از مخدوم اجل جو ارتحاش
بفرما عارف محبوب شهباز

Gul Hayat Institute

مسعود احمد

# اُتو رندوم پيو جام قلندر

حضرت مخدوم محمد عثمان مروندي المعروف لال شهباز سن 1143ع ۾ ايراني آذربائيجان جي مشهور شهر تبريز کان 40 ميلن جي مفاصلي تي هڪ ننڍڙي شهر مروند ۾ پيدا ٿيا. سندن شجرو تيرهين پيڙهي ۾ حضرت امام جعفر صادق ملي ٿو. ستن سالن جي صغير عمر ۾ قرآن شريف حفظ ڪيائون. پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ بغداد ڏانهن راهي ٿيا. جتي بابا ابراهيم ڪربلائي جي هٿ تي بيعت ڪري سندن مريد ٿيا. بابا ابراهيم مصر جي مشهور بزرگ حضرت جمال مجرد، جنهن کي ڪافي تاريخدان قلندر سلسلي جو باني سڏين ٿا. جا خاص خليفه هئا. بابا ابراهيم هڪ سال اندر ئي نوجوان مروندي کي خلافت جو خرقو عطا ڪري، کين پنهنجي مرشد حضرت جمال مجرد کي مليل سنگ مقبول ۽ هڪ لٽ پڻ عطا ڪيائون. اهي ٻئي شيون حضرت امام زين العابدين عليه جون هيون، تبرڪ جي طور تي هلنديون آيون هيون. اهو پٿر لال سائين پنهنجي ڳچي مبارڪ ۾ پائيندا هئا. ان جي ٻار سان سندن ڪنڌ جهڪيل رهندو هو. هاڻي اهو پٿر سندن قبر شريف مٿان ٽنگيل آهي. ۽ زائرين ان کي "گلوبند" چوندا آهن.

پنهنجي مرشد بابا ابراهيم جي حڪم تي بغداد کان سنڌ طرف آيا. ان وقت سنڌ جي گادي جو هنڌ ملتان هو ۽ شهزادو خان شهيد گورنر هو. خان شهيد هندستان جي بادشاهه غياث الدين بلبن جو پٽ هو ۽ فقيرن، درويشن ۽ صوفين سان گهڻي لڳندي هئس. خان شهيد لعل شهباز قلندرؒ کان ايترو متاثر ٿيو، جو کين ملتان ۾ رهي پوڻ لاءِ عرض

ڪيو، سندن لاءِ ملتان ۾ خانقاهه ٺهرائي ڏيڻ جي به آڇ ڪيائين. پر لعل شهباز پنهنجو مسڪن سيوهڻ کي ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري چڪا هئا.

ملتان ۾ سندن ملاقات سهروردیہ سلسلي جي وڏي بزرگ حضرت غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني ۽ چشتيہ سلسلي جي شيخ حضرت بابا فريد شڪر گنج سان ٿي. ان وقت سنڌ ۾ غوث بهاءُ الدين ذڪريا جو روحاني اثرو رسوخ عام هو. قلندر سائين حضرت غوث ۽ حضرت جلال سرخ بخاري سان گڏجي سنڌ ۾ ان وقت جي ولين خاص طور پير پٺو ۽ حضرت صدر الدين شاهه لڪي واري سان ملاقاتون ڪيون. ۽ سنڌ ۾ سندن قادري سلسلي جي باقائده شروعات ٿي. پاڻ سنڌ، پنجاب ۽ هندستان جي دور دراز علائقن مان سياحت ڪري اچي سيوهڻ ۾ رهيا ۽ سن 1252ع رحلت فرمايائون.

پاڻ نہ رڳو عارف هئا. پر وڏا عالم، لسانيات ۽ گرامر جا ماهر هئا. مشهور مورخ ۽ سنڌ الاجسٽ رچرڊ برٽن لکيو آهي تہ، 1852ع ۾ جڏهن پاڻ سنڌ آيو تہ مدرسن تي لعل سائين جا به ڪتاب ميزان صرف ۽ صرف صغير هوندا هئا. سندن فارسي شاعري جو جواب ئي ناهي. ٽيڪنڪ، ٻولي ۽ معنويت جي لحاظ کان لال سائين جو ڪلام جيڪو سنڌي ترجمي سان شايع به ٿي چڪو آهي، پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هتي هڪ ڳالهه جي وضاحت ضروري آهي تہ ڪجهه محقق باوجود تاريخي شاهدين جي لعل سائين جي ڪلام کي چشتي سلسلي جي بزرگ ۽ خواجہ غريب نواز اجميري جي مرشد خواجہ عثمان هاروني ڏانهن منسوب ڪن ٿا. جيڪا فاش غلطي آهي، ڇاڪاڻ تہ لعل سائين جو ڪلام جڳهه جڳهه تي پنهنجي شاهدي پاڻ ٿو ڏي.

آيا عثمان مروندي، چرامستي دراين عالم
بجز مستي و مدهوشي نباشد هيچ سامانم

Gul Hayat Institute

(عثمان مروندي هن بي بقا عالم جو کهڙو آڌار. اسان وٽ سواءِ مستي ۽ مدهوشي جي ٻيو سامان ناهي)

منم عثمان مروندي ڪہ يارِ خواجہ منصورم
تعجب مي ڪند خلقي و من بردارمي رقصم

(آئون عثمان مروندي خواجہ منصور حلاج جو يار آهيان. خلق تعجب پئي ڪائي تہ سوري تي رقص پيو ڪريان)

## قلندر ڇا آهن؟

قلندر لفظ جي معنيٰ آهي، اهڙو درويش جنهن ڪي دنيا سان ڪو لاڳاپو يا تعلق نہ هجي. هڪ روايت اها بہ آهي تہ قلندر سرياني زبان ۾ الله جو هڪ صفاتي نالو آهي. ڪن راوين جو خيال آهي تہ قلندري ۽ خاص طور ملامتي قلندري گروهہ وري ڄاڻي ٻجهي اهڙا عمل ڪندا آهن، جن سان عام ماڻهن ۾ سندن تڪذيب ٿئي ۽ ماڻهو کين حقير سمجهن.

روايت آهي تہ هر دور ۾ 360 قلندر هوندا آهن. جيڪي دنيا جي هر حصي ۾ هوندا آهن. جيڪڏهن توهان دنيا جي گولي کي جيوميٽري موجب ورهائيندؤ تہ اهو 360 ڪندو ورهائجي ويندو. هر ڪند ڪان هڪ قلندر پنهنجو فرض نباهي ٿو. اهي دنيا ۾ پنهنجو پاڻ لڪائي هلندا آهن ۽ الله تعاليٰ جي تڪويني نظام کي هلائيندڙ هوندا آهن. جيڪڏهن ڪو وصال ڪري ويندو آهي تہ ان جي جڳهہ تي ٻيو مقرر ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح هر دور ۾ موجود قلندرن مان ڪڏهن ڪڏهن صدين ڪان پوءِ ڪي اهڙا بہ جوان پيدا ٿيندا آهن. جن جي تصوف عرفان جون ڌمالون ملڪان ملڪ پيون وڄنديون آهن. انهن جو قلندري جام هر دور ۾ مستي مان ڇلڪندو رهي ٿو. اهڙو اعزاز سنڌ جي لعل شهباز کي حاصل آهي.

Gul Hayat Institute

## لعل شهباز عجز ۽ سرمستي:

تصوف ۽ معرفت ۾ حضرت لعل شهباز قلندر جن جو مقام بنا ڪنهن شڪ شبهي جي تمام وڏو آهي. سندن ڪرامتون ۽ روحاني تصرف پوري ڪائنات تي محيط آهي. دنيا جا ڪيترا عالم ۽ اولياءَ کين سرتاج الاوليا ڪوٺين ٿا. پر اهل نظر سالڪن جو چوڻ آهي ته لعل شهباز جي سرمستي ۾ عجز قائم رکڻ وارو ڪم دنيا ۾ بيمثال آهي. انهن جو چوڻ آهي ته لعل سائين دنياوي حياتي دوران پنهنجي همعصرن ۾ واحد اهڙا بزرگ هئا. جنهن سرمستي ۽ ڪرامت جي افضل ترين مقامي ماڻ باوجود عجز جي رنگ کي قائم رکيو. بقول سخي احمد علي قريشي رحه :

نيڪيون ڪر هزار پوءِ به ملڻ مشڪل
عجز آهي آسان طريقو ملڻ جو
عشق ۽ عجز جو جڏهن ٿيو ميلاپ
اکين ۾ سيلاب، طوفان الڳ اٿيو

جيتوڻيڪ سندن همعصرن بابا فريد ۽ غوث بهاءُ الدين جن جا ملفوظات به زندگيءَ جو احوال سربستو ملي ٿو. پر اها ئي شهبازي صفت آهي جو هي فنا في الله سرمست پنهنجي زندگيءَ جي احوال کي به لڪائي ويو.

Gul Hayat Institute

پاڻ جيتوڻيڪ قادري سلسلي ۾ بيعت ٿيا، پر سندن مستي ۽ الاهي عشق جي ڪيفيت کين نه رڳو قلندر بنائي ڇڏيو. پر پاڻ شهباز به بنجي ويا. معرفت جي افق تي پرواز ايتري اوچي ۽ بصيرت ايتري گهري آهي، جو شهباز جو استعارو ڪتب آندو ويو آهي. عرفان جي روشني تجلين سمان ڌرتيءَ جي ڳاٽ کي اجاريو بيٺي آهي هڪ روايت آهي ته قادري سلسلي جي امام حضرت سيد عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه

جي مرقد تي حاضريءَ ڪين نہ رڳو سنڌ ۾ مسڪن اختيار ڪرڻ جو اشارو ڪيو ويو. پر دستگير بادشاهہ پاران ڪين خطاب بہ مليو.

لعل شهباز قلندر جي روحاني پروفائيل جو سڀ کان وڌيڪ اهم پهلو سندن خود سپردگي آهي، اهل بيت ۽ معرفت جي پندار ۾ باب العلم حضرت موليٰ علي ڪرم الله وجه سان عشق ۽ عجز جي اظهار ۾ فرمائين ٿا.

سرگروه تمام رندانم، رهبر عاشقان مستانم
هادي امر رهنماءِ عرفانم، ڪہ سگ ڪوءِ شير يزدانم
حيدريم قلندرم مستم، بندهءِ مرتضيٰ علي ستم

(آئون رندن جو سرخيل چوايان ٿو، مست عاشقن جو امام ڪوٺايان ٿو. عارفن جي رهنمائي جو رهبر آهيان، ڇوتہ آئون علي رضہ جي گهٽي جو ڪتڙو آهيان، حيدري آهيان قلندري آهيان پنهنجي سرڪار علي رضہ جو تابعدار آهيان.)

حضرت لعل شهباز قلندر جن جي مقام بنسبت هن دور جي هڪ قلندر حضرت احمد علي قريشي رحہ فرمايو تہ قلندر جي مقام ڪي سمجهڻ لاءِ قلندر ٽيٽو پوندو آهي فرمايائون تہ ٻنهي جهانن جي سردار رحمت العالمين حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي امت جي عارفين مان ڪجهہ اهڙا بہ بزرگ آهن، جن کي مها عارف يا مهجبين چئبو آهي جن جي جسم جي پڪيڙ قيامت جي ڏينهن ايتري هوندي، جو ان ۾ پنهنجي سمورن مريدن کي سماءِ رب العزت ۾ چوندا، "حاضر آهيان حاضر آهيان منهنجا رب ۽ هي سڀ منهنجا آهن. تصوف ويدانت ۾ گرو ۽ مرشد جي وڏي اهميت هوندي آهي. لطيف سائين فرمايو آهي تہ.

ڏورج ڏيئو هٽ ڪري، ڏور م ڏيئان ڏار
ڪوڙين لک هزار اونداهي انڌا ڪيا.

وري جي مُرشد ۽ گرو هجي عارفن جو بہ رهبر ۽ اهو بہ معرفت جي افق هجي، پوءِ شهباز پيدا ٿيندا رهندا آهن. ميان مير لاهوري مخدوم جعفر بوبڪائي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح، مخدوم بلاول، قادر بخش بيدل، محمد حسن بيڪس، ناٿن شاهہ بخاري رحہ ۽ انهن ڪان سواءِ لا تعداد بزرگ پنهنجي ملفوظات ۾ شهباز ڪان روحاني فيض حاصل ڪري مقامات ماڻڻ جو ذڪر ڪن ٿا. ابن بطوطہ ڪان وٺي ذوالفقار علي ڀٽو تائين قلندر سائين جي فيض جا پڙاڏا تاريخ جو حصو بنجي ويا آهن. سر شاهنواز ڀٽو پنهنجي هڪ ڏينهن جي ڄايل ٻارڙي ڪي قلندر سائين جي درٻار ۾ وٺي آيو ۽ اهو ٻارڙو ذوالفقار علي ڀٽو ٿيو.

هندن جو عقيدو آهي: تہ لعل شهباز شِو جو اوتار آهي. سيوهڻ جيڪو اصل ۾ واهڻ آهي. سو هميشہ ڪان روحانيت جو گهوارو سمجهيو وڃي ٿو. هن ڪان اڳ هندستان جي بابت وڪرماجيت جي ڀاءُ ۽ سنسڪرت جو عظيم شاعر ڀرتري هري پڻ سيوهڻ لڏي آيو هو. پنهنجي وسان هتيءَ ئي تپسيائون ڪيائين ۽ هتي ئي وفات ڪيائين: ڀرتري هري جوڳ ورتن هو ۽ مستي جذب سبب ڪپڙا نہ پائيندو هو. قلندر جي درٻار ۾ هندو، عيسائي، پارسي ۽ سڪ بہ اهڙي ئي محبت سان ايندا آهن، جهڙو مسلمان. نہ شعيہ سني جو فرق، نہ اهو فرق تہ نقشبندي آهي چشتي آهي، ملامتي آهي يا ماڳهين ناستڪ! فيض ۽ معرفت جو هڪ درياهہ آهي جيڪو پيو وهي، ٿانو ڀرجندا وڃن، ديڳ ڪٿي ئي ڪونہ ٿي.

ڏڪائي نہ هو، ساري ڏيهہ ڪي سپ ڪجهہ ڏيئي
عبادت ان جي ئي، ملي مان مُرشد ڪان

Gul Hayat Institute

تاج صحرائي

# قلندر شهباز رح هڪ روحاني معالج

تاريخ شاهد آهي تہ جيڪي بہ شهر حڪومتن ۽ مملڪتن جا تخت گاهہ ٿي رهيا آهن، اتي هميشہ دولت جي فراواني بہ موجود رهي آهي. سموري مملڪت جي دولت سميٽجي انهن شهرن ۾ اچي ڪٺي ٿيندي آهي. دولت جي غلط تقسيم، اعليٰ ۽ ادنيٰ جي امتياز ۽ غير موزون رشتن جي ڪري، انهن شهرن جي بارونق بازارن ۽ اوچين عمارتن جي سايي ۾ گناهہ پلجنا آهن. اتي اميدن جي گلن کي چنو ويندو آهي، زندگيءَ جي معصوم مکڙين کي ٽڙڻ کان اڳ ئي پٽي لتاڙيو ويندو آهي، ۽ انسانيت جي نازڪ پنکڙين کي ڳرن پيرن هيٺيان چٿيو ويندو آهي. اهڙي غير صحتمند ۽ غيرفطري ماحول ۾ لازمي آهي تہ روح جڻي بيمارين جي مريضن ۾ اضافو ٿئي، ۽ تمام ٿورڙن ماڻهن کي انسان بنجڻ جا موقعا حاصل ٿين.

*آدمی کو بھی میسر نہیں انساں ہونا (غالب)*

هونئن بہ دولت جي غير ضروري فراواني تن آسانين ۽عياشين کي جنم ڏيندي آهي. فردن مان محنت ۽ مشقت جو مادو نڪري ويندو آهي. جسم نبل ۽ ڪمزور ٿي ويندا آهن ۽ ذهن مفلوج. صحتمند دل صحتمند بدن ۾ رهندي آهي. صحتمند جسم ۽ دماغ، روح ۽ ضمير جو تعلق صحتمند سوسائٽيءَ سان هوندو آهي. جتي دولت حاصل ڪرڻ جا ذريعا غير صحتمند هجن، اتي صحتمند معاشرو، جسم ۽ روح ڪٿي پيدا ٿيندا ۽ ڪيئن اُسرندا.

پراگنده روزي، پراگنده دل (شيخ سعدي رح)

اهڙي صورت ۾ هر ڪنهن معاشري، شهر، قوم ۽ ملڪ ۾ قدرت جي طرفان روح جي بيمارين جا طبيب موڪليا ويندا آهن، جي پنهنجي دور جا عظيم انسان هوندا آهن. انهن حضرت انسانن جي زندگيءَ جو مقصد اهوئي هوندو آهي تہ سوسائٽي جي پريشان خيال ٽڪرايل ۽ پٽڪيل فردن کي زندگيءَ ۾ جيئڻ ۽ زندگي سان نڀائڻ جو سبق ڏين ۽ سسڪيون پريندڙ انسانيت لاءِ تسڪين جو باعث ٿين. ان سبب ڪري هو ڪنهن وڏي تاريخي شهر ۽ ان جي پسگردائين ۾ اوهان کي عظيم انسانن جا مقبرا ۽ درگاهون ڏسڻ ۾ اينديون. سيوهڻ جو شهر بہ انهن تاريخي شهرن مان هڪ آهي ۽ حضرت عثمان مروندي انهن عظيم انسان مان هڪ عظيم ولي الله آهي.

اڄ اسان جنهن صوفي بزرگ جو ذڪر ڪري رهيا آهيون، ان جي ڪردار مان هڪ مکيہ پهلو روحاني معالج جو بہ آهي، جو انسان دوستيءَ جو مکيہ جز آهي. حضرت عثمان مروندي بہ پنهنجي دور جو هڪ عظيم انسان دوست ۽ روحاني حڪيم هو. حضرت عثمان مروندي جي ولادت با سعادت ايران جي مروند شهر ۾ سال 548هہ ۾ ٿي. شروع شروع ۾ پاڻ قرآن مجيد حفظ ڪيائون ۽ ان بعد بابا ابراهيم ولي ڪربلائيءَ وٽ وڃي شاگرد ٿيو، جتي گهڻوئي علم پرايائون ۽ معرفت حاصل ڪيائون.

اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ اهڙا بزرگ انسان پنهنجي زندگيءَ جي ابتدائي دورن ۾ سير ۽ تفريح جا شوقين ٿي رهيا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ ڪن اهي سفر "قل يسيرو في الارض" جي قرآني ارشاد هيٺ ڪيا. يا ڪن کي وقت جي بااقتدار ۽ با اختيار طبقن اهڙو تنگ ڪيو، جو پنهنجا وطن ڇڏي دنيا جي سير سفر تي نڪري پيا. يا تہ ڪن جي جلاوطني ۾ منشاي ايزدي کي دخل هو. ڪن پنهنجي علمي پياس بجهائڻ لاءِ ڪشالا ڪڍيا. ڪن وري عشق ۾ نامراد ٿي "منهنجو ڪجاڙو پينر هن پنيور ۾" ڳائيندي وطن کي خيرآباد چيو. انهن مٿي

بيان ڪيل سببن کان سواءِ هڪ ٻيو سبب به آهي، جنهنڪري ڪيترا روحاني عالم، حڪيم ۽ انسان دوست پنهنجا وطن ڇڏي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي پيا. انهن جي اڳيان به عظيم مقصد هئا. هڪ ته خدا جي وحدانيت واري علم جي قنديلن کي ڪفر جي انڌيرن ۾ روشن ڪرڻ؛ ۽ ٻيو ته دنيا انسانن کي هڪ مالها ۾ پوئڻ ۽ ملڪ جي خدن کي هڪٻئي جي ويجهو ڪرڻ. انسانذات، جا گروهن ۽ قبيلن ۾ ورهائجي ويئي آهي، ان کي عالمگير انساني برادري هيٺ آڻڻ. جنهن کي انگريزي زبان جي هڪ مکيه شاعر ٽينسن جي لفظن ۾ (Federation of Man) جي نالي سان چئي سگهون ٿا. يا خليل جبران جي لفظن ۾ ته "جيڪڏهن اوهان ڪکرن تي ويهي اڏامون ته اوهان کي ڪا به اهڙي چيز نظر نه ايندي، جا هڪ ملڪ کي ٻئي ملڪ کان يا هڪ قوم کي ٻئي قوم کان جدا ڪندي هجي."

حضرت عثمان مرونديءَ جي غير مطمئن طبيعت کي جڏهن ايران جون بابرڪت ۽ باگل واديون، پهاڙن جون سرسبز چوٽيون ۽ خوبروئن سان پريل ڳليون سڪون بخشي نه سگهيون، ته ته پاڻ هند ۽ سنڌ ڏانهن منهن ڪيو. جيئن ته علامه اقبال مرحوم چيو آهي ته:

ستاروں سے آگے جہاں اور بھی ہیں،
ابھی عشق کے امتحان اور بھی ہیں،
اگر مٹ گیا اک نشیمن تو کیا غم،
مقامات آہ و فغان اور بھی ہیں
اس پیچ و خم میں الجھ کر نہ رہجا
کہ تیرے زمان و مکان اور بھی ہیں۔

ان سفر واري دور ۾ حضرت عثمان پاڻ کي پاڻ ۾ ڳوليندو، پنهنجي روح جي بلندين تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ پنهنجي دل

Gul Hayat Institute

ڪي پرچائيندو هلندو ٿي ويو. ڪڏهن قضا ۽ رضا جي راهن ۾ گم ٿي ويو، ته ڪڏهن سزا ۽ جزا جي جدولن ۾ جذب، ته ڪڏهن فنا ۽ بقا جي اصولن ۾ غرق، ته ڪڏهن حيات ۽ ممات جي معاملن ۾ منجهي ٿي پيو. ڪڏهن حسن ۽ جمال جو مشاهدو ٿي ماڻيائين، ڪڏهن خود جي ڳُتين کي سلجهائڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين، ڪڏهن خاڪ ۾ غلطيندو خارن تان نچندو ٿي ويو.

ز عشق دوست ہر ساعت دروں نار، میں رقصم
گہے بر خاک میں غلطم، گہے بر خار میں رقصم

ان طلب ۽ جستجو واري دور کي ڪارلائل پنهنجي شهره آفاق ڪتاب "Startus Resartus" ۾ "Ever Lastinig No:" ڪري لکيو آهي. جنهن کي مان لااِلہَ واريون منزلون ڪري سمجهندو آهيان جيئن حضرت غالب چيو آهي ته:

نہ تھا کچھ تو خدا تھا، کچھ نہ ہوتا تو خدا ہوتا۔
ڈبویا مجھ کو ہونے نے نہ ہوتا میں تو کیا ہوتا۔

شاهه عبداللطيف فرمائي ٿو ته:

سڄڻ سي پسن جڏهن تڏهن پرينءَ کي
ڏوريندين ڏسن اڱڻ عجيبن جا.

اُن پاڻ کي ۽ حق کي ڳولڻ ۽ سڃاڻڻ، پرچائڻ ۽ پريائڻ واري دور مان انسان جڏهن لنگهي پار پوي ٿو، تڏهن سندس دل روشن ٿيو پوي ۽ قلب کي هڪ دائمي سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿئي ٿو. هن جي اڳيان آسمان جون وسعتون ۽ سمنڊ جون گهرايون کليو پون ٿيون. هو ڪائنات جي ذري ذري کي پاڻ ۾ ۽ خدا ۾ سمايل ڏسي ٿو ۽ هر هڪ ذري کي پاڻ کان جدا نٿو سمجهي. هن کي ڪثرت ۾ وحدت نظر اچي ٿي. " Unity is

"Diversity" هو سمجهي ٿو تہ ڪائنات جو وجود هڪ ان ابڪي تي ٻڌل آهي جنهن کي "Shakespeare" پنهنجي لفظن ۾ "To one, of one, still such and ever so". چيو آهي ۽ شاهہ لطيف ڀٽائي (رح) فرمائي ٿو تہ:

پـيـهـي جـان پـاڻ ۾، ڪـيـم روح رهـاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾ نڪا ڪيچن ڪـاڻ،
پنهون ٿيس پـاڻ، سسـئـي تـان سور ٿـيـا.

ان منزل تي پهچڻ واري دور کي ڪـارلائـيـل "ever lasting yee" ڪري سڏيو آهي ۽ جـنـهـن کـي مـان الا الله جي مـنـزل ڪـري سڏيندس. ان وقت انسان پاڻ کي حق جي ويجهو سمجهي ٿـو ۽ حق جـو مشاهدو ڪري ٿو.

اصل شہود و شاہد و مشہود ایک ہیں
حیراں ہوں پھر مشاہدہ ہے کس حساب میں۔

هو سمجهي ٿو تہ خدا نالو آهي، حسن جو، عشق جو، روشني جو ، سچ جو، نيڪي جو، رحم جو، فطرت جو ۽ فطرت جي قانونن جو. ساڳي ريت حضرت عثمان مروندي بہ انهن ٻنهي منزلن مان لنگهي پار پوڻ بعد سيوهڻ شهر ۾ سنہ 672هہ ۾ آيو.

سيوهڻ جي هڪ وڏي تاريخ آهي. تنهن کي قدرت بہ ڪـيـتـرن ئي حسين نظارن سان نوازيو آهي. شهر جي هڪ طرف سنڌو جي زندگي بخش امرت دارا وهي ٿي ۽ ٻئي طرف سنسان قطار اندر پـهـاڙيـون آهـن. هڪ طرف سبز ٻيلا ۽ چراگاه آهن، ۽ ٻئي طرف منڇر ڍنـڍ جـي ڇَـر جي پاڻيءَ جي هن مقدس شهر جا پير چميا آهن. اهي اهڙيون جڳهـيـون آهـن، جتي خاموشين کي بہ خاموشي هوندي آهي ۽ سڪون کـي بـہ سـڪـون حاصل ٿئي ٿو. جتـي فـطـرت سـرگـوشـيـون ڪـنـدي آهـي ۽ خـدا وارا

رياضتون، اُهي سڀ اهڙا پرڪشش نظارا آهن. جي هڪ خدا ترس ۽ حساس طبيعت رکڻ واري انسان کي مجبور ڪن ٿا، ته پهاڙن جي هر هڪ پهڻ ۾، پاڻي جي هر هڪ قطري ۾ وڻن جي هر هڪ پتي ۾ ڪردگار جي معرفت جي دفترن جو مطالعو ڪري.

برگ درختان سبز در نظر هوشيار
هر ورق دفتريست ز معرفت ڪردگار.
(شيخ سعدي رح)

يا شيڪسپيئر جي قول مطابق ” Tongues in trees, books in running brooks, sermons in stones and God in every things. حضرت عثمان مروندي سيوهڻ جي شهر ۾ قدرت جي طرفان ان عظيم مقصدن لاءِ موڪليو ويو هو ته زماني جي دست درازين کان معصوم ٻارن کي خوشيون، مائرن کي عصمتون ۽ مڙسن کي زندگيون موٽائي ڏئي. اهو به هڪ سبب آهي ته حضرت عثمان مروندي جو ميلو ڌمال سان شروع ٿيندو آهي، جنهن ۾ ٻار ۽ ٻڍو، مرد توڙي عورت دل سان شريڪ ٿيندا آهن. ڌمال دراصل ان مقصد لاءِ لڳائي ويندي آهي ته خرد کي ڪنهن وقت لاءِ پاسيرو رکي جنون کي حاصل ڪجي، ڇاڪاڻ ته خرد سان خوف، اميد، انديشو ۽ مصلحت شامل آهن ۽ جنون سان فقط جنون.

زندگيءَ جو گهٽي ياگي تعلق جذبي سان آهي ۽ جذبن جي شدت سان اظهار کي جنون سڏيو ويو آهي. هر وقت ڏاهو ٿي رهڻ به حماقت کان خالي نه آهي. جيئن شاهه لطيف چيو آهي :

الله ڏاهي مَ ٿيا، ڏاهيون ڏک ڏسن.
مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

هيو ثبوت هي آهي ته اج کان ڪجهه اڳ تائين به هڪ نوخيز ڇوڪريءَ کي لعل ڪنوار جي لقب سان نوازي ويهاريو ويندو آهي.

چاڪاڻ تہ حضرت قلندر رح جي تعليمات سبب ڪنوارين ۽ مائرن جون عصمتون بچيون هيون. قوم جا ڪمزور ٿورڙائي وارا فرد هميشہ ستم جا شڪار ٿيندا رهيا آهن. انهيءَ ڪري هندو قوم جو پڙهيل ڪڙهيل مگر ننڍو گهراڻو قانون گو، اها رسم ڪمال عقيدتمندي سان پوري ڪندو اچي ٿو. اها هڪ شو جي پوڄا جي بہ رسم آهي. ڏمال- ميندي ۽ ڪنوار، ٿيئي ڳالهيون هن ميلي جا مکيہ (رڪن) ۽ رسمون آهن، انهن ٽنهي ڳالهين کان سواءِ هي ميلو ڪا بہ حقيقت، حيثيت ۽ وقعت نٿو رکي. اهي ٽيئي رسمون ٻئي ڪنهن ميلي ۾ ادا نہ ڪيون وينديون آهن.

جڏهن قومن جا شيرازا ٽٽندا آهن، تڏهن سندن ارادا منتشر ٿيندا آهن ۽ فردن جي وچ ۾ ڪو بہ ربط ۽ ضبط نہ رهندو آهي. تڏهن سندن اخلاقي ۽ انساني قدر (Values) بدلجندا آهن. منجهن نيڪ ۽ بد جي صلاحيت نہ رهندي آهي. احساس ڪمتري ۽ خوف جي بيمارين جو شڪار ٿي ويندا آهن. ضمير مري ويندا آهن ۽ سندن سوچڻ ۽ سمجهڻ جا حواس مڏا ٿي ويندا آهن. اُن دور جا مصنف، اديب ۽ شاعر پنهنجن تصنيفن ۾ حقيقتن کي گهٽ مگر ڏند ڪٿائن کي وڌيڪ جڳهہ ڏيئي پيش ڪندا آهن.

قلندرن کي نہ زمين جي ضرورت هوندي آهي نہ ڪيتي ڪرڻ جو فڪر دامن گير هوندو اٿن. هو سود و زيان کان بي نياز، حساب ۽ ڪتاب کان بلند بالاتر هوندا آهن ۽ زمان ۾ مڪان جي قيدن کان آزاد هن جي اڳيان هتي ۽ سياڻي کي ڪا حقيقت نہ آهي. ۽ نہ وري هتي ۽ ڪالهہ کي ڪا حقيقت، هو خوشيءَ ۽ غميءَ جي فرق کي ئي مٽائي ڇڏيندا آهن. اهي عظيم انسان، جن جي حيات جو مقصد ئي هوندو آهي، انسان ذات جي ڪنهن بہ رنگ، نسل ۽ ملت جي امتياز ڪرڻ کان سواءِ خدمت ڪرڻ ۽ مرندڙ انسانيت لاءِ حيات جا سامان پيدا ڪرڻ. هو ڪهڙين بہ حالتن هيٺ ۽ ڪهڙي بہ ماحول ۾ نيڪي کي ۽ فقط نيڪيءَ کي جنم ڏيندا

Gul Hayat Institute

آهن. هنن جو هر هڪ عمل بي لوث هوندو آهي هو رحم جا پوتلا آهن. صبر ۽ تحمل جا ڏوهٽا آهن. نيڪيءَ جا اولاد آهن، ۽ حسن ۽ پيار جي خاندان سان تعلق رکن ٿا.

هر زماني کي قلندرن جي ضرورت پئي رهي آهي. هر دور ۾ قلندر ايندا رهندا آهن، مگر افسوس جو اسان مان هر هڪ قلندر ٿي نٿو سگهي.

Gul Hayat Institute

سيد شاهد حسين سبزواري

# لعل سائين جو ميلو ۽ سيوهاڻي ڪلچر

سنڌ ۾ ميلن جو سرتاج قلندر لعل شهباز سائين جو ميلو آهي. جنهن ۾ ماڻهو گڏ ڪرڻا نتا پون، پر ماڻهن جي رش ڪي ضابطي ۾ رکڻ ئي سرڪار لاءِ مسئلو ٿيئي ٿو. لعل سائين جو ميلو هر سال 19.18 ۽ 20 شعبان تي لڳندو آهي ۽ گذريل 758 سالن کان هند سنڌ جو عوام ميلي جي موقعي تي لعل سائين جي درگاهہ تي حاضري ڏيندو آهي. لعل سائين جي ميلي ۾ اڪثريت پنجابي عقيدت مندن جي هوندي آهي. ميلي جي تاريخن تي سيوهڻ ۾ پنجاب جو ڪلچر نمايان هوندو آهي. پنجابي لباس کان وٺي پنجابي پنگڙي تائين تقريبن پنجاب جي ڪلچر جا سيئي پهلو سيوهڻ ۾ ملندا آهن. ماڻهو روزانو هزارن جي تعداد ۾ چادرن جا جلوس ڪڍيو رقص ڪندا، قلندر جي درگاهہ پهچندا آهن ۽ نذرانہ عقيدت پيش ڪندا آهن. هجوم جي اها حالت هوندي آهي، جو لعل باغ کان سائين جي درگاهہ تائين پهچڻ ۾ ڪهت ۾ ٻہ ڪلاڪ لڳيو وڃن. پنجاب جو عوام شايد ان موقعي تي ايتري تعداد ۾ سنڌ اندر هجي، جيتري تعداد ۾ قلندر سائين جي ميلي جي موقعي تي ٿئي ٿو. ميلي ۾ اڪثريت اهڙن ماڻهن جي هوندي آهي. جيڪي لعل سائين سان عقيدت تہ تمام گهڻي ڪندا آهن، پر سندس تاريخ ۽ فڪر کان گهٽ واقف هوندا آهن. ڪين صرف ايتري خبر هوندي آهي تہ سائين قلندر آهي ۽ دنيا ۾ صرف ادائي قلندر آهن يا وري لعل سائين جا اهڙا قصا ۽ تاريخون ٻڌائيندا آهن. جيڪي پهرين ڪنهن جون بہ ٻڌل يا پڙهيل ناهن هونديون. پلا ماڻهو بہ ويچارا ڇا ڪن؟ جو قلندر سائين تي ڪا جامع

Gul Hayat Institute

ريسرچ اجا تائين ناهي ٿي سگهي. لعل سائين تي بہ ڪو ارنيسٽ ٽرپ ڪو ڊاڪٽر سوزلي تحقيق ڪري ها تہ ماڻهو هرو ڀرو ٻڌل ڳالهين تي نہ هلن ها ۽ صورتحال ڪجهہ مختلف هجي ها.

هتيءَ هي ڳالهہ بہ ٻڌائڻ مناسب ٿو سمجهان تہ لعل سائين لاءِ مختلف مورخ مختلف راءِ رکن ٿا. مثال طور مختلف ڪتابن ۾ روايتن ۾ سندن ڄمڻ جو هنڌ ساڳيو نہ مڃيو ويو آهي. ڪي چون ٿا تہ سندن ڄم جو هنڌ "مروند" آهي، ڪي وري "مرند" کي سندن ڄمڻ جو هنڌ مڃين ٿا. ڪي تہ وري "مرو" کي سندن ڄمڻ جو هنڌ تسليم ڪن ٿا. پر گهڻين روايتن موجب سندن ڄمڻ جو هنڌ "آذربائيجان" شهر "مرند يا مروند" آهي. سندن ولادت 538هہ مطابق 1142ع ۾ ٿي. سندس شجره نسب تيرهين پيڙهين ۾ حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام سان ملي ٿو. سندن والد سيد ابراهيم رح کي حضرت حسين عليہ السلام سان ڏاڍو چاهہ ۽ عقيدت هوندي هئي. ڪربلا ۾ سندس زيارت حضرت ابراهيم جوابي جي نالي سان مشهور آهي. سندس والد حضرت ابراهيم رح دنياوي ڪاروبار ڪان لاتعلق سڄو وقت حضرت امام حسين عليہ السلام جي روضي تي گذاريندا هئا. قلندر سائين ستن سالن ڄمار ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو. پاڻ ماهر لسانيات هئا ۽ عربي ۽ فارسي جا بہ ماهر هئا. لعل سائين سياحت جا شوقين هئا ۽ سعودي عرب، هندستان، ايران عراق ۽ افغانستان جو بہ سفر ڪيائون "دست شهباز" (جيڪو مڪران ۾ آهي.) ڪان ٿيندا سيوهڻ آيا. سيوهڻ پهچڻ ڪان اڳ قلندر سائين ملتان ۾ ترسيا، ملتان ۾ سندن ملاقات شير شاهہ جلال رح، غوث بهاءُ الحق ذڪريا ۽ بابا فريد شاهہ شڪر گنج سان ٿي، ان وقت ملتان جو حاڪم شهزادو محمد هو، جيڪو غياث الدين بلبن جو پٽ هو. شهباز جو محمد، لعل سائين جو ڏاڍو معتقد هو ۽ ڪين ملتان ۾ ئي ترسڻ جو اسرار ڪيائين پر لعل سائين انڪار ڪيو ۽ سيوهڻ کي پنهنجي ابدي آرام

Gul Hayat Institute

گاهه طور منتخب ڪيائين.

لعل سائين ٻن شخصيتن، بابا ابراهيم ولي ۽ حضرت جمال شاهه مجرد ڪان علم حاصل ڪيو. ماثر الڪرام سن 1143هه حيات قلندر ليکڪ حيدر مهدي ۽ اطلاعات کاتي طرفان سن 2003ع جي ڇاپيل ڪتابڙي موجب لعل سائين جو مرشد بابا ابراهيم ولي آهي، جڏهن ”الشهباز“ مطابق لعل سائين ڪافي عرصو ابراهيم ولي جي آستاني تي رهيا ۽ اتان فيض حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ هندستان آيا. سيد جمال شاهه مجرد ڪان پنهنجون امانتيون حاصل ڪيائون. سن وصال 650هه جي شعبان جي 21 تاريخ تي ٿيو. سندن وصال وقت سندن عمر 112 ورهيه هئي سن وصال وقت وٽن دل گهريا دوست سيد علي سرمست، سيد عبدالوهاب، عبدالله شاهه ابدال علوي باب ابراهيم ولي جو نور چشم سيد مير ڪلام شاهه سبزواري موجود هئا. جتي هن وقت لعل سائين آرامي آهن، ان جڳهه بابت به عجيب روايتون آهن. ڪن ڪتابن ۾ ائين لکيل آهي ته ان جڳهه پرسان ”بازار حسن“ هوندي هئي. ڪن محققن مطابق ان جڳهه پرسان مندر هوندو هو. اڳوڻي گورنر جنرل پاڪستان غلام محمد جي پٽ انعام محمد پنهنجي ڪتاب Hazrat Lal Shahbaz Qalandar of Sehwan Sharif-1978 ۾ به اها ڳالهه لکي آهي. انهيءَ ڪان سواءِ سائين جي. ايم. سيد به ان راءِ جو قائل آهي ته جتي هن وقت لعل سائين آرامي آهن، ان پرسان شو جو مندر هو. سيوهڻ ۾ جي ٻين ڏمال تي يعني 1 نومبر 1969ع واري بزم صوفيائي سنڌ جي ڏهين سنڌ ثقافت ڪانفرنس پنهنجي افتتاحي خطبي ۾ سائين جي ايم سيد ان باري ۾ هيئن اظهار ڪيو ته جڏهن هن شهر سيوهڻ ۾ لعل سائين آيو ته اهو شو ڌرم جو مکيه مرڪز هو. مسلمان ڪي نالي ماتر موجود هئا. شهر ڪيترين خرابين جو اڏو هو. پر حضرت قلندر لعل شهباز رح اتحاد انساني جي نقطه نگاهه ڪان اهڙو رويو اختيار ڪيو، جو پنهنجي

مذهبن جي پوئلڳن جي دلين تي قابض ٿي ويو. هندو ڪيس راجا پرٿري جو اوتار ڪري مڃڻ لڳا ته مسلمان وري دين فطرت يعني اسلام جو پرچارڪ سمجهي پيروي ڪرڻ لڳا. هو نهايت وڏي عمر ۾ هتي آيو هو. گهڻو وقت حيات نه رهيو؛ پر جڏهن وفات ڪيائين نه شو جا جملي پوڄاري ڦري سندس ملنگ بنجي پيا. وٽس رواداري اهڙي آهي. جو سندس ملنگ اڄا تائين ڪيترين قديم رسمون قائم رکندا اچن ٿا. جي اڪثر شو جي پوڄارين وٽ مروج آهن. جهڙو نفي وڄائڻ، صبح شام نقارا ۽ گهنڊ وڄائڻ، ملنگ ڏاڙهي ڪوڙائي مهر هٽائين ٿا.

قلندر جا عقيدتمند اڪثر ميندين کٽي درگاهه تي حاضري ڏيندا آهن. ميندي جي هي رسم بابت پير علي محمد راشدي پنهنجي شاهڪار ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ ۾ هيئن تحرير ڪيو آهي ته ميلي جي موقعي تي قلندر سائين جي شادي ۽ جي رسم پوري ڪئي ويندي آهي. گهوٽي تائي پوري ڪرڻ جي جوابداري هندن پاڻ تي کنئي هئي، ميندي جا تالهه پري جلوس ڪري نڪرندا هئا. خيالي طرح گهوٽ (قلندر شهباز) کي ميندي لائڻ لاءِ سيوهاڻي ڪلچر کي پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ ۾ هيئن بيان ڪيو آهي ته ”سيوهڻ پراڻو شهر آهي قلندر لعل شهباز ان جو غير فاني بادشاهه آهي. ڪنهن زماني ۾ اتي وڏا وڏا ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا. هڪ دنيا پئي اٿلندي هئي. سيوهڻ ڪيترن ئي ڪلچرن جو سنگم هو انهيءَ سنگم مان سيوهاڻي ڪلچر اسريو. عرف عام ۾ بي فڪرن جو ڪلچر. سو هن طرح ته هنڌ هنڌ تي ڪافيون قائم ٿي ويون. پير صاحب جو بيان ڪيل سيوهاڻي ڪلچر ڏينهون ڏينهن زور وٺندو پيو وڃي. هوئنن ڪافي مطلب ته ڪنهن درويش جي قيام جي جڳهه کي چئبو آهي. پر افسوس ته اڄ انهن درويشن جي ڪافي ۾ سوچجي ته ڇا پيو ٿئي ۽ اڄ اهي ڪافيون ڇا صرف سيوهاڻي ڪلچر کي زور وٺرائڻ جو ڪم ته ڪو نه

پيون ڪن؟ لعل سائين جي ميلي جي موقعي تي اسان لعل سائين جي پوئلڳن کي اها ڳالهه ضرورت سوچڻ گهرجي ته جيڪو ڪلچر هينئر سيوهڻ ۾ رائج آهي ۽ ميلي ۾ نمايان آهي، ڇا لعل سائين اسان کي اهو ڪلچر ڏيڻ آيا هئا؟ حقيقت ۾ لعل سائين ته اسان کي سيکارڻ آيا هئا ته پنهنجي پالڻهار سان عشق ڪيئن ڪجي ۽ حضرت محمد صلعم ۽ آل محمد ص سان عشق ڪيئن ڪجي.

Gul Hayat Institute

قلندر شاهہ لڪياري

# قلندريات

[حضرت قلندر شهباز متعلق ڇپيل پهرئين
سنڌي ڪتاب قلندرنامہ سنڌي جو خلاصو]

گذريل سال استاد محترم تاج صحرائي صاحب فرمايو هو تہ آئون منظوم نذرانۂ عقيدت پيش ڪرڻ بدران مضمون تحرير ڪريان. اهو ئي سوچي روانو ٿيو هئس تہ سال وچ ۾ ڪو ليڪ لکندس پر گذريل عمر وانگر هيءَ سال بہ ائين ئي لنگهي ويو. اصل ۾ اسان شاعر ۽ تقرير باز ماڻهن لاءِ مضمون لکڻ هڪ مشڪل (۽ وري انڪي مجمعي اڳيان پڙهڻ ان کان بہ مشڪل) ڪم آهي، تان جو هن سال سائين جي خط وري مٿان ان جي رمائيندڙ اچي ٽڪاءُ ڪيو ۽ آئون موضوع جي تلاش ۾ منجهي پيس. نيٺ هڪ ڏينهن حسب عادت پراڻن ڪتابن وڪڻندڙ جي ڪباڙخاني جي اٿل پٿل ڪندي هڪ ڪتابڙو هٿ پيم، جنهن اها مشڪل آسان ڪئي. زير نظر (منهنجي باقاعده پهرين) لکڻي ۾ انهيءَ ڪتابڙي جو خلاصو پيش خدمت آهي.

سنڌي ادب ۾ ڪتابيات Bibliography نويسي جو فن اڃا عام نہ ٿيو آهي، جڏهن تہ علمي تحقيق جي ميدان ۾ ڪتابيات ۽ ڪتاب سونهون Index بنيادي حيثيت رکن ٿا. ان صورت ۾ تشريحي ڪتابيات Annotated Bibliography جي ترتيب هڪ اهم ڪم آهي. جيڪو مون جهڙن سيڪڙاٽ محققن جي خاص طور رهنمائي ڪندو. ان ڪري فاضل محققن جي خدمت ۾ اهو عرض آهي تہ هو مختلف موضوعن تي خصوصاً قلندر شهباز رح تي لکيل ڪتاب

جيڪي هاڻي ناپيد آهي. انهن جو تذڪرو ، محفوظ هئڻ گهرجي. ڪو ادارو جيڪڏهن انهن ڪتابن کي مناسب ترتيب ۽ تعارف سان ڇپائي ته علم جي اڃايلن جي جس لهڻي.

زير تلخيص ڪتاب مخزن راز تذڪره شهباز ملقب شده قلندرنامه سنڌي جو مصنف فتح محمد صغير ابن خليفه محي الدين آهي. ڪتاب 1322ھ ۾ لکيو ويو هو. 48 صفحن جي هن ڪتاب جو پڪو ڇاپو مونکي دستياب ٿيو آهي. جيڪو آخوند آدم 1330ھ ۾ ليٿو لاءِ لکيو ۽ منشي پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور لاهور جي نولڪشور پريس مان ڇپايو. سرورق تي ناشر جي ڏنل عمارت مان معلوم ٿئي ٿو ته غالباً قلندر شهباز رح جي باري ۾ شايع ٿيل هي پهريون سنڌي ڪتاب آهي.

"هاڻي هي تواريخ سنڌي منجهه بيان قلندر صاحب جي جو اصلاً ڪانه هئي. هاڻي گهڻي ڪوشش ۽ سعيي سان ميان فتح محمد صغير ويئل سيوهڻ جي گهڻن ڪتابن مان مختصر عمدي تاريخ ناهڻ ڪئي.."

تهميد ۾ مصنف به لکي ٿو ته "عجب ته اهڙي مشهور سردار بلند اقتدار جي اقبال جو مستقل ۽ محقق رسالو سنڌي زبان اڄ تائين ڪنهن تصنيف نه ڪيو آهي".

Gul Hayat Institute

**ماخذات:**

اڳتي هلي مصنف ڪجهه ماخذات جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي لڳي ٿو ته ان وقت جي علمي حلقن ۾ ڪافي مشهور هئا. اڄ خبر ناهي ته انهن جي دستيابي جي ڇا صورتحال آهي.

"مطلب ته جڏهن اهڙو حال مشاهدي ۾ آيو آهي تڏهن راقم هن رسالي جي... انهيءَ احوال صدق مقال جي جستجوئي جي ڪمربنڌي آخر لطف الهي ويمن شاهنشاهي سان گهڻا ڪتاب محقق کي دستياب ٿيا

جن مان هي رسالو انتخاب ڪري تيار ڪيو ويو".

هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ مصنف قلندر نامہ فارسي، تذڪره مشايخ سيوستان ۽ اخبار الاخيار مان خصوصي استفادو ڪيل ٿو ڏسجي جن مان اول الذڪر عجيب رسالو بلڪ فيض جو پيالو سڏي ٿو ۽ ان ڪي رد ٿو ڪري تہ اهو ميان عبدالواحد صاحب سيوستاني جو تصنيف آهي. ان ڪان علاوه متن ۾ بہ ڪيترن ئي ڪتابن جو ذڪر ڪيل آهي. جهڙوڪ: خزينتہ لاصفياء، حديقہ الاولياء لب تاريخ سنڌ، ضمير المجالس، سير الاولياء، تحقيقات الصوفيه، حديقتہ السلوڪ ڪشف اللغات، مصباه الهدايه، شرح ديوان حافظ از ڪمال الدين، تواريخ فيروزي، عشقيہ از شيخ عثمان انصاري، تحفتہ العشاق، تواريخ تذڪره مشايخ سنڌ، تواريخ سروري، حجج الڪرامته از سيد صديق حسن خان درالمختار، مولانا ئي جو تصنيف ڪيل قلمي ڪتاب (مصنف وٽ موجود) سجاده نشين وٽ موجود شجره.

مصنف ڪن ڪتابن کي غير معتبر ڄاڻي انهن کي مسترد ڪيو آهي ۽ انهن جو تفصيل ڪونہ ڏنو آهي. پاڻ لکي ٿو تہ "سندن ساري احوال جو ڪو ڪتاب جيڪو... سيوستان ۾ ڪنهن ڪنهن وٽ موجود هوندو سي بہ وري اهڙا بخيل ۽ مرچوٽ آهن، جن رسالن کي اهڙو مخفي ۽ محجوب ڪري ڇڏيو آهي جهڙو بخيل زر مخفي رکي..... اڳتي هلي لکي ٿو تہ "ڪيترائي ڪتاب نامحقق بہ آهن جيڪي شهر مان هٿ آيا جن جي ڪا بہ ڳالهہ وزن ۾ آڻي نٿي سگهجي. جهڙوڪ هڪ ڪتاب گلستان جيڏو بلڪ قدريءَ وڏو حضرت شهباز قلندر جي سوانحعمري جي بيان ۾ هٿ آيم جن جو بيان اڪثر نامعتبر هو".

ليڪن قلندر شناسيءَ جي سلسلي ۾ اهڙن ڪتابن کي بہ محفوظ ڪرڻ ضروري آهي جو انهن مان ڪي ڪمائتا نڪتا هٿ اچي سگهن ٿا.

**”فصل اول حضرت شهباز جي تولد جي بيان ۾ “**

ٻن صفحن تي مشتمل هن فصل ۾ حضرت قلندر جي والد ماجد سيد ڪبير جي روحاني مرتبي جو ذڪر ڪيل آهي. جنهن بزرگ استغراق دائمي سبب ڀڍيپڻ تائين شادي نہ ڪئي هئي حتيٰ ڪ ”هڪ ڏينهن خواب ۾ ڏٺائون تہ حضرت لعل شهباز عالم ارواح جي مان کين چوي ٿو تہ بابا، مونکي پنهنجي پشت مبارڪ مان ٻاهر آڻيو“ اوچتو بادشاهہ عالي جاهہ سلطان شاهہ والي مروند جي اشارتہ باطني سان انهيءَ خبر تي اطلاع لڌو ۽ انهيءَ مائٽي ۾ سعات دارين سمجهي پنهنجي نياڻي حضرت سيد ڪبير جي راڻي ڪيائين. ”ان بعد حضرت قلندر جي ولادت، ننڍپڻ ۽ تعليم جو مختصر ذڪر ڏنو اٿس.

**”فصل ٻيو حضرت شهباز نسبت جي تحقيق ۾ “**

هن فصل ۾ حضرت جي شجره نسب، جاءِ پيدائش ۽ سندس والد جي مزار مبارڪ بابت بحث ڪيل آهي. ۽ ڪن منجهيل نڪتن جي وضاحت ڪيل آهي.

**”فصل ٽيون حضرت شهباز جي سلسلہ جي تحقيق ۾ “**

هن فصل ۾ قلندر شهباز جي سلسلہ طريقت، سندن مرشد ۽ هم شرب ۽ هم صحبت اولياءَ ڪرام جهڙوڪ حضرت بابا ابراهيم شاهہ جمال مجرد، سيد علي وزير، بابا دلق پوش، سيد عبدالقدوس قلندر، مخدوم بهاءُالدين زڪريا ملتاني ۽ سندس فرزند سيد صدر الدين رحمتہ الله عليهم اجمعين جو ذڪر ڪيل آهي. ان ڪان سواءِ قلندري تبرڪات، سنگ گلوبند ۽ عصا مبارڪ جو ذڪر آهي جيڪي حضرت شهباز کي سندس مرشد حضرت بابا ابراهيم ڪان عطا ٿيا هئا ۽ انهيءَ راءِ جي تائيد ڪئي اٿس تہ اهو سنگ گلوبند حضرت امام زين العابدين جي هٿن مبارڪن جو آهي.

**”فصل چوٿون قلندري طريقي جي باري ۾ “**

هن فصل ۾ جيئن عنوان مان ظاهر آهي، اهل تصوف جي مستند ماخذ جي حوالي سان قلندري طريقي جي وضاحت ڪيل آهي جنهن جو نچوڙ آهي "اهل غرور_ مذهب قلندي کان دور."

"فصل پنجون شهباز جي ظاهري علم جي بيان ۾"

هن فصل ۾ قلندر شهباز جي ذڪاء ۽ سندس عربي فارسي علوم ۾ مهارت جو ذڪر ڪيل آهن. "ستن ورهين جي عمر ۾ قرآن ڪريم ياد ڪيو هئائون ۽ علوم عربيه ۾ ته اهڙو درڪ هون، جنهن جو بيان هي قلم قاصر ڇا ڏيندو". قلندر شهباز جون تصنيفات مصنف جي علم ۾ آيل نه هيون فقط هڪ ڪتاب عشقيه تي مفصل بحث ڪيو اٿس جيڪو قلندر شهباز ڏانهن منسوب هو.

"عشقيه ڪتاب جو مشهور آهي جو سلوڪ ۽ تصوف جي باب ۾ نهايت لذيذ بي حساب آهي سو عاشق ڪامل عارف عامل شيخ عثمان انصاري قادري نقشبندي (جو) تهيل آهي، ۽ خود عشقه جي ديباچه کان جو هن حقير وٽ موجود آهي معلوم ٿئي ٿو ته اِهي غلطي جو سبب رڳو هي آهي ته حضرت شهباز بلند پرواز جو نالو به عثمان آهي ۽ عشقيه جي ٺاهيندڙ جو نالو به عثمان آهي، ڪڏهن ڪن مثالن تي بيت کان متاثر هو، وڏي ڳالهه ته مصنف پاڻ ڪي عثمان انصاري ڪري لکيو آهي ۽ حضرت شهباز بالاتفاق سيد حسيني آهي".

ان طرح ڪجهه مشهور غزليات بابت جيڪي حضرت قلندر ڏانهن منسوب آهن. تحقيق ڪندي مختلف ديوانن جي حوالن ذريعي انهن غزلن جي اصل شاعرن ڏانهن نشاندهي ڪئي اٿس. مثلا:

ز عشق دوست هر ساعت درون نارمي رقصم.
من آني درم ڪه در بحر جلال الله بود ستم.

"حقيقت ڪري اهو پهريون غزل عشقيه ۾ لکيل آهي جو عثمان

انصاري جو تصنيف ڪيل آهي تنهن ڪري ماڻهن کي گمان اصل اهو هوندو هو تہ عشقيہ قلندر شهباز جو ٺهيل آهي. پوءِ اهو غزل بہ عشقيہ ۾ لکيل هو تڏهن نسبت ڪيائون قلندر سائين ڏي".

آخر ۾ هڪ دلچسپ نڪتو بيان ڪندي مصنف رقمطراز آهي تہ "حضرت شهباز جي اڙدو ريختہ زبان ڳالهائيندا هئا ۽ سنڌ ۾ سندس زبان درفشان شايد جاري هوندي هئي تہ ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي."

"فصل ڇهون حضرت شهباز جي سيرن جي بيان ۾"

هن فصل ۾ قلندر شهباز جي زيارتن ۽ سير و سياحت جو مختصر ذڪر ڪرڻ بعد 9 صفحن جو سڄو فصل سندن سيوهڻ شريف ۾ آمد ۽ اتي جي زندگي جي شيرين تذڪري مان پريل آهي. خلق خدا تيندڙ ظلم ۽ هن خطي ۾ موجود فساد بند ڪرائڻ ۾ سندن مجاهدانہ ڪارنامن ۽ ڪرامتن جو ايمان افروز ذڪر آهي. تذڪره مشايخ سنڌ جي حوالي سان مصنف هڪ مقامي ظالم ترڪ جاگيردار جي هاٿوڪي درگاهہ شريف ۽ ان سان ملحق قطعہ زمين تي ملڪيت جي دعويٰ ۽ ان جو شان قلندري ۾ گستاخ ٿيڻ ۽ عصاءِ قلندري سان مري وڃڻ ۽ قبر مان ڪتي جي مڙه ظاهر ٿيڻ واري مشهور روايت متعلق بحث ڪيو آهي جنهن مان حضرتِ قلندر جي معاشي، سماجي ۽ نظرئي جي بہ پروڙ پوي ٿي. ان واقعي جي فقهي ۽ صوفيانہ نقطہ نگاهہ کان وضاحت ڪندي مصنف پنهنجي راءِ پيش ڪري ٿو تہ:

"فقيرن جي نظر ۾ ڪا شيءِ ڪنهن جي ملڪيت نہ آهي، ساري دنيا خدا تعاليٰ جي ملڪيت آهي جيئن قرآن مجيد ۾ آهي قوله تعاليٰ: الارض لله يورثها من يشاءُ من عباده_ فقيرن جو چوڻ آهي تہ هن دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ آهن سي ڪنهن جي ملڪيت نہ آهن. ماڻهو رڳو اجايا خيال پيا رکن تہ هيءَ شيءِ بہ منهنجي آهي ۽ هي شيءِ بہ منهنجي آهي. حقيقت ڪري اها ڳالهہ ماڻهن جي غلط آهي سڀ شيءِ ڪريم قهار جي

آهي جيئن تہ الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن ۾ ذڪر ڪيو آهي: لمن الملک اليوم O لله الواحدالقهارO"

**"فصل ستون حضرت شهباز جي لقبن جي بيان ۾"**

هن مختصر فصل ۾ قلندر شهباز جي ڪن لقبن جي وجه تسميه ۽ انهيءَ مان ظاهر ٿيندڙ روحاني مرتبي ۽ قلندر جي مسلڪ بابت وضاحت ٿيل آهي. سندس لکڻ موجب:

"سندن لقب گهڻا آهن انهن مان: (1) لعل، (2) شهباز، (3) قلندر (4) سيف اللسان، (5) شمس الدين (6) مهدي (7) مخدوم" جي تشريح ڪئي اٿس.

**"فصل اٺون درگاهہ عالي جاه جي عمارت جي بيان ۾"**

هن فصل ۾ درگاهہ شريف ۽ ان سان ملحقہ تعميرات ۽ زيارت گاهن جو تفصيلي ذڪر ڏنل آهي. انهن تي اڪريل ڪتبن جون عبارتون نقل ڪيل آهن ۽ سموري تعميرات جي مرحلہ وار تاريخ ڏنل آهي.

"اول بنا درگاهہ جي عالي جا آهي ملڪ اختيار الدين ڪرائي هئي جو فيروز شاهہ بادشاهہ جي پاران سيوستان ۾ حاڪم ۽ ناظم هئو... (سن تعمير جي) تاريخ بروز هفتم ازماه رجب مبني شداين روضہ بسليٰ 757 هفتصد پنجاه هفت از هجرت مهتر"

جڏهن روضو شريف حضرت شهباز جو تيار ٿيو آهي تڏهن ستن مهينن کان بعد تاريخ 7 مهيني صفر سن 757 ۾ سيد علي حضرت شهباز جي خادم ۽ وزير جي قبر مبارڪ تي بہ مختصر بنا ڪرايائين ۽ انجي تاريخ فارسي ۾ آهي.

هفتم ازماه صفر مبني شداين مرقد بسال_ هفتصد (757) پنجاه هفت از هجرت احمد شمار

"تنهن کان پوءِ مرزا جاني بيگ ترخاني پنهنجي حڪومت جي وقت ۾ ڪمال عقيدت سان گنبذ مقبره جي ڪي از سرنو ٺري ڪم

Gul Hayat Institute

شروع ڪيو ۽ عاليشان عمارت وڌائين. مرزا جاني بيگ ترخاني جي وفات بانجات ڪان پوءِ سندس فرزند ارجمند مرزا غازي بيگ روضي شريف اڳيان عمارت ڪرائي ليڪن سندس عمروفا نہ ڪئي.. جڏهن هڪ هزار سال 1039هه ۾ سيد پوره ملقب بہ ديندار خان (سيوهڻ ۾ آيو) تڏهن عمارت خانقاه جيڪي سفيد ڪرائي پورو تيار ڪرايائين ۽ خانقاه جي صحن ڪي جو اتڪل جريب زمين جو ٿيندو، رنگا رنگي سرن، ڪاشيءَ سان رنگين ڪرايائين ۽ خانقاه اندر مسجد مختصر سهڻي اڏايائين ۽ وڏي دروازي ڪان ٻاهر بہ هڪ عمارت ڪرايائين جنهن جي تاريخ هي آهي:

”چون مسجد بنا ڪرد ديندار خان_ بدرگاه شهباز عالي سرشت
فرد گفت سالش جو بيت العتيق_ دگر مسجد شيخ بوڙه نوشت“

انهيءَ ڪان پوءِ وري ميان غلام شاه ڪلهوڙي پنهنجن احسن عقيده موجب فرش سنگين بہ ڪرايو ۽ اڳيان دروازو وجهايو. جنهن جي تاريخ پارسيءَ ۾ لکيل آهي:

هزار ويڪ صدو هفتا دو زهجري بود_ زڪار داري باقر نشا شدار زاني
زعين مصرع تاريخ خوش بگو صابر_ قبول بادنشان درجناب شاهاني

تنهن ڪان پوءِ جهندي جي هيٺيان جيڪو پٽ آهي اتي مردوس پناڻ ٺيڪيدار فرش پڪن سرن جو وجهايو آهي. تنهن ڪان پوءِ لونگ فقير جي خليفي لعل محمد درگاه ۾ آندو. وزير جي عمارت ڪان اوير پاسي هڪ مسجد مختصر سهڻي سن 1319 بنا ڪرائي جنهن جي تاريخ مون صغير منظوم ڪئي اهي، جا هتي لکڻ ڪيم:

ندا خور از قصورين خوش بدادا_ صغيرا گوک قصر الفيض بادا

ان ڪان علاوه بہ عمارتن تي نهيل نقش نگارن، چراغدانن، دڪين ۽ تعميرات جو ذڪر بالصراحت ڪيل آهي. درگاه تي خدام جي

معقولات جو ذڪر خوش اسلوبي سان ڪيل آهي.

**"فصل ڏائون حضرت شهباز جي مختصر ڪرامتن ۾"**

هن فصل ۾ حضرت قلندر شهباز جي فيض جاريه ۽ ڪرامات عاليه جو ذڪر ڏنل آهي ۽ ڪيترائي عبرت انگيز ۽ ايمان پرور واقعا بيان ڪيل آهن. برسبيل تذڪره سجاده نشين ۽ متولين جو ذڪر به ڪيل آهي.

"اول شيخين جي هٿ ۾ خدمت هئي ته انهن جو بنياد بس ٿيو. پوءِ صلاحداڻي سيدن جي هٿ ۾ خدمت آئي ته انهن جو بنياد به آخر ٿيو. انهيءَ وچ ۾ جيڪي ايام ڪچهري وارن سيدن جو هٿ ۾ خدمت هئي ته انهن کي به اولاد بند ٿيڻ لڳو نيٺ انهن ڇڏي ڏني آهي ۽ هاڻي وري سيدن لڪعلوي جي هٿن ۾ آهي ته سيدن کي به اولاد ڪونهي. خلق خداوند تعالىٰ خالق ۽ قادر مطلق پنهنجي لطف سان هنن سيدن صاحبن جي نسل ۽ اولاد کي وڌائي. آمين ثم آمين بنده دائم دعاگو باشد."

اتين ۽ نائين فصلن جي عبارت ۾ ڪاتب حاجي آدم به تصديقي اضافا ڪيا آهن،

**"فصل ڏهون حضرت شهباز جي نوبت جي بيان ۾"**

هن ۾ نوبت جي اوقات ان جي فلسفي ۾ شرعي جواز قلندري طريقي ۾ نجي اهميت جي باري ۾ علمي بحث ڏنل آهي.

مون کي گهڻن ڏينهن کان انهي نوبت جو جواز ناجواز جو تردد هوندو هو ته گهڻن کان مون ٻڌو آهي ته غير مشروع ڪم چوندا آهن. آخر جڏهن هي، رسالو ناهڻ جو ڪم ڪيم ته هڪ ڏينهن اوچتي هي ڳالهه درا المختار ۾ هن ته وقتي نوبت جو جواز نظر ۾ آيو. يقين ڄاتم ته اهو پڻ تصوت حضرت شهباز عليه الرحمته جو آهي، بلڪ اهڙين ڳالهين جو گهڻن ڏينهن کان تفڪر هو سي هن رسالي کي ٺاهيندي حل ٿيون ۽ گهڻو شڪر گذار ٿيس ته هي به حضرت قلندر جو تصوف هو.

هاڻي مخفي نرمي ته مشرب قلندري ۾ سرود ۽ سماج ۾ ان تي

رقص ڪرڻ جائز بلڪ فرض آهي. ڇو ته انهي مشرب ۾ انهي مشرب وارن ڪي ان سرود ۽ سماج مان اهڙي قلب ڪي نرمي رسي ٿي، جنهن ڪري هو ان وقت ۾ پوري دل جي نرمي سان محبوب حقيقي ڏي متوجه ٿا ٿين. انهن وٽ سرود ۽ سماع محبوب حقيقي جي وصال جو وسيلو آهي ۽ پوءِ سرود ۽ سماج قلندرن وٽ ائين جيئن نماز لاءِ وضو آهي.

ڪتاب جي خاتمي ۾ مصنف جي ڪتاب جي تصنيف جي منظوم تاريخ سنڌي ۾ ڏنل آهي:

"ٻڌ صغيرا اجهو ڪنا هاتف _ آ ٻڌائي مون ڪي اجها هاتف

حال في الحال سرسري تاريخ _ مخزن راز رهبري تاريخ".

آخر ۾ تبرڪا مدح حضرت شهباز بلند پرواز من ڪلام بلاغت و فصاحت نظام جناب مقبول بارگاهه خدا ميان غلام محمد گدا سلمه الله تعاليٰ ڏنل آهي. سندس جي ائن بندن تي مشتمل هيءَ مدح فن شاعري جو نادر نمونو آهي.

آءَ غلام محمد گدا تنهنجو هميشه مدح خوان

تو گهران تو شاهه ڪان هر لحظه من و امان

❊

هر دو جڳ ۾ ڏيو مونڪي نامي خدا عزت عيان

۽ محمد تي سدا ۽ صدق سين ڪلمو ڪهان

❊

اي حسيني لاڏلا ڪر ڪا نوازش جي نظر

عرض آءَ هي ٿو ڪريان تو شاهه ڪي شام و سحر

قلندر شناسي جي ميدان ۾ هيءَ ڪتاب محققن لاءِ اميد ته بهتر سونهون ۽ معاون ثابت ٿيندو.

Gul Hayat Institute

انعام محمد

# سوانح حضرت شباز قلندر رح

فقر کے ہیں معجزات تاج و سریر و سپاہ
فقر ہے میروں کا میر فقر ہے شاہوں کا شاہ
(اقبال)

حضرت حاجی سید حافظ مخدوم شیخ الکبیر محمد عثمان مروندی الملقب بہ لعل شہباز قلندر رح کی ولادت باسعادت ایران کے صوبہ آذر بائیجان کے ایک چھوٹے قصبہ مروند میں سنہ 1177 عیسوی ہوئی آپ کے مورث اعلی عراق سے مشہد ہجرت کر کے آئے اور وہاں سے مروند منتقل ہوئے آپ کے والد ماجد سید کبیر الدین احمد جوابی ایک بزرگ شخصیت تھے اور آپ کی والدہ ماجدہ مروند کے بادشاہ سلطان شاہ کی صاحبزادی تھیں، آپ حضرت امام جعفر صادق رضہ کے پوتے ہیں، آپ نے سات سال کی عمر میں کلام پاک حفظ کر لیا۔ اور حضرت شیخ منصور کی نگرانی میں علوم مذہبی کی تکمیل کی۔ بلوغ کو پہنچنے پر آپ شیخ وقت بابا ابراہیم ولی رح کے حلقہ ارادات میں شامل ہو گئے، جو حضرت موسیٰ کاظم رضہ کی اولاد میں ہیں؛ اور سبزوار میں مقیم تھے اور حضرت سید شیخ مجرد مفتی مصر کے مرید اور خلیفہ تھے، شریعت معرفت اور حقیقت، قرات قرآن، مراقبہ۔ نفس کشی و فقر رفاقہ کی مکمل تربیت کے بعد آپ "عشق حقیقی" اور خدمت خلق کے لیے تیار ہو گئے، ایک سال کے مختصر عرصہ میں شیخ نے آپ کو خلافت نامہ تفویض فرمایا اور اپنی محبت کی نشانی ایک "سنگِ مفتون" عطا کیا۔ جس کو آپ ہمیشہ اپنے سینہ پر لٹکائے رہتے تھے اور پیر کا نام لیتے وقت اس کو بوسہ دیتے تھے، خلافت نامہ ملتے ہی آپ کا لقب لعل شہباز مشہور ہو گیا۔ جس کے معنی

Gul Hayat Institute

" بازوں " کا بادشاہ ہیں، اپنے مرشد کی اجازت سے آپ نے معرفت اور منزل دوست کی طرف گامزن ہونے کا دوسرا دور شروع کیا اور حرمین نجف اشرف اور کربلائے معلیٰ کی زیارت سے اپنے سینہ کو گنجینہ فیوض بنایا۔

ادائیگی فریضہ حج و زیارت مقامات مقدسہ کے بعد قلندر صاحب رح کا تیسرا دور شروع ہوتا ہے۔ آپ نے مروند کو خیر باد کہہ کر ہندوستان کا رخ کیا۔ براستہ ساحل مکران۔ پنجگور۔ پسنی۔ اور لاہوت لامکاں میں قیام کرتے ہوئے ملتان تشریف لائے۔ جہاں آپ کی ملاقات حضرت شیخ بہاءالدین ذکریا سہروردی رح، حضرت بابا فرید گنجشکر رح اور حضرت مخدوم جلال الدین سرخ رح بخاری رح سے ہوئی۔

اسی زمانے میں آپ کی ملاقات ملتان کے گورنر شہزادہ خان شہید فرزند سلطان بلبن سے ہوئی، جو آپ سے اس قدر متاثر ہوا کہ اس نے آپ سے ملتان میں مستقل سکونت اختیار کرنے کی درخواست کی اور آپ کے لیے ایک خانقاہ تعمیر کروائی ملتان کے دوران قیام آپ کو حضرت شیخ صدر الدین عارف سے بہت انس و یگانگت ہو گئی۔ جن کے ساتھ اکثر آپ محفل سماع میں شریک رہے۔

کچھ عرصے کے بعد آپ پانی پت تشریف لے گئے اور حضرت بو علی قلندر رح سے ملے۔ آپ نے حضرت لعل شہباز قلندر کو سیوستان کی طرف کوچ کرنے کا مشورہ دیا۔ جو سیوھن کہلاتا ہے۔ کیونکہ یہ علاقہ عرصہ سے مبلغین سے خالی تھا اور یہاں تبلیغ اسلام کے لیے بہت کچھ کرنا تھا۔ اور پانی پت کے قرب و جوار میں تقریباً تین سو قلندر پہلے ہی سے موجود تھے۔

حضرت قلندر صاحب ایک جگہ پہنچے جس کا نام لکی تھا، یہاں حضرت شاہ صدر کی زیارت کی، جو بڑے بزرگ، مبلغ اسلام اور مجاہد صوفی تھے۔ اس کے بعد آپ سیوھن پہنچ گئے جو قریب ہی تھا۔ جہاں ایک ظالم اور عیاش ہندو راجہ جریا چربت حکومت کرتا تھا، سیوھن اس زمانے میں بت پرستی اور کفر کا بڑا مرکز تھا اور گناہوں اور

Gul Hayat Institute

کفر سامانیوں کی آماجگاہ تھا۔ جوا، شراب اور زنا اس جگہ عام تھے۔ اس ظلمت کدہ کے وسط میں آپ نے اپنے لیے جگہ منتخب کی۔ جس کو چاروں طرف سے ڈمار راجہ اور اس کے آدمی گھیرے ہوئے تھے۔ سیوھن دریائے سندھ کا ایک اہم بندرگاہ تھا۔ اور مختلف ممالک سے جہاز اس مقام پر اسباب تجارت لاتے تھے۔ اس لحاظ سے یہ ایک بڑا تجارتی مرکز بھی تھا۔

جوں جوں وقت گذرتا گیا، حضرت قلندر صاحب کی تعلیمات لوگوں کے دلوں میں گھر کرتی گئیں اور ان کے دل پگھلنے شروع ہوئے اور ظلمت کدہ کفر میں ایمان کی روشنی جگمگانے لگی۔ لوگ جوق در جوق حلقہ بگوش مسلمان ہونے شروع ہو گئے۔

اپنی رعایا کی اس کیفیت کو دیکھ کر راجہ کی چالاکیاں اور فریب کاریاں بڑھیں اور وہ قلندر صاحب اور ان کے مجاہدین کی جماعت کے درپے آزار ہو گیا۔ نوبت یہاں تک پہونچی کہ کفر و ایمان کا فیصلہ جنگ اور جہاد سے ہی ہونا باقی رہ گیا۔ چنانچہ راجہ نے اپنی فوج سے مقابلہ کیا اور اللہ پاک نے مجاہدین کے لشکر کو ایمان اور شجاعت کے ذریعہ راجہ کے مقابلہ میں زبردست فتح دی۔ ایمان قلندر صاحب کی ذات سے نصیب ہوا اور شجاعت سلطان ناصر الدین محمود کی فوج ظفر موج کے ذریعہ۔

جیسا کہ ہندوستان کے ہر علاقہ میں صوفی اور سپاہی لشکر اسلام میں ساتھ ساتھ جہاد کرتے رہے۔ سیوھن میں حضرت نے اسلام کا پرچم بلند کیا اور بنیادیں مضبوط کر دیں۔

راجہ جیسر پر فتح حاصل کرنے کے بعد آپ نے اپنی تعلیمات تیز کر دیں۔ آپ حافظ قرآن تھے۔ عالم۔ شاعر، ادیب، زبان دان، اور صرف نحو کے ماہر تھے اس کے علاوہ صوفی اور مجاہد تھے۔

آپ ہمیشہ عالم تفکر میں رہتے اور استغراق کا یہ عالم تھا، آپ فنائی اللہ کے

Gul Hayat Institute

مرتبہ پر فائز تھے۔اس عالم کیف میں آپ نے یہ اشعار کہے۔

منم عثمان مروندی کہ یار شیخ منصورم
بہ لرزم از ملامت آنکہ من برادر می رقصم

آپ کا لباس ہمیشہ سرخ تھا اور آپ کی سرخ چمکدار آنکھیں ہمیشہ مشاہدہ جلال خلق حقیقی سے سرشار رہتی تھیں اور آپ کی یہ مخمور و مست آنکھیں ہمیشہ عشق حقیقی کا مظہر تھیں اور آپ کی ذات بابرکات بذات خود وحدت الوجود کی مثال تھی، جس مقام پر کہ آپ روحانی مجاہدہ استغراق و تفکر اور عبادت و ریاضت سے پہنچے تھے۔ خودی کی یہ آخری منزل سوائے اس کے اور کیا ہے کہ انسان اپنے روحانی ارتقاء کو محسوس کرے اور اپنے نفس کی معرفت سے آگاہ ہو بمصداق حدیث صہ:

من عرف نفسہ فقد عرف ربہ

قلندر صاحب کو ارادت اور محبت میں ان ناموں سے یاد کیا جاتا ہے۔ عثمان، لعل شہباز، قلندر، سیف اللسان، شمس الدین، مہدی، مخدوم، مست و مست قلندر لعل۔

آپ کا سلسلہ ارادت یہ ہے۔بواسطہ آنحضرت محمد الرسول اللہ صلعم و حضرت علی رضہ حضرت امام حسین رضہ و حضرت امام زین العابدین رضہ و حضرت امام جعفر صادق رضہ و حضرت امام علی رضہ و حضرت شیخ سید مجرد و حضرت شیخ ابراہیم و حضرت لعل شہباز قلندر رح۔

دیگر سلاسل طریقت مثلاً چشتیہ، سہروردیہ، نقشبندیہ، قادریہ وغیرہ کی طرح قلندریہ سلسلہ بھی صوفیا کا ایک اہم طبقہ ہے۔ اس سلسلے کا آغاز حضرت عبدالعزیز علمبردار مکی صحابی قلندر نے آنحضرت کے زمانے میں شروع کیا۔ آپ صحابی رسول صلعم تھے اور اصحاب صفہ میں سے تھے آپ کو سرکار رسالت سے قلندر کا خطاب ملا تھا۔ آپ کا مزار پاک پٹن میں ہے جو ضلع ساہیوال میں ہے۔ کہا جاتا ہے کہ

Gul Hayat Institute

دنیا میں بزرگ مقام ڈہائی قلندر ہیں، جو حضرت بو علی، حضرت لعل شہباز اور حضرت رابعہ بصری ہیں۔

قلندر صاحب نے خدمت خلق اور اعلائے کلمۃ الحق کے علاوہ عشق حقیقی میں وہ مقام حاصل کیا جس کا اظہار ان اشعار سے ہوتا ہے جو آپ نے عالم وجد میں فرمائے۔

میں تمام ممالک کا سلطان ہوں
میں ہر چیز کو ختم کردیتا ہوں
میں اس کو مارتا ہوں کوئی چوں چرا نہیں کر سکتا
میں علم اسرار الاہی کی کنجی ہوں
میں انسانی گناہوں اور لغزشوں سے مبرا ہوں
میں روشنی حسن ازل ہوں۔
روز ازل سے میں سرمست عرفان حق ہوں

قلندر ایک قسم کا رقص کرتے ہیں، جس کو عرف عام دھمال کہتے ہیں جو "رومی درویش" فرقہ کے وجد سے ملتا جلتا ہے۔ قلندر صاحب کا دھمال بھی اسی طرح کا ہے، اس کا مقصد یہ ہے کہ دماغ و روح پر ایک کیفیت طاری ہو اور وہ خالق کائنات کے تصور میں ساکت اور باقی جسم عبادت میں جھومتا رہے۔ اس میں روح۔ قلب اور جسم کا حسین امتزاج ہے، تینوں استغراق و وجد میں پیہم سرگرم کار رہتے ہیں۔ عالم رواج یہ ہے کہ دھمال کے وقت ڈھول کی آواز مستقل رہتی ہے۔ اس کیفیت کو قلندر صاحب نے اس طرح سمجھایا ہے۔

"اپنے دوست کی محبت میں میں
رقص کناں ہوں۔ میں آگ پر
جھومتا ہوں۔ کبھی خاک میں

Gul Hayat Institute

لوٹتا ہوں اور کبھی کانٹوں پر
گھومتا ہوں۔ میں محبت میں
بدنام ہوگیا ہوں۔ میں تم سے
التجا کرتا ہوں کہ تم میرے پاس
آو میں بدنامی سے نہیں ڈرتا اور
بازاروں میں ناچنے سے نہیں ڈرتا۔"

قلندر وہ شخصیت ہے، جو اللہ پاک سے براہ راست فیض پاتا ہے اور یہ عشق و مستی ہے، جو اس سے ظاہر ہوتی ہے۔ اس سلسلہ کے وجدان و ذوق کو الفاظ کا جامہ دینا مشکل ہے۔ اس کو صرف اس جملہ سے سمجھایا جا سکتا ہے جو ایک بزرگ نے تصوف کے معنی پوچھنے پر فرمائے کہ

"اس کی ابتدا خدا ہے اور انتہا کے متعلق یہ ہے کہ اس کی کوئی انتہا نہیں"

قلندر کے متعلق ایک عام غلط فہمی یہ ہے کہ وہ قاعدہ قوانین اور شریعت کی پابندی نہیں کرتا یہ خیال صحیح نہیں ہے کیونکہ قلندر عموماً پہلے مذہبی تعلیمات کی تکمیل کرتا ہے اور اس کے بعد سخت ریاض و مجاہدہ اور عبادت کر کے اس بام عروج پر پہنچتا ہے جہاں اس کو صرف تین چیزیں یاد رہتی ہیں۔

Gul Hayat Institute

اول محبت یا عشق خالق حقیقی

دوم عشق مخلوقات

سوم عملیات جن سے معرفت و ذوق و شوق کا پتہ چلتا ہے اور جو دائرہ اخلاق میں ہوتی ہیں۔

حضرت لال شہباز قلندر حافظ شاعر مجاہد غازی تھے اور عشق حقیقی سے سرشار تھے: ساتھ ہی ساتھ آپ نے اپنے مریدیں اور انسانوں کی فلاح و بہبود کے

لئے زندگی وقف کردی۔

آپ کی وفات 21 شعبان سنہ 673ھ کو ایک سو بارہ سال کی عمر میں ہوئی، آپ کی مزار پُر انوار پر سلطان فیروز شاہ تغلق کے عہد سنہ 757ھ میں عالیشان مقبرہ ملک غیاث الدین حاکم سیوھن نے تعمیر کروایا۔ اس ہی مقبرے کے صحن میں حضرت علی شاہ سرمست (وزیر قلندر صاحب) و سید محب شاہ شیخ منجن کے مزارات بھی ہیں۔ حضرت قلندر صاحب نے وفات سے قبل سید علی شاہ سرمست اور حضرت عبداللہ ابدال کو ہدایات بخشیں۔

دھمال کے ڈھول آج بھی "مست و مست قلندر" کی یاد میں صبح سے رات تک فضائے عالم میں گونجتے ہیں اور آپ کا فیض انوار عالم و عامی کے لئے ابدالاباد تک سر چشمہ لطف و کرم رہے گا۔

فقر مقام نظر۔ علم مقام خبر
فقر میں مستی ثواب علم مستی گناہ
علم کا مقصود ہے پاکے عقل و خرد
فقر کا مقصود ہے عفت قلب و نگاہ

(بال جبریل اقبال)

Gul Hayat Institute

ڈاکٹر وفا راشدی

# عظیم صوفی بزرگ،
# حضرت لعل شہباز قلندر رح

سندھ صدیوں سے تہذیب و تمدن، ثقافت و معاشرت کا گہوارہ تاریخ و سیاست کی آماجگاہ علم و ادب کا مخزن اور تصوف و عرفان کا مرکز رہا ہے، سندھ کی تاریخ تہذیب و ثقافت کی روشنی میں جب بھی لکھا جائے گا تو حضرت لعل شہباز قلندر رح کو بھی پر وقار الفاظ سے یاد کیا جائے گا۔ حضرت شیخ عثمان مروندی المعروف بہ لعل شہباز قلندر کا شمار برصغیر پاک و ہند کے اکابر اسلام و مشائخ عظام میں ہوتا ہے۔ آپ کی عظیم المرتبت شخصیت اور حیات پُر سوز و پر نور کے فیضان سے وادی مہران کا چپہ چپہ سرمست و سرشار ہے۔ شعر و ادب کی دنیا میں آپ کا کیا مقام ہے؟ اس اہم پہلو کو آپ کے شایاں شان منظر عام پر لانے اور آپ کے شعری پیغامات و روحانی نغمات کو روشناس کرانے کی ضرورت ہے۔

Gul Hayat Institute

حقیقت یہ ہے کہ لعل شہباز کی شاعری صوفیانہ خیالات، اسلامی جذبات، قرآنی آیات، وجدانی کیفیات اور معارف و عرفان کے رنگارنگ پھولوں سے کچھ اس طرح آراستہ ہے کہ وہ ایک گلستاں سدا بہار کا درجہ رکھتی ہے جس کی خوشبو، رنگینیوں و رعنائیوں سے روح انسانی معطر اور قلب انسانی شاداں و درخشاں ہے۔ آپ کا کلام تبلیغ دین و اصلاح انسانیت و معاشرت کے سلسلے میں بہت موثر و مفید ثابت ہوا ہے، اس لیے کہ یہ آپ کے افکار عالیہ، آپ کے فلسفہ تصوف، نظریہ وحدت الوجود، افلاح

انسانی درانداز عملو کی بھرپور عکاسی کرتے ہیں۔

لعل شہباز رح جس پایہ کے صاحب علم و فضل اور صاحب تصوف و معرفت تھے۔اسی پایہ کے معلم و مقرر اور ادیب و شاعر بھی تھے۔عربی و فارسی علوم وادبیات پر کامل دست گاہ رکھتے تھے۔قرآن و حدیث وفقہ کا وسیع مطالعہ تھا۔ماہر لسانیات اور ماہر قواعد زبان بھی تھے۔آپ کی کئی کتابیں مدرسوں کی نصاب میں شامل رہیں، جن میں میزان الصرف، صرف صغیر دوم وغیرہ مشہور ہیں۔

آپ کی ولادت باسعادت بمقام مروند اور وفات سیوھن میں ہوئی۔آپ کا نام سید عثمان عرف لعل شہباز قلندر لقب سیف اللسان، شمس الدین، مخدوم و مہدی تھا۔عثمان اور شہباز تخلص کرتے تھے۔بعض سوانح نگاروں نے آپ کا تخلص راجہ بھی لکھا ہے اور راجہ تخلص کے شاعروں کے کلام کو آپ کے کلام کا جزو بتایا ہے۔جو درست نہیں ہے۔اسی طرح بعض شاعروں کے فارسی کلام میں لفظ "شہباز" سے یہ نتیجہ اخذ کیا گیا کہ وہ لعل شہباز کا کلام ہے۔ڈاکٹر میمن عبدالحمید سندھی نی تذکرہ شہباز (مطبوعہ سندھی ادبی اکیڈمی لاڑکانہ) میں تحقیقات کی روشنی میں اس پہلو پہ ناقدانہ بحث کی ہے اور بعض غلط فہمیوں کا ازالہ کیا ہے۔

لعل شہباز کا کلام دیوان یا کلیات کی شکل میں کہیں موجود نہیں ہی، بلکہ ان کی نعتیں اور غزلیات مختلف مضامین و مقالات اور تذکروں کے صفحات میں منتشر ہیں۔تذکرہ شہباز میں اس کے فاضل مصنف ڈاکٹر میمن عبدالمجید سندھی نے لعل شہباز کی ایک نعت اور دس غزلیں جمع کی ہیں، جن کے مطالعے سے آپ کی شاعری سے متعلق کچھ تاثرات مرتب ہوتے ہیں۔

آپ قادریہ مشرب سے منسلک ہونے کے باوجود راہ سلوک میں حیدر کرار حضرت علی کرم اللہ وجہ کی تعلیمات و تصورات کو شان قلندری کی معراج تصور

کرتے تھے """تعلیمات مرتضوی""" کی بنیاد توحید باری تعالی اور فلسفہ فقر پر رکھی گئی۔ فقر اور تجرید میں عالی مرتبہ اور شان بلند رکھتے تھے صرف یہی نہیں مشرب فقر کے زبردست موئید و مبلغ بھی تھے۔

آپ دنیائے علم و عرفان کے ان قلندروں میں سے تھے جن کی عظمت و ہمہ جہتی کی تعریف حافظ شیرازی نے کی ہے۔ مشہور مستشرق، مورخ و محقق مسٹر رچرڈ ایف برٹن نے اپنی قابل قدر کتاب """تاریخ سندھ اور وادی مہران میں بسنے والی قومیں""" میں سندھ میں تصوف کی صراحت کرتے ہوئے سندھ میں دو قسم کے صوفیائے کرام کا تصور پیش کیا ہے، ایک جمالی اور دوسرے جلالی، حضرت لعل شہباز قلندر جمالی صوفیون میں سے تھے، اس لیے حقیقی حسن و جمال کے پرستار تھے اللہ کے نزدیک بھی صاحب جمال محبوب جمال ہوتا ہے کہ بے شک اللہ تبارک و تعالی نے انسان کو حسن زندگی کی تعمیل کے لیے عقل و فہم صلاحیت وادراک جیسی نعمت عطا کی ہیں۔ اس لیے کہ مناظر قدرت اور اشیائے فطرت کی دل فریبیوں سے زندگی میں حسن کا رنگ بھرنا عین مقصد حیات ہے۔

آپ ان مشائخ دین میں سے تھے، جنہوں نے پیہم عمل، مسلسل جدوجہد اور عزم واستقلال کا پیغام دیا، آپ انسان دوستی اور امن و محبت کے سفیر تھے۔ آپ نے اسلام کے پیغام امن کو عام کرنے میں اہم کردار ادا کیا۔ آپ کے نزدیک زندگی خالق دوجہاں کی وہ مقدس امانت ہے، جسے حسن و جمال کا دل کش ودل نواز روپ دینا فرائض انسانی میں داخل ہے۔ زندگی کی رعنائیوں، لطافتوں، کشش ودل کشی سے لطف اندوز ہونا ہر انسان کا حق ہے۔ سائیں لعل شہباز قلندر نے ہر دشوار اور کٹھن منزلیں مردانہ وار طے کیں۔ ان کا دل ہمیشہ گلستان سدا بہار کی طرح تازہ و شگفتہ اور عشق و محبت حسن وجمال کی خوشبوؤں سے مہکتا و دمکتا رہا۔ خود سائیں فرماتے ہیں۔

Gul Hayat Institute

در دست ندارم سنگ من، باکس ندارم جنگ من باکس نگیریم تنگ من،
زیرا خوشم چو گستان

حضرت لعل شہباز قلندر نے اپنی زندگی کے اعلی مقاصد کے حصول کی خاطر صعوبتین جھیلیں۔اپنی زندگی کو""" شمع ہر رنگ میں جلتی ہے سحر ہونے تک """ کے مصداق تج دیا حقیقت و معرفت کی جستجو، جلوہ کائنات، مظاہر قدرت اور اشیائے فطرت کے اسرار ہائے دروں وبیرں سے وقف و باخبر ہونے کی خاطر دور دراز ملکوں، قصبوں اور شہروں کی سیر و سیاحت کی۔ سالکین، عارفین اور صالحین کی صحبتون اور محفلوں سے فیض یاب ہوئے اور ہر جگہ اپنی رشد وہدایت کی شمعیں روشن کیں آپ کا مرتبہ شاعری میں بہت بلند ہے آپ کی منظوم نگارشات لطیف محاسن و مطالب کے ان تمام جواہر کا مرقع ہیں، جو ان کے عہد میں عجمی شاعری کی خصوصیات تھیں۔آپ کی غزلیات کیف و عرفاں کے سرور د نشاط سے لبریز ہی نہیں، بلکہ نعتیں اور قصیدے بھی حیات آفریں و بصیرت افروز ہیں۔ قصیدے کسی سلطان زماں یا حاکم وقت کی توصیف و تحسین میں نہیں کہے اور نہ یہ روش ایک سالک دوراں کے شایان شان تھی۔ آپ کا قلم آپ کی زبان اللہ بزرگ و برتر کے بر گزیدہ بندوں کی خدمت میں نذرانہ عقیدت پیش کرنے کے لیے وقف تھی۔ آپ نے اسد اللہ، محبوب رسول صلی اللہ وسلم حضرت علی مرتضی رح کی شان میں بہت پُر زور اور پر تاثیر قصدے لکھے ان قصیدوں سے جہاں والہانہ وابستگی و شیفتگی کا اظہار ہوتا ہے۔ وہاں آپ کی عارفانہ فضیلت، عالمانہ بصیرت اور شاعرانہ عظمت کا بھی بخوبی اندازہ لگایا جاسکتا ہے حضرت لعل شہباز قلندر کی منظومات گراں مایہ کا تمام تر حصہ نعت اور منقبت جیسی اہم اصناف سخن پر محیط ہے۔ آپ کی غزلیں خالق کائنات، اسباب موجودات، باری تعالی کی ذات باثبات کی حمد وثنا کے کسی نہ کسی پہلو کو اجاگر کرتی ہیں۔ آپ کی نعتیں حضور سرور

کائنات رحمتہ للعالمین اور محسن انسانی صلی اللہ علیہ وسلم کی سیرتِ مبارکہ سے والہانہ عشق اور بے پناہ عقیدت و ارادت کی مظہر ہیں۔ آپ کی نعت کا یہ شعر بہت مشہور ہے۔

کعبہ عشاق باشد روئے احمد دوجہاں
صد ہزاراں روئے خوباں منزل مظہر گرفت

Gul Hayat Institute